# رات گذري ويندي!



منوهر چگهه

# رات گذري ويندي!

منوهر چگهه



**Deepshika Publications**
1, Aaradhana Swastik Park,
Chembur, Mumbai-400071

## سمرپڻ

انتهائي عقيدت ۽ اُڪير منجهان
محترم والدين، ماتا ايشوري ٻائي ۽
پائو ٽانور سنگهه قيمت سنگهه چگهه
جي نالي
جن جي بي پناه محبت ۽ راهنمائي،
ناچيز لاءِ هڪ وڏو سرمايو آهي....

- منوهر چگهه

# Raat Guzri Vendi!
(Collection of Short Stories)


| | | |
|---|---|---|
| By | : | **Manohar Chugh**<br>**M.A.**<br>Programme Executive (Retd.),<br>All India Radio, Mumbai |
| Res | : | 5, Krishna Apartments,<br>10, Golf Links, Union Park,<br>Khar (West),<br>Mumbai - 400 052<br>India |
| Tel. | : | +91-22-2605 3783 |
| Mob | : | +91- 98336 89636 |
| e-mail | : | **maheshasrani@hotmail.com** |



| | | |
|---|---|---|
| Edition | : | **First** |
| Year | : | **December, 2010** |
| Price: | : | **₹ 150/-** |
| Copies | : | 400/- |
| Cover Design | : | **Anand R. Lalchandani**<br>Tel : + 91 - 98208 83807 |
| Layout | : | **Ram Lalchandani**<br>Tel : + 91 - 93237 26436 |
| Printed at | : | **Impressions**<br>212, Allied Ind. Estate,<br>Mahim, Mumbai- 400016 |
| D.T.P. | : | **Shobha Lalchandani**<br>Tel : + 91 - 9322510668 |
| Published By | : | Deepshikha Publications<br>1, Aaradhana Swastik Park<br>Chembur, Mumbai - 400071 |

# پہ لفظ

آءٌ هڪ   ايياسي هوندي جيون جو ٻچ حصو آڪاشوائيءَ جي جدا جدا مرڪزن تي سنڌي ويڀاڳ جو انچارج ٿي گذاريو: جتي سنڌي ٻولي، ساهتيہ ۽ ڪلا جي سدا بهار چمن ۾ آنند ماڻيندي گهڻو ڪجھہ پرايو. هيءُ ڪهاڻين لکڻ جو سلسلو بہ انهيءَ دوران شروع ٿيو ۽ اڄ تائين هلندو رهيو آهي. جڏهن بہ ڪو ڪتاب پڙهندي ڪنهن نقطي تي رڪجي وڃان: رستي ويندي ڪا گهٽنا گهٽجي: سماج ۾ ڪنهن وشيہ تي چوٻول مچي ۽ ڪا غير رواجي شخصيت ڏيان ڇڪائي، تڏهن منهنجي دماغ ۾ ڪنهن ڪهاڻيءَ جو جنم ٿئي ٿو. ڪيترا ڏينهن من ۾ ڪي درشيہ اڀرڻ ٿيڻ شروع ٿيندا، ڪئين پاتر هتان هُتان اُڀرندا ۽ ڪهاڻيءَ جي اسڪرپٽ جو خاڪو ٺهندو رهندو.

مونکي ممبئي پريس انفرميشن بيورو ۾ ڪم ڪندي هڪ قابل اسڪرپٽ رائيٽر، ڀاءُ پريم لکوار جي صحبت ماڻڻ جو موقعو مليو. اسان ٻنهي جي ٽيبل هڪ ئي ڪمري ۾ هئي. هو صاحب انگريزي زبان ۾ لکندو هو. هڪ دفعي کيس شرڊي ڌام استان تي روپڪ لکڻ لاءِ چيو ويو. لائبريريءَ مان چار ڪتاب شرڊيءَ بابت کڻي آيو. مون سمجهيو تہ هڪ ڪلاڪ ۾ روپڪ لکي پورو ڪندو. پر نہ! هو تہ سائينءَ جو درشن ڪرڻ ٽن ڏينهن لاءِ پاڻ شرڊيءَ هليو ويو. چيائين، جيستائين بابا جو درشن نہ ٿيندو: جيستائين شرڊيءَ جي مٽيءَ جي مهڪ محسوس نہ ڪندس: جيستائين شرڊيءَ ۾ شرڌالن سان نہ ملندس ۽ جيستائين شرڊيءَ جي ڀنڊاري ۾ سيني سان گڏ ويهي پرساد نہ کائيندس، تيستائين روپڪ ڪيئن لکي سگهندس! ان بعد هن هڪ پڪي انب جيان لاجواب روپڪ لکيو، جنهن جو سرو هئو 'مسجد دئٽ اِز ڪالڊ دوارڪامئي'.

# فهرست

# مهاڳ

ڪنهن به ٻوليءَ جو تخليقي ادب هڪ اهو سرمايو آهي، جنهن تي
ر ٻولي نه صرف ناز ڪري سگهندي آهي؛ بلڪ ان جي وسعت ۽ بين الاقوامي
ياچار ڏارائن ڪي سموئڻ جي صلاحيت به منجهس ٿيل پرڏيهي ادب جي
رجمن مان جهلڪندي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام ادبي ڏارائن جو جنم پيل
رجمي جي ماڊيم سان ٿيو؛ پر ان ۾ ايڏي نه قوت موجود هئي، جو ان
ياچري تي اڳتي وڌندي جلد ئي هر ميدان ۾ اصلوڪو سنڌي ادب تحرير
يندو رهيو.

ورهاڱي سبب پارت جا سنڌي ماڻهو جيتوڻيڪ جڙن ڪان ڪٽبا رهيا؛
وءِ به تقريبا اڌ صديءَ تائين نه هتي پڻ بهترين سنڌي ادب تخليق ٿيندو
هيو. ايڪويهين صديءَ جو آغاز جتي پارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڇاپخانن
ي بند ٿيڻ ڪان بچائڻ لاءِ ڪمپيوٽر سافٽ ويئر ڏيندي نيڪ فال ثابت ٿيو؛
تي وري اسان جا پنهنجا ئي سنڌي سپاجها هئا، جيڪي پنهنجي ئي گهرن
ان ٻوليءَ جو نام و نشان مٽائڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺا. اڄ حالت اها آهي، جو
جنهن به سرڪاري اداري مان سنڌي ٻوليءَ سان وابسته شخص رٽائر ٿو ڪري
ـه ان سان گڏوگڏ سمورا ٿيڙ به پنهنجو پاٽيهي ٻڌجي وڃن ٿا ۽ ٻوليءَ جي
ڪاس جو هڪ هڪ رستو ائين آهسته آهسته بند ڳهتيءَ جيان گُهٽبو رهي
نو. پلا اهڙي دور ۾ جڏهن تقريبا سپ وڏا وڏا اديب به پنهنجي نئين ٽهيءَ
سان منڙي سنڌي ٻولي نه ڳالهائيندي ڏارين ٻوليءَ جي واهپي ڪي فيشن طور
پنائيندا رهن، تڏهن ادب جي تخليق توڙي سٽي ۽ معياري ساهتيه جي رچنا نه
جڻ هڪ خواب بڻجي رهجيو وڃي!

ٻوليءَ جي ميدان اندر اهڙي تاريڪ دور ۾ 'رات گذري ويندي!' روشنيءَ
جو هڪ ترورو چٽي سگهجي ٿو. منوهر چگهه جي ڪهاڻين جي هن
جموعي ڪان ڪيترا سنڌي سپاجها فيض پائي منور ٿي سگهندا، هينئر نه ان

زندگيءَ ۾ لفظن کي وڏي اهميت آهي. ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ به لفظن جو صحيح استعمال هڪ هنر آهي ۽ انهن کي مناسب ڍنگ سان تحرير ڪرڻ به هڪ ڏانءُ آهي. لفظ، ويچارن ۾ رنگت ڀرين ٿا؛ جن جو اظهار هر انسان جو بنيادي حق آهي. ويچارن جي وستار لاءِ هڪ اثرائتو ماڌيم آهي لکڻ. اُهو نثريه روپ ۾ هجي يا نظم ۾؛ هرهڪ جي پنهنجي اهميت آهي.

منهنجون لکيل ڪهاڻيون عام رواجي زندگي جيئيندڙ ماڻهن، سنڌين جي بستين، موجوده سماجي حالتن، پنگتي جيون، ورهاڱي جي درد ۽ ڏٺل ٻڌل واقعن جي عڪاسي ڪن ٿيون. ڪهاڻيون ريڊيو تان پيش ٿيون، اخبارن ۾ ڇپيون يا ائين ئي فائيل اندر داخل ٿيون؛ تنهن لاءِ آءٌ ڪڏهن به پريشان ڪونه هوندو آهيان. مون لکيو ۽ ويچار ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ ڪاغذ تي منتقل ٿيا، تہ من ۾ ڇڻ روحاني آنند محسوس ٿيندو آهي.شاباس آهي منهنجن ٻارن کي جن اهي ڪهاڻيون ڪتابي روپ ۾ شايع ڪرائڻ جو اشتياق ڏيکاريو. هنن جي اُمنگ ۽ اُتساه سان ئي پهريون ڪتاب، تيهن ڪهاڻين جو مجموعو 'نئون يگ' گذريل سال سنڌي پاٺڪن اڳيان پيش ڪيو ويو.

آءٌ ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ کان مليندڙ هر ممڪن راهنمائي، اُدار دلي ۽ بي پناه قرب لاءِ سندن ممنون ۽ مشڪور آهيان، جنهن هن اشاعت کي منظرعام تي آڻڻ لاءِ پنهنجي تمام صلاحيتن جو ڀرپور فيض ڏنو آهي. ان سان گڏوگڏ آءٌ ان ڳالهہ جو اظهار پڻ ضروري ٿو سمجهان، تہ منهنجي اولين تصنيف 'نئون يگ' کي پاٺڪن، ساهتڪارن، سنڌي اخبارن ۽ ساهتيہ پريمين خوب ساراهيندي آهي. ڀرپور داد ڏنو آهي. ان اُمنگ ۽ اُتساه باعث هيئنر به منهنجن ٻارن انتهائي سڪ ۽ پيار مان هيءُ ٻيون مجموعو ''رات گذري ويندي'' اشاعت هيٺ آڻڻ لاءِ زور ڀريو آهي. مونکي وشواس آهي تہ هيءَ پيشڪش به اوهان جي دلين کي ضرور ڇهندي!

ممبئي 24 ڊسمبر 2010ع

- منوهر چگهہ

پيمي وجي ٿي: جڏهن ڏاڏي پنهنجي پوٽي کي سکيا ڏيندي چوي ٿي :

”اسڪول ۾ استاد پهريائين سبق سيکاريندو آهي ۽
پوءِ امتحان وٺندو آهي؛ پر زندگي پهريائين امتحان
وٺندي آهي ۽ پوءِ اسان کي سبق سيکاريندي آهي!“

’زهر جو ڍڪ‘ ڪهاڻيءَ ۾ زندگيءَ جي ڪيڏي نه ستم ظريفي ڏيکاريل آهي؛ جڏهن شانتي پنهنجي ئي اڻڄاڻ پٽ جي سوال تي کيس چوي ٿي: ”ٺيڪ آهي تنهنجو گهر خالي ڪري ڇڏيندس ۽ اڄ کانپوءِ توهان کان پيسا به ڪونه وٺنديس، پر آمريڪا وڃي پنهنجي پيءُ کان ضرور پڇجانءِ ته ان جو ۽ منهنجو، منهنجو ۽ تنهنجو ڪهڙو رشتو آهي!“ موت ۾ آسمان ڏاريندڙ جواب، ته ”پپا هن جهان ۾ نه آهي. ٻارهن مهينا اڳ هڪ ڪار درگهٽنا ۾ ان جو موت ٿي ويو...“ ان قسم جي واقعه نگاريءَ ۾ انسان جي ڪيڏي نه بيوسي ڏيکاريل آهي. ’تيرا ڪيتا جاتو ناهين!‘ هڪ ناصحانه ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ انسان کي هڪ هڪ وک تي خبردار ٿي هلڻ لاءِ اشارو ڪيل آهي؛ جڏهن ته ’زندگي‘ ڪهاڻيءَ جي مسرت اندوز پڄاڻي ڇڙ روح کي راحت بخشيو ڇڏي؛ جڏهن للچوءَ کان پتيءَ بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ راجو چوي ٿي: ”ڪالهه تائين الائي ڪٿي هو، پر اڄ مون سان ساڻ آهي!“

ڪهاڻي ڪلا جي اها ئي ٽيڪنڪ آهي، ته ان ۾ هرهڪ ڳالهه مضمون جيان ڪونه سمجهائي ويندي آهي، بلڪ واقعه نگاري ۽ ڪردار نگاريءَ جي گهڙت صرف مخصوص لفظن ۾ به وڏيون وڏيون ڳوڙهيون ڳالهيون ٻڌائي ويندي آهي؛ جنهن فن ۾ منوهر چگهه هڪ ماهر جيان موجوده سنگره جي هڪ هڪ ڪهاڻيءَ ۾ ان جي جهلڪ پسائي ٿو. موجوده دور ۾ ڀارت ۾ سنڌين جو پنهنجي ئي ٻوليءَ سان ڏاريائپ وارو وهنوار ڏسندي منوهر چگهه طرفان مادري زبان لاءِ جنون ۽ سندس سپتر مهيش سان گڏ گهر جي هڪ هڪ ڀاتيءَ طرفان ملندڙ اتساهه. هن سنگره ’رات گذري ويندي!‘ جي اشاعت جو نتيجو ته آهي ئي؛ پر ان سان گڏوگڏ ان شفي ڳالهه جو پيش خيمو پڻ آهي ته اڃا به هند ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ساهه سان سانڍڻ وارا مانجهي مڙس موجود آهن!

ممبئي : 29 نومبر، 2010ع

- ڊاڪٽر ٻلديو ٻختراءِ مٽلاڻي
پروفيسر ۽ هيڊ،
ڊپارٽمينٽ آف سنڌي،
يونيورسٽي آف ممبئي

جو ڪاٽو ڪرڻ ئي جڻ بيحد المناڪ پيو لڳي! پوءِ بہ چگهہ صاحب ڪي جس آهي جنهن پارت جي نڄ ڪمرشل واتاورڻ ۾ رهندي بہ ٻوليءَ طرف پنهنجي مضبوط محبت جو اظهار ڪندي سماج جي هڪ هڪ فرد سان ڏک سک ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ لاءِ الڳ الڳ موضوعات کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سمائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي.

آءٌ پنهنجي بيان کي ٻيهر دهرائيندس، تہ جتي ٻولي ڳالهائيندڙ هو پيا ٿيندا وڃن؛ اتي منوهر چگهہ معياري ادب جي تحرير ڪندي سنڌيءَ جي منچ تان پنهنجي لاءِ بيحد عزت ڀريو ڪردار ڳولي لڌو آهي. ان منچ تي ظهور پذير ٿيندڙ اسين سڀ ڪردار هڪ هڪ ٿي گهور اونداهين ۾ گم ٿي ويندا سين؛ پر منوهر چگهہ جهڙيون شخصيات پنهنجي ادب سبب پل پارت جي نئين ٿهيءَ ۾ نہ پڙهيا وڃن؛ پر اُميد تہ سونهاري سنڌ ۾ توڙي بين الاقوامي سطح تي بي پناہ عزت ماڻيندا رهندا. 'رات گذري ويندي!' مجموعي جي هڪ هڪ ڪهاڻيءَ جو پلاٽ بيحد فنائتو ۽ فطري واقعات جي گهڙت جو بهترين مثال آهي. ننڍي ڪهاڻيءَ جون تمام فني خوبيون؛ واقعہ نگاري، ڪردار نگاري، نقط عروج، طرز تحرير ۽ ٻولي، هڪ هڪ ميدان ۾ منوهر چگهہ جي گرفت بيحد مضبوط رهي آهي.

'شري گانءُ' جو پلاٽ آدرشوادي هوندي بہ بهترين واقعہ نگاريءَ سبب پاٺڪن کي جڻ ٻڌي رکي ٿو؛ جنهن ۾ ڏني جو ڪردار تہ پنهنجو پاڻ ۾ انسانيت جا انيڪ گڻ سميٽيندي انتهائي پرڪشش نموني خلقيل آهي. 'احساس جو بوجهہ' جي واقعہ نگاري ڪهڙي نہ غضبناڪ ۽ تز نموني ڪيل آهي؛ جو صرف چند لفظن ۾ ڏاڍي وڏي فلاسافي ٻڌائي ويئي آهي:

''رتنا اوچتو ئي اوچتو گهر کي پٺي ڏني ۽ رستي تان
تڪڙو تڪڙو هلندي پئي ويئي؛ جڻ ڪنهن پکيءَ پنهنجي
آکيري کي باہ جي ليٽن ۾ سڙندو ڏسي تمام دور سفر
لاءِ اڏام ڀري هجي!''

آل انڊيا ريڊيو ۾ پروگرام ايگزيڪيوٽو آفيسر طور ڪم ڪندي گورنمينٽ پاليسيءَ کي فروغ ڏيڻ لاءِ لکيل ڪهاڻي 'رات گذري ويندي!' پڻ جاذب هئڻ سان گڏ ٻئي جي خوشيءَ ۾ پنهنجي خوشيءَ ورو انسانيت جو اعليٰ درس ڏيندي اهڙي تہ فطري نموني تحرير ٿيل آهي، جو ڪٿي بہ ليڪچربازي ڪونہ پيئي لڳي. 'تند بنا تار' ڪهاڻيءَ ۾ باهمي ڪردارن جي گفتگو اندر ۾

# مهاڀارت - آزاد ڀارت

منهنجو نالو دروپدي آهي، ڪڏهن ڪڏهن ممي جهڙو آهي. ڪو ئي ڪڏهن نالو منهنجي اَما رکيو هوندو. هن کي شاسترن پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. مهاڀارت پڙهندي هن کي دروپديءَ جو ڪردار ڀانيو هوندو. دروپدي تہ مهاڀارت جي مکيہ نائڪا ۽ اِتهاس رچيندڙ ناري هئي. هن کي پنهنجي شخصيت هئي. هوءَ ڀارتيہ ناريءَ جو پرتيڪ هئي. پر منهنجو بابو مونکي 'ڪرشنا' ڪري سڏيندو هو.

سچ چيو اٿن تہ نالي ۾ ڇا آهي! بس، دروپدي نالي سان ئي اسڪول ۾ منهنجي داخلا ٿي. جڏهن مئٽرڪ جو اِمتحان ڏيئي گهر آيس: تڏهن بابا چيو ''پٽ ڪرشنا! هاڻ تنهنجي پڙهائي پوري! مان توکي شينهن ڪلهي چاڙهي، گنگا سنان ڪرڻ ٿو چاهيان. ڌيءَ پرائو ڌن. مان تنهنجي لاءِ ور ڳولهي رهيو آهيان.'' تڏهن منهنجي ماءُ رنڊڪ وجهندي مان ايندي ڪيس آواز ڏنو ''دروپديءَ جي شادي 18 سالن کان اڳ ٿي نہ ٿي سگهي. هن جو ٻال - وواه ڪرائي توهانکي جيل وڃڻو آهي ڇا؟ درو تہ اَڃا سورهن جي آهي. هن معصوم ڪچڙي ڪليءَ تي ڇو ٿا گرهستيءَ جو بار وجهو؟''

بابو هٿ ڇنڊيندو ٻاهر هليو ويو. سچ پڇو، تہ منهنجي جنم کان ئي بابي جي ننڊ حرام ٿي ويئي هئي. هن لاءِ گهر جي ڪنيا معنيٰ گهر جي عزت. نيڪي ۽ مريادا.

بابا هميشه مونکي پنهنجي نظر جي دائري ۾ رکندو هو. هي ڪپڙا نہ پاءِ، هن سان نہ ڳالهاءِ. شام کانپوءِ گهر کان ٻاهر نہ وڃ وغيره، وس پڄيس تہ منهنجي شادي اَڄ ئي ڪرائي ڇڏي ۽ پنهنجي جوابداريءَ کان مڪت ٿي وڃي. پر تيستائين تہ بابا جي نيمن ۽ اِنتظام ۾ ٻڌل هئس. بابا جو پسارڪو دوڪان گهر جي پر ۾ هو. بابا جي زندگي گهر ۽ دوڪان سان گڏ سندس بينڪ جي پاس بوڪ تائين محدود هئي. ڪاليج وڃڻ کان تہ

ماتريومي ءَ جي سڌ تي، ڪارگل جي پهاڙن ڏانهن موڪليو ويو. وڃڻ کان اڳ هن مونکي پاڪر ۾ پري چيو ”ڊرو، اَما پرتي ڀوتو آهي. هن ساڃي گهر جي جوابداري هاڻ توتي آهي. هميشه اَما جي آگيا ۾ رهج. خوش رهج. ايشور چاهيو تہ وري ملنداسين.“

’آپريشن وجيہ‘ لڙائي ڪجهہ مهينن تائين هلي. اُهي ڏينهن ۽ راتيون سورويرن لاءِ لڙائيءَ جي ميدان تي توڙي هر ديش پريمي لاءِ اِمتحان جون گهڙيون هيون. اَسان گهر جي ٽنهي ڀاتين لاءِ سخت پريشانيءَ جو وقت هو. ڏينهن اِنتظار ۾ ۽ راتيون جاڳندي گذريون. خبرچار لاءِ ماڌيم هو تہ فقط اِخبارون، ريڊيو ۽ ٽي.وي. باقي منهنجو خاوند ڪٿي هو، ڪهڙي مورچي تي هو، ڪهڙي حالت ۾ هو؛ سڀ ڄاڻ مالڪ کي. اَسانجو ڪم هو ايشور کي آراڌنا ڪرڻ. سو هر پل پئي پڪار ڪئيسين. مون گرو بابا جي چرنن ۾ سر رکي پئي ارداس ڪئي تہ بابا منهنجي سهاڳ جي رکيا ڪج. ديش جي وجيہ ٿئي ۽ منهنجو جانب اگڻ پيهي اَچي!

ديش جي وجيہ ٿي. دشمن کي ڪارگل جي پهاڙن جون چوٽيون خالي ڪرڻيون پيون. پر ڪيئي ڪونڌر ڪسجي ويا. سوين سهاڳڻيون ورتوا ٿيون. اَنيڪ سورما اَپاهج ٿيا. ديش جي شان لاءِ ڪن کي قرباني ڏيڻي هئي، اها ديش جي سپوتن ڏني.

جڏهن منهنجي خاوند ارجن جو سوال آيو تہ فوج جي اَڌڪارين فقط ايترو ئي ٻڌايو تہ ارجن جو ڪو بہ پتو نہ آهي. هو جنگ جي ميدان مان لاپتہ آهي. هن جي کوج جاري آهي. اهو تہ فقط دلاسو هو. من پريشان هو. جڏهن ديش وجيہ جي ڏياري ملهائي رهيو هئو، تڏهن اَسانجي گهر اُماس جي اونده هئي. اِنتظار جون گهڙيون کُٽي نہ کٽيون.

هڪ ڏينهن اَسانجي گهر آيو اَرجن جو لشڪري دوست رام لال هو پڻ ڪارگل جي لڙائيءَ ۾ ارجن سان گڏ ساڳئي گروپ ۾ هو. سموري واردات جو چشم ديد گواه. هن ٻڌايو، ”اَسان جي ٽوليءَ کي ڪارگل جي 1600 نمبر چوٽيءَ کي دشمنن کان آزاد ڪرائڻ جو حڪم ٿيو. اَسان اَڌ رات جو پهاڙ چڙهي چوٽيءَ تائين پهتاسين. دشمن جي ويہ فوجين سان مقابلو ٿيو ۽ اَسان هنن سڀني کي ماري ڇڏيو. پهاڙ جي چوٽيءَ تي وري ترنگو لهرايو ويو. ان مقابلي ۾ اَسان جا چار سولجر شهيد ٿي ويا. اَسان

محروم رهيس. پر ڪمپيوٽر سکڻ لاءِ هڪ اِنسٽيٽيوٽ ۾ داخلا ضرور ورتـ
اُتي منهنجي ملاقات اَسانجي ئي پاڙيسريءَ ڪرن سان ٿي. ڪرن،
اِنسٽيٽيوٽ ۾ ٽيچر هو. مان ڪرن جي شخصيت ۽ گڻن کان متاثر ٿيس
ڏيري ڏيري پريم جو سوتر پڪو ٿيندو ويو. اِئين جڙياسين جيئن نديءَ
ٻہ ڪنارا، ٻنهي جو ٻهريون پيار. هرديہ ۾ آنند جي سيتل هوا مند
لهرائي رهي هئي. بهار جي موسم ۾ اُپون ۾ مکڙيون ٽِڙي پيون. پيار
جهرڻا ڦٽي پيا. پکي پيار جا گيت گنگنائي رهيا هئا. خبر نہ آهي تہ ڪهڙ
دشا کان سرءُ اَچي سهڙيو. سڀ ڪجهہ برباد ٿي ويو. بابا اعلان ڪيو
ڪَرن هڪ تہ گهٽ ذات جو آهي ۽ ٻيو سندس ڪٽنب غريب آهي. دروپدي
جو سڳ هنن سُحِن جي گهر ڪونہ ٿيندو. شينهن بک مري پر گاه نہ چري
منهنجي ماءُ بہ چپ رهي. هاڻي مان پنهنجي گهر ۾ قيدي ٿي پيس.

خبر نہ آهي تہ ڪڏهن راڌا مائٽين واري، ارجن جو رشتو ڪٿي آئي
بابا رشتو منظور ڪيو، ڇو تہ ارجن ڀارتيہ آرميءَ ۾ سپاهي هو. ننيو ڪٽنـ
هو. گهر ۾ ارجن، اُن جي ماءُ پارتي ديوي ۽ ننيو پاءُ شام هئا. شام پنهنجـ
پاءُ کان فقط هڪ سال ننيو هو ۽ شهر ۾ هڪ ننيو هوٽل هلائيندو هو.

ليک، لوها ڪوٽ پاڇي. بس، منهنجي شادي ارجن سان ٿي
بابي جي تہ آس پڳي. ناگپور ۾ منهنجي نالي تي هڪ بنگلو خر
ڪيائين. جهجهو ڏيب ڏيئي پاڻ کي ڌيءَ جي جوابداريءَ کان مڪ
ڪيائين. اَما بہ رخصتيءَ وقت ڪن ۾ ڦوڪ ڏني، ''پٽ، ڌيءَ جي مان
راجا بہ نہ لڌي، ڌيءَ جي ڏولي نڪري پيڪي گهر مان، ڪانئي نڪر
ساهري مان. سدائين پنهنجي ساهري ڏانهن منهن ڪجُ ۽ پيڪي ڏانه
پُٺي. سدا پنهنجي ور گهر سان خوش رهجُ. سيني جي سار سنڀال لهج
شيوا ڪجُ.'' اَما جو آديش ڳنڍ ٻڌم. ساهري گهر ۾ راڄ تہ منهنجي سـ
پارتي ديويءَ جو هو. ٻيئي پٽ ماءُ جا گويا ٻڌا ٻانها هئا. اُٺ تہ اُٺ، ويه
ويه. مون بہ اُنهن سان سُر ۾ سُر ملايو. ٻہ سال اِئين گذري ويا. گهر گرهست
آنند سان هلي رهي هئي.

سال 1999ع اَپريل جو مهينو هو. اوچتو لڙائيءَ جا ڪارا ڪڪ
ڪٺا ٿيا. ڪشمير ۾ ڪارگل جي پهاڙن تي دشمن جي فوج، قبائيلن جـ
ويس ۾ پنهنجو ديرو ڄمايو. جنگ جو ناد وڳو. ملٽري ديش جي سحور
سيما تي حرڪت ۾ اَچي ويئي. ارجن بہ پنهنجي ديش جي حفاظت

ڏينهن پوءِ ٽو پونو ٽي ويو. هڪ سال اَندر منهنجي ڳود ۾ پنڪي هئي. تنهن ڏينهن روح ريلو ڏنو. شام کي ساڻ ڪري ناگپور جي فوجي دفتر ۾ لنگهي ويس ارجن بابت ڪجهه وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ. ڪلارڪ جو اِهو ئي جواب هو تہ دشمن اَڃا تائين P.O.W. جي ڪا مڪمل لسٽ ڪونہ ڏني آهي. جڏهن بہ ڪا خبر ملندي، اوهانکي ڄاڻ ڏني ويندي.

بقول شام، ارجن جو واپس ورڻ ناممڪن هو. چوندو هئو تہ مڙدا بہ ڪڏهن مساڻن مان واپس ايندا آهن. اَما روز سنجها ٽاڻي ڏيئو ٻاري آراڌنا ڪندي هئي. مونکي اَلائي ڇو پڪ هئي تہ ارجن جو ديدار هن جنم ۾ ڪڏهن نہ ڪڏهن ضرور ٿيندو. اهو سومر جو ڏينهن هو، اَما مندر ويئي هئي. مان رنڌڻي ۾ هيس. فوجي جيپ اَچي گهر ٻاهران بيٺي. مون سمجهيو، تہ ضرور ڪو ارجن جو سماءُ کڻي آيو آهي. ڊوڙندي ٻاهر آيس. در تي بيٺل هو منهنجو ساجن! ٻيئي هڪ ٻئي جي آغوش ۾ سمائجي وياسين. ارجن فقط اِهو ئي پٽڪي رهيو هو ''درو I Love You''. تنهنجي ياد جي سهاري ئي مان دشمن جي جيل ۾ وقت ڪاٽي سگهيس. درو، ماں توکي ڏاڍو پيار ڪريان ٿو. تون منهنجي جيون آهين. هاڻ مان توکي ڪڏهن بہ ڇڏي نہ ويندس. پنڪي، خبر نہ آهي ڪٿان 'ممي' 'ممي' پڪاريندي ڊوڙندي آئي! ارجن مونکي پنهنجي ٻاکر مان آزاد ڪيو، پنڪيءَ کي سوالي نگاهن سان ڪيترو وقت ڏسندو رهيو، مان پاڻ کي سنڀالي ڪونہ سگهيس، روئندي، رڙندي، سڏڪن ۾ سمورو داستان ارجن اڳيان بيان ڪري ويٺيس. هو ڪرسيءَ تي شانت ويٺي. سڀ ٻڌندو رهيو. جوالا مکي تڏهن ڦاٽو جڏهن اَما ۽ شام گهر ۾ قدم رکيو. ارجن رڙ ڪري ڪرسيءَ تان ٽپ ڏيئي اُٿيو. ماءُ ڏانهن آڱر کڻندي چيائين، ''ڪاش مان لڙائيءَ ۾ مري وڃان ها! ڪاش مان دشمن جي جيل ۾ ختم ٿي وڃان ها! تو مونکان ڪمڙي جنم جو بدلو ورتو آهي. دروءَ سان ملڻ لاءِ هت آيو هوس ۽ تو مون کان جيئڻ جي اُميد بہ کسي ورتي. مان هاڻ جي ڪري ڇا ڪندس!'' اَما پنهنجي پٽ جي آواز تي ڊڄي ضرور ويئي، پر همٿ رکي چيائين، ''مون ڪو پاپ ڪونہ ڪيو آهي. نہ ئي مونکي ڪو پراشچت ڪرڻو آهي. مون جيڪي ڪجهه ڪيو آهي، اُهو گهر جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيو آهي. گهر کي ٽٽڻ کان بچايو آهي. تنهنجو پيار درو، توکان ڪو بہ جدا ڪري نٿو سگهي. مهاڀارت ۾ دروپدي جڏهن پنجن پاندوَن جي ٿي سگهي

جي ٽوليءَ جو سردار پڻ سخت زخمي ٿيو هو. ان جو ڊاڪٽري علاج
ضروري هو. اَسان جي وير سپاهي ارجن پنهنجي سردار کي ڪلهي
کڻي هيٺ ڪئمپ تائين پهچائڻ جو فيصلو ڪيو. موٽ هن کي من
ڪئي، پر هن بهادر هڪ جوهر ڪري ڏيکاريو. وير ارجن پنهنجي مد
جي جان بچائڻ لاءِ سويل صبح جو ڪلهي تي کڻي پهاڙ تان هيٺ
ويو؛ پر هيٺ ڪئمپ ۾ ڪونه پهتو. ٿي سگهي ٿو ته هو دشمن جي
چڙهي ويا هجن يا ڪنهن درگهٽنا جو شڪار ٿيا هجن. هنن پهاڙ
ڪنهن کي ڳولڻ آهي جڻ سمنڊ مان سئي ڪڍڻ. اَڌڪارين ته هنن کي
ظاهر ڪيو آهي."

رام لال جي ان بيان اَسانکي نراش ڪري ڇڏيو. اُميدن جو ديو
جو ڪجهه وقت اڳ روشن هو؛ سو هاڻ ٽمٽائي رهيو هو. ان اُداس
مايوسيءَ ۽ اِنتظار ۾ به سال گذري ويا. اَما جي صبر جو بند هڪ ڏينهن
پيو. چيائين، "پٽ دروپدي! منهنجي ڪُڇڙيءَ ۾ ڪٿا اَلائي ڪيترا
توکي هن حالت ۾ نٿي ڏسي سگهان. ارجن کي گهر مان نڪتي ٽي سال
ويا آهن. هاڻ تون هن جو وڌيڪ ڪيترو انتظار ڪندينءَ! توکي شادي ڪ
ڇڏڻ گهرجي. مان هن گهر کي به محفوظ رکڻ ٿي چاهيان. تون گهر
ويندينءَ ته اَسان جو ڇا ٿيندو! سڀ کان وڌيڪ ته ارجن وڃڻ وقت گهر
سموري جوابداري توکي ڏيئي ويو هو. مان چاهيان ٿي ته تون پنهنجي
شام سان شادي ڪري پنهنجي گهر گرهستي وري نئين سر شروع ڪر
به ليي، پريت به نه ڇاهي. شايد ايشور کي اِهو ئي منظور آهي."

منهنجي ته سوچ جواب ڏيئي بيٺي. ڇا ڪريان! ارجن سان لائون
اَٿم. هن سان جنم جنم جو ساٿ نڀائڻ جو واعدو ڪيو اَٿم. اَما جي هدايت آهي
ارجن کي وساري شام سان شادي ڪريان. اِهو ڪيئن ممڪن آهي! اَندر وارو
مچيم. پيئي ٻاڏايان ته ايشور منهنجي راهه روشن ڪر. وري اَرجن جا لفظ ڪ
گونجندي رهيا آهن. "هن گهر جي جوابداري هاڻ تو تي آهي. اَما جي اَکيا ۾ ر
اَبو اَمڙ به نه رهيا. ڪنهن کان صلاح وٺان! سس به مڻ سمان آهي. هوءَ ڇو منهنج
هر جو برو چاهيندي. سڀ کان وڌيڪ ته گهر کي جوڙي رکيو هو. سلهيءَ ۾ وي
جي تڪ تور ٿيندي رهي. آخر هڪ مندر ۾ منهنجو ۽ شام جو وواهه ٿي ويو
منگل سوتر لاهي پيو منگل سوتر پاتم. هاڻ اَما شانت هئي؛ پر سنس من جي
هئي ڪنهن روح رڳن ۾ ته ڪنهن پيتن کان بيزار. ارجن جو اِنتظار هينئر ڏي

# نئون سويرو

ديپا جو ٻالڪپڻ مهاراشٽرجي ناسڪ شهر ۾ گذريو. جواني ۾ قدم رکيائين تہ گلاب جي گل جيان ٽڙي پيئي. ديپا شڪل جي سهڻي، قد جي ڊگهي، ڪاريون ڪجليون اکيون، شانائتي ۽ گنڀير. گلابي شلوار ڪڙتي ۾ هوءَ ائين ڀاسندي هئي ڄڻ مغل سلطنت واري شهزادي سليم جي انارڪلي وري هڪ دفعو جنم وٺي آئي آهي. ديپا پنهنجي ماءُ پيءُ جي اڪيلي اولاد هئي. هنن جي اکين جو نور هئي. هن جي پيءُ تہ ديپا جي مستقبل لاءِ سوين سپنا لڌا هئا. هن سوچيو هو، ديپا ايم اي پاس ڪندي ۽ آءِ. اي. ايس. جو امتحان ڏيندي. هن جي شخصيت ئي آهي شاهاڻي. هوءَ ڪليڪٽر يا ڪمشنر ٿي راڄ ڪندي ۽ شادي ڪري پنهنجو گهر وسائيندي.

خاوند کي تہ ڪجهہ ٻيو ئي منظور هو. ديپا اَڃا ڪاليج جي فائينل سال ۾ هئي تہ هن جي سر تان ماءُ پيءُ جو سايو کسجي ويو. ديپا گهر جي چئن ديوارين ۾ اڪيلي رهجي ويئي، پوءِ بہ همٿ جو پلئُہ ڪونہ ڇڏيائين. ايم. اي. (ايڪانامڪس) وشيہ ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين ۽ شروع ڪيائين نوڪريءَ لاءِ درخواستون ڪرڻ. هن کي ڦهريون اپائنٽمينٽ جو خط، ممبئيءَ جي مشهور ڪاليج مان ليڪچرار جي عهدي لاءِ مليو. اها نوڪري ديپا لاءِ دلپسند هئي. هوءَ پاڻ اڃا پنجويهہ سالن جي هئي. ڪاليج جو ماحول هجي، لائبرري هجي، نوجوان طبقي جو ساٿ هجي، دال روٽيءَ لاءِ روزگار جو وسيلو هجي، بس! جيون جيئڻ لاءِ ٻيو ڇا گهرجي!

ديپا ناسڪ شهر سان سڀ لڳ لاڳاپا ڇني، شهر سان جڙيل سڀ يادگيريون سميٽي؛ وشال ممبئي نگريءَ ڏانهن روانی ٿي. ممبئي نگري ڪيس

ٿي تہ هيءَ دروپدي منهنجي هن پٽن جي ڇو ڪين ٿي سگهي ٿي! اَڄ
ڪلهہ ۾ ڪهڙو فرق آهي. هڪ سال دروپدي تنهنجي ٿي رهندي ۽ هڪ
سال هوءَ شام جي ٿي رهندي. ٻار توهان ٻنهي جا ٿي رهندا. باقي گهر ڪ
سرڳ يا نرڳ بڻائڻ اِستريءَ جي وس آ.''

ٻيئي ڀائر چپ ويٺا رهيا. هنن لاءِ ماءُ جو آديش ڄڻ رشي ويد وياس
جي واڻي هئي. هنن جي خاموشي مون کان برداشت ڪونہ ٿي. هيءُ مر
آهن ڪين مڃو! اڙي ٻنهي مان ڪنهن جي تہ غيرت جاڳي ها! ڪو تہ ما
جي فيصلي خلاف آواز اُٿاري ها! ڪو تہ سينو ساهي ها! ڪو تہ منهنجي
حقن لاءِ آواز بلند ڪري ها! نہ، هو ٻيئي ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺا رهيا. هنن لا
مان صرف ڇمڙ ڇٽڻ لاءِ گڏي هيس، جا ڪين ماءُ وٽان سوغات ملي رهي هئي.

مان گهر جي چانئٺ وٽ وڃي بيٺس ۽ ڪين حڪم ڏيندي چيو
''هيءُ گهر مونکي پنهنجي بابا جو ڏنل آهي. هيءُ منهنجو گهر آهي
توهان سڀ منهنجو گهر خالي ڪريو. هن گهر ۾ بي غيرت انسانن لا
جڳهہ نہ آهي. هيءُ مهاڀارت جو يگ نہ آهي. هيءُ آزاد ڀارت آهي. هت
عورت کي برابريءَ جا حق آهن سا سو صاحبہ! متان سمجهين تہ تون ڪ
مهاڀارت جي ڪنتي آهين، مان دروپدي ۽ تنهنجا پٽ پاندوَ آهن. مونکي
تنهنجا مڃو پٽ جي هميشه ماءُ جو پلئہ پڪڙي ٿا هلن، سي بلڪل ڪونہ
گهرجن. متان سمجهين تہ مان هڪ سال تنهنجي هڪ پٽ جو منگل سوتر
پائينديس ۽ ٻئي سال تنهنجي ٻئي پٽ جو منگل سوتر پائينديس. مون لاءِ
منگل سوتر هڪ ڦاسيءَ جو ڦندو آهي. تو ائين سمجهيو، تہ مان گهر ۾
ٻارن ڄڻڻ جي مشين ٿي هر سال پنهنجي ٻار جي پيءُ جو نالو بدلائيندي
رهنديس. مان اوهان سڀني جيان بي غيرت ڪونہ آهيان. مونکي تہ پنهنجي
نالي دروپديءَ کان بہ هاڻ ٻُڇان پيئي اَچي. مان تہ پنهنجي بابي جي ڏنل
نالي 'ڪرشنا' سڏجڻ پسند ڪنديس. مان پل تہ تمام گهٽو پڙهيل ڪونہ
آهيان، پر مونکي وشواس آهي تہ ڪڏهن بہ بک نہ مرنديس، محنت مزدوري
ڪري پنهنجو پيٽ پالي سگهنديس، ناري سنمان جو ننگ رکي ڄاڻان. مان
سڀاڻي ئي ڪورٽ وڃي اوهان ٻنهي کي طلاق ڏينديس. اوهان ٻنهي کان
پنهنجا بند آزاد ڪنديس. مان نئين يگ جي ناري آهيان. پنهنجن حقن لاءِ
لڙڻ بہ ڄاڻان تہ جيئڻ بہ ڄاڻان!''

ڪري رهي هئي.

پرنسپال جي ڪمري ۾ گهڙڻ تي پروفيسر يڪدم اُٿي بيٺو. پرنسپال صاحب چيو ”منسڪاٽي هيءَ آهي اَوهانجي اسسٽنٽ ڪماري ديپا. اَڄ ئي جائن ڪيو اٿائين. ناسڪ مان آئي آهي. جيستائين هن جو ڪنهن هاسٽل ۾ رهڻ جو بندوبست ٿئي، تيستائين دادر ۾ ڪنهن هوٽل ۾ رهيل آهي. جي اوهان کي ڪو اعتراض نہ هجي تہ مان چاهيان ٿو تہ هن کي پنهنجي گهر ۾ ڪجهہ ڏينهن اجهو ڏيوس تہ سٺو. هوٽل ۾ اڪيلي عورت جو رهڻ ٺيڪ نہ آهي.“

”سائين توهان خيال نہ ڪريو. ديپا ڪجهہ ڏينهن منهنجي گهر ۾ رهي سگهي ٿي، مونکي ڪا بہ تڪليف ڪونہ ٿيندي.“ پروفيسر وراڻيو.

پرنسپال جي وڃڻ بعد پروفيسر منسڪاٽيءَ ملايم آواز ۾ چيو ”ديپا ويهہ. مان تنهنجي لاءِ ڪافي گهرايان ٿو. ڪلاس تہ سڀاڻي کان شروع ٿيندا. تون پنهنجي گهر جو حال احوال ڏي.“ ديپا حيران هئي تہ هيءُ منڙو ۽ ملايم آواز ۽ پنهنجائپ جو وهنوار ڇا ساڳئي شخص جو آهي! جنهن صبوح پنهنجي برجستي آواز سان ڇئن نوجوانن ۽ گاڏي جي سيني مسافرن کي هيسائي ڇڏيو هو. ديپا پنهنجي حيرانيءَ کي لڪائڻ لاءِ منهن هيٺ ڪري ڪرسيءَ تي ويهي رهي. ڪافي پيئندي ديپا پنهنجي جيون جو داستان پروفيسر صاحب کي ٻڌائي ويٺي. بس، اُن ڏينهن شام جو ئي ديپا پنهنجو سامان هوٽل مان ڪٽائي اَچي پروفيسر منسڪاٽيءَ جي گهر پهتي. دادر اسٽيشن جي ويجهو، هڪ عاليشان عمارت جي چوٿين ماڙي تي ڪشادو گهر، ٽي ڪمرا، وڏو هال، رنڌڻو، سندر سجاوٽ. گهر ۾ رهڻ وارو فقط پروفيسر ۽ هن جو هڪ نوڪر راڌو. گهر جي صاف صفائي، صاحب لاءِ نيرن ۽ ٻہ ويلا کاڌو تيار ڪرڻ، آئي وئي جو خيال ڪرڻ. سڀ جوابداري راڌي تي هئي. صاحب کي ڪهڙي شيءِ ڪنهن وقت گهرجي، ڪهڙي وقت ڪاليج ويندو، ڪڏهن واپس ورندو، ان جي ڄاڻ راڌي کي پلي پت هوندي هئي.

ديپا کي پروفيسر جي گهر ۾ رهندي ٻہ ڏينهن گذري ويا هئا. پر هڪ دفعو بہ هن جو مڪاميلو پروفيسر سان ڪونہ ٿيو. پروفيسر جي بيڊ روم جو دروازو هميشهہ بند رهندو هو. هڪ شام چانهہ پيئندي ديپا راڌي کان پروفيسر جي

پنهنجي زمين تي پير کوڙڻ جو موقعو ڏئي. تيستائين اَچي هن دائو ڪ
دادر جي هڪ هوٽل ۾!

ديپا لاءِ اُهو ڪاليج جو پهريون ڏينهن هو. ٽڪيٽ وٺي اَچ
چرچگيٽ ڏانهن ويندڙ لوڪل جي فرسٽ ڪلاس گاڏي ۾ ويٺي. هن ج
ڏيان گاڏيءَ کان ٻاهر ممبئي نگري ڏسڻ ۾ هو. گاڏي، گرانٽ روڊ اسٽيشن ڇڏ
چڪي هئي. اوچتو گاڏيءَ ۾ رڙيون واڪا ٿي ويا. چار نوجوان ڇڪ
پڪ ڪاليج وديارٿي، ڪاليج وڃي رهيا هئا. اچي ڪنهن ڳالهه تان
۾ مٺيا. هڪ ٻئي سان هٿين ٻاجين ٿيڻ لاءِ تيار ٿي ويا هئا. گاڏيءَ ۾ ويٺ
سڀ مسافر پريشان ٿي ويا. ڪير هنن ڇوڪرن سان هٿ اٽڪائي. اوچت
ڪنڊ ۾ ويٺل هڪ مسافر، جو ان وقت ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هو: اٿ
بيٺو. عمر اٽڪل چاليهه سال، قد جو ڊگهو، بدن مضبوط، موڪري ڇاتي
شاهاڻي شخصيت. هن ٻاختي ۽ محڪم آواز ۾ ڇڻ حڪم جاري ڪيو

"What's going on. Stop this nonsense. Go to your seats !"

چار ئي ڇوڪرا ڍرا ڍلاجي ويا. پنهنجي پنهنجي جڳهه تي ويهي رهي
سموري گاڏيءَ ۾ خاموشي ڇائنجي ويئي. سڀني مسافرن جون اکيون اُن شاخ
تي کتل هيون. هو پنهنجيءَ سيٽ تي ويهي رهيو ۽ پيهر ڪتاب پڙهڻ ۾ مح
ٿي ويو. ڇڻ گاڏيءَ ۾ ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هو. ديپا پنهنجي نظر اُن ماڻهوءَ ج
چهري تان هٽائي ڪونه سگهي. هن جي ڪنن ۾ ان ماڻهوءَ جو محڪم آو
گونججي رهيو هو. گاڏي اَچي چرچگيٽ اسٽيشن تي پهتي. ديپا لاءِ پنهنج
ذهن مان ان اعليٰ شخصيت کي ڪيڻ محال هو.

ڪاليج جو پرنسپال، پروفيسر سامتاڻي هڪ آزمودگار، نيڪ ۽
نوڪي اُستاد هو. ديپا جي حال احوال کان واقف ٿي کيس وٺي آيو ڪاليج ج
وائيس پرنسپال ۽ ايڪانامڪس وڀاڳ جي پروفيسر منسڪائيءَ جي ڪمر
پروفيسر منسڪائيءَ جي آفيس ۾ گهڙندي ئي ديپا ته پٿر جي مورتيءَ جيان بيه
رهي. ڪمري جي وچ تي وڏي ميز تي ڍنگ سان رکيل انيڪ ڪتاب. ڪم
جي سهڻي سجاوٽ. ميز جي ٻئي طرف موڪري ڪُرسيءَ تي ويٺل هو.
شاخص جنهنجو ديدار هن اُن ڏينهن صبوح جو گاڏيءَ ۾ ڪيو هو ۽ جنهن جي اع
شخصيت جي ڇاپ هوءَ اَجا پنهنجي ذهن مان ميسارڻ جي ناڪامياب ڪو

پروفيسر ديپا کي ڪاڄھ ڪڻ ٽسندو رهيو. پوءِ آهستي آهستي چيائين ''مس ديپا! تو منهنجي لاءِ جيڪي ڪاڄھ ڪيو آهي. تنهن لاءِ تنهنجي وڏي مهرباني. مان چاهيان ٿو تہ تون پنهنجي رهڻ جو بندوبست جلد ڪٿي ٻئي هنڌ ڪر. پيار اَڄ ڪالهہ جي جوانن لاءِ هڪ اظهار جو لفظ ٿي پيو آهي. سچ تہ پيار روحاني چڪ آهي. پيار پائڻ آهي مکڻ جي شيشي پاڇائڻ. پيار جو پنڌ اٽانگو آهي. پيار جو سبق سکڻو اٿيئي تہ سسئيءَ کان سک. نوريءَ کان سک. پيار کو کيل تہ ڪونہ آهي. پيار کي رَسَڻَ ۾ بہ وقت لڳي ٿو. پيار جي جذبي کي سمجهڻ لاءِ مياچيو رتيءَ جي ضرورت آهي. تون چئين ٿي تہ تنهنجو مون سان پيار ٿي ويو آهي! اِهو پيار نہ آهي شايد تنهنجي واسنا آهي.'' اهو سڀ ٻڌي ديپا چُپ ٿي وئي ۽ اُٿي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي.

بس ٻئي ڏينهن ئي ديپا پروفيسر صاحب جي گھر مان پنهنجو سامان کڻائي هلي وئي. پروفيسر بيماريءَ کان پوءِ جڏهن ڪاليج ۾ آيو تہ کيس ڄاڻ پيئي تہ ديپا ڪاليج ۾ پنهنجي استعفيٰ ڏيئي هلي وئي آهي. هن پنهنجو ڪو بہ سرنامو ڪونہ ڇڏيو آهي. پروفيسر پنهنجي ڪئي تي ششدر تہ ضرور ٿيو. پر ڪري ڇا ٿي سگھيو!

وقت گذرندو رهيو. اٺ سال وهامي ويا. انهن اٺن سالن ۾ نہ ڪڏهن پروفيسر ديپا کي ڀلائي سگھيو هو ۽ نہ ڪڏهن ديپا ئي پروفيسر کي وساري سگھي هئي. پروفيسر تہ هميشہ اهو پيو سوچيندو رهيو هو تہ کيس ديپا سان سختيءَ سان پيش اچڻ نہ گھربو هو. هُن تہ پنهنجي پيار جو اظهار ڪيو هو. پل تہ اُن وقت اهو پيار هڪ طرفو هو. هاڻ تہ منهنجي من ۾ بہ ديپا لاءِ پيار جا سلا اُپري آيا آهن. پل پل ديپا کي ياد ڪرڻ. هن جي چڱاين کي ياد ڪرڻ. هن سان ڪيل وهنوار لاءِ بار بار افسوس ڪرڻ! هن سان ملڻ لاءِ پريشان ٿيڻ، پيار نہ آهي تہ ڇا آهي! مان ديپا سان پيار ڪريان ٿو. شل هڪ دفعو ديپا سان ملڻ ٿئي. مان هن سان پنهنجي جذبات جو اظهار ڪريان ۽ بس. ديپا تہ پروفيسر کي ڀلائڻ لاءِ ممبئي نگري کان دور وڃي چندرپور جا وڻ وسايا. پاڻ کي آديو اسين جي سيوا ۾ ارپڻ ڪري ڇڏيو. سيوا تہ هن جي رڄ هئي پر نادان من کي ڪير سمجھائي. ور ور ڪري ٿي اُڏامي آيو ممبئيءَ ڏانهن. گھڙيءَ گھڙيءَ ٿي ماضيءَ جي پلن کي ساريائين. هن کي پڪ هئي تہ اُهي پل واپس ڪونہ ورندا. لمحن جو سورج هڪ دفعو لهندو آهي تہ وري ڪونہ چڙهندو آهي. گذريل پل، خيرات جيان ڪڏهن بہ ڪشڪول ۾ نہ ڪرندا آهن.

گذريل زندگيءَ بابت پڇي ئي ويٺي. راڻو تہ ڄڻ ڇلڪي پيو. ''صاحب
شادي ممبئيءَ جي مشهور اُديوگ پتيءَ جي ڌيءُ، وينا سان ٿي هئي. پنهنجن
جي گهر گرهستيءَ ۾ هڪ ٻئي کان ڪٽا ٿي پيا. وينا چوي تہ تون پروفيسري ڇڏ
منهنجي پيءُ سان ڌنڌي ۾ شامل ٿيءُ. تنهنجي ماستريءَ لاءِ منهنجون ساهيڙيون
مونکي مهڻا ٿيون ڏين. تنهنجي ڪمائيءَ مان گهر ڪيئن هلندو! ڪهڙو
رهندو سماج ۾! صاحب چوي ماستريءَ جو پيشو تہ نيڪ پيشو آهي. مان ساهت
طبيعت جو ماڻهو. مان ڇا ڄاڻان ڌنڌي جي داو پيچن مان. توکي منهنجو پيشو
پسند ڪونہ آهي: اهو تہ توکي شاديءَ کان اڳ سوچڻ کپندو هو. تنهنجي پيءُ
جو حڪم منهنجي گهر ۾ نہ هلندو. بس روز روز جي اِن کٽ پٽ ٻنهي
کي آڻي ڪورٽ جي دروازي تي ڪڙو ڪيو. ٻنهي جي طلاق ٿي وئي
وينا ٻي شادي ڪري اَمريڪا وڃي رهي آهي. صاحب ڇهن سالن کان
گهر ۾ اڪيلو رهندو آهي.''

ديپا من ئي من ۾ وينا تي ناراض ٿي ويئي. ڇي، وينا جا ڪي نصيب
خراب هوندا جو ههڙي پتيءَ کي فقط پنهنجي عيش ۽ آرام لاءِ هيئن رولي وئي
آهي. شادي معنيٰ ساٿ ۽ سمجهوتو. هن تہ پنهنجي گهوٽ سان نہ سمجهوتو
ڪيو ۽ نہ کيس ساٿ ڏنو. ديپا کي پروفيسر جي گهر ۾ رهندي ڏه ٻارهن ڏينهن
گذري ويا. هڪ رات راڻي اچي ديپا جي ڪمري جو در کڙڪايو. ڇي، صاحب
کي سخت بخار آهي. نيم بيهوشيءَ ۾ پيو وڦلي. تون ڊاڪٽر کي فون ڪر
صبوح تائين ترسي ڪونہ سگهبو. ڊاڪٽر آيو. سُئي جو بخار ڇاڻايائين. پروفيسر
کي ڏه ڏينهن بستري تي رهڻ جي هدايت ڪيائين.

ديپا، ڏينهن رات پروفيسر جي سيوا ۾ رهي. وقت تي دوا، وقت
کاڌو. سڀ جوابداريون ديپا پاڻ مٿان کنيون. هاڻ بخار ٽُٽي چڪو هو. پروفيسر
بستري تي ليٽيل هو. ديپا کير جو گلاس آڻي پروفيسر کي هٿ ۾ ڏنو. پروفيسر
چيو. ''ديپا! مان تنهنجا شڪرانا ڪيئن مڃيان. تو تہ مونکي موت کان بچايو
آهي''. ''سر! ان ۾ شڪرانا مڃڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي! اِهو تہ منهنجو فرض
آهي''. ''فرض! ڪهڙي لحاظ کان منهنجي سيوا ڪرڻ. تنهنجو فرض آهي
''سر! هڪ ڳالهہ چوان!''

''ها! بلاشڪ''

''پيار تي ڪنهن جو زور تہ ڪونہ آهي.''

# پل پل جو موت

ڪبير جڏهن پنهنجي پيءُ ماءُ راجيش ۽ سدا اڳيان وديش وڃي وڌيڪ پڙهائي ڪرڻ جي رٿ رکي، تڏهن ٻيئي پتي پتني پريشان ٿي ويا. سدا ته چئي ڏنو، ”پٽ! مان تو بن اڪيلي جي ڪونه سگهنديس. اَسان گهر ۾ ڇٽا ٿي تون اَسانجي اکين جو تارو. تون هلي ويندين ته اَسان ٻنهي ڪي هن گهر جون ڀتيون کائڻ ايندين. نه بابا نه! هت رهي جيترو پڙهڻو اٿيئي ڀل ويٺو پڙهه.“ ڪبير جي گهڻي سمجهائڻ تي راجيش چيو ”پٽ! جي تنهنجو وديش وڃڻ ايترو ضروري آهي ۽ تنهنجي آئنده جو سوال آهي ته ڀل وڃي ٽن سالن لاءِ پڙهي اَچ. پر خيال رکج ته اَسان ٻنهي توکي پيرن فقيرن کان پني ورتو آهي. اَسان جو جياپو توسان ئي جڙيل آهي. جيستائين تون سک سان واپس نه ورندين، تيسين اَسان سک جي ننڊ سمهي ڪونه سگهنداسين.“

ڪبير آمريڪا ڏانهن روانو ٿي ويو. سدا پنهنجي دل کي ڏڍ ته گهڻا ئي ڏنا پر نادان دل ڪاجهه مڃي به نه! سدا پنهنجي پٽ ڪبير جي جدائي سهي ڪونه سگهي. وڃي ڪٽ پڪڙيائين. روز شام جو هن کي بخار اچڻ لڳو. ويئي ڪمزور ٿيندي. راجيش هن کي گهڻو ئي سمجهايو ته هاڻ پاڻي ولوڙڻ مان مکڻ ڪونه نڪرندو. اَسان جو ڪبير سُپاتر آهي، پڙهائي پوري ڪري جلد واپس ورندو. هن جي اُنتي اَسان جي اُنتي آهي. راجيش جون سڀ سمجهاڻيون هيون اونڌي گهڙي تي پاڻي. چنانچه ڏينهن منجهند جو ٽپالي گهر ۾ آيو. چيائين ”مسٽر راجيش لاءِ ڀوپال مان ڪنهن خان محمد جو خط آيل آهي. توهان مهرباني ڪري سومر ڏينهن صاحي ڪري خط مکيه پوسٽ آفيس مان وٺي وڃجو.“ ٽپاليءَ جو نياپو ٻڌي سدا جا ته ڇهه ئي ڇاڇي پيا. اُهو ئي ڪاجهه ٿيو جنهنجو ويهه ٻاويهه سالن کان سدا کي ڌپ هو. شڪيلا تو هي ڇا

فقط رهجي ويندي آهي اندر جي آسمان تي يادگيرين جي انبلٽ. پر من ڪڏهن ت
اَهڙا دليل ڏنا هئي! پروفيسر صاحب کي پنهنجي من مندر مان ڪڍي ڪونہ سگهي. ه
جو ڏينهن تہ آديو اسين جي سيوا ۾ گذري ويندو هو، پر رات ننڊ ۾ ڀي ويامڻ جي ئ
ڪونہ ڪندي هئي. پاسا ورائيندي پيئي چوندي هئي سر! مون تہ توسان پ
ڪيو آهي، تو مونکي هيءُ وڇوڙي جي سزا ڇو ڏني آهي؟ تو تہ منهنجي پيا
کي ڪونہ سڃاتو. خير! تنهنجي ڏنل سزا ست ڪري ڀوڳي رهي آهيان. آس ا
ئي اَٿم تہ پلڻ کي تنهنجي پيار پلڻ لاءِ قلبل بڻائي سگهان، بس!

14 آگسٽ. هر اخبار جي پهرين صفحي تي ديپا جو فوٽو هو. هن کي آديو اسين جي
وڪلس ڪاريہ لاءِ پدم شري جو خطاب آزاديءَ جي ڏينهن جي موقعي تي عطا ڪيو ويو هو
سلڻ سلڻ اخبار ۾ هئي ديپا ڪان ورتل ننيي ملاقات!

”توهان کي هن مهان ڪاريہ لاءِ ڪنهن اُتساهت ڪيو؟“

”منهنجي راهنما! جنهن مونکي پيار جي راه ٻڌائي. هن چيو هو پيار پلڻ آهي مکڻ جي شيخ
پاڇلڻ. مکڻ جي شيخ پاڇاپان پيئي. پلڻ کي پل پل جهوريان پيئي. يادگيرين کان مُڪتي پلڻ لاءِ
سيوا ڪريان پيئي.“

”ڪماري ديپا اوهان شادي ڪنهن تا ڪريو؟“

”شادي تہ آهي دلين جو ميل. مان هُن سان ملي پيئي آهيان.“

اخبار پڙهندي ئي پروفيسر منسڪاڻيءَ جو من خوشيءَ سان جهومي اٿيو. اٺ سالن جي
جدائيءَ جي چڪ پر جوش پڙ ڪو ڪلئي اٿي. پروفيسر ديپا ڏانهن و اداين جي تار موڪلي ءِ سان
سلڻ سنديش ۾ لکيو ديپا! آءِ لو يو! سڀاڻي صبوح جو نگپور هوائي اڏي تي ملندا سين.

ٻئين ڏينهن 15 آگسٽ ديپا لاءِ نئين سويري جو ڏينهن هو. سويل صبوح جو جڏهن ممبئيءَ
کان اينڊڙ هوائي جهاز نگپور هوائي اڏي تي لٿو، تڏهن ديپا جي دل جي ڌڙڪن تيز هئي. هن جون
اکيون پنهنجي پيار لاءِ اجهائي رهيون هيون. پروفيسر پريان ئي پنهنجي ديپا کي ڏٺو. وقت تہ
ديپا جي مٿان قهر ڪيو هو. هن جي اکين تي چشمو هو. وارن جي ڳين چڳ اڇي تي ويئي هيس.
چمڙي سخت محنت سبب جهڪي تي ويئي هيس. پر سڪ ۽ محبت جي چمڪ اکين ۾ ڀي
کان ڀَري هيس. اٺ سالن جو وڇڙو هڪ کڻ ۾ ويلمي ويو. ٻيئي هڪ ٻئي جي آغوش ۾ سمائجي
ويا. ٻنهي جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. ٻنهي جي چپن تي هڪئي ترنم هئي، آءِ لو يو! آءِ لو يو!

شادي ڪري، پنهنجي نئين بيگم کي ساڻ ڪري ٻن سالن لاءِ ڪنهن نوڪريءَ
ني دبئيءَ هليو ويو آهي. مون پاڻ کي ڏينهن سان پاتو آهي، پيئي سوچيان ته
ميءَ عورت جي ڪهڙي زندگي آهي. جڏهن هن وقت منهنجي ساجن کي مون
سان ساڻ هئڻ گهرجي تڏهن مونکي اڪيلو نرآڌار ڇڏي نئين عورت سان دور
يش ۾ رنگ رليون منائي رهيو آهي. هن لاءِ هاڻ مان ته ڇڻ پراڻي جُتي آهيان ۽
فقط در تي ويٺل هڪ ڪُتي. مان جڏهن ٻار کي جنم ڏينديس، تڏهن منهنجي
خوشين ۾ هو شامل ڪونه هوندو. فقط ٽيليفون ڪري ڪيس ٻار جي جنم جو
طلاع ڏينديس. اِهو به ممڪن آهي ته هن جي ٻي عورت به اُن وقت ٻار کي جنم
ڏئي، ۽ هو شايد منهنجي ٻار کي ٺڪاري ئي ڇڏي. شايد مونکي طلاق ڏي.
شايد ٻار سوٽو هن گهر مان مونکي لوڏي ڪيي ڇڏي ۽ مان در در جون ٺوڪرون
کاوان يا ٻي شادي ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي وڃان. ڪهڙو آهي منهنجو آئينده ۽
ڪهڙو آهي منهنجي ٻار جو آئينده. سڀ جو سڀ اونداهو. مونکي ته ڪٿي
به آشا جي ڪِرن نظر نه ٿي اَچي. مان ته سڀ ساهي وڃان پر منهنجو ٻار سڀ
ڇو سهي. مان سوچيان پيئي ته اَبارشن ڪرائي ڇڏيان. هونءَ به منهنجي
خاوند کي خبر نه آهي ته ڪو مان ڏينهن سان آهيان. پر منهنجو مذهب ڳري
پات، جي پروانگي نٿو ڏي. پنهنجي دين جي نافرماني ڪري مان دوزخ ۾
وڃڻ نه چاهينديس. ڇا ڪريان! ٻن باهين ۾ آهيان.

شڪيلا بانوءَ جو داستان ٻڌي سڌا جا ته تاڪ لڳي ويا. پاڻ سنيالي
چيائين. ”ايشور جا رنگ به نرالا آهن. مان ڇئن سالن کان پيئي سِڪان ته ايشور
مونکي ٻار ڏئي منهنجي ڳود سائي ڪري. مان سرتين ۾ سونهان. مونکي سُنڊ
هئڻ جي مهٽي کان بچاءِ پر هو ٻڌي نه ٿو ۽ توتي سائينءَ مهر ڪئي آهي ته
تون ڳرڀ پات ڪرائڻ لاءِ تيار ٿي وئي آهين. شڪيلا ديدي! تون ڪجهه
سوچ. خدا تعاليٰ تنهنجي ڳود ڀري آهي. تون اِن اَنش کي ناس نه ڪاج. خدا
سڀ چڱائي ڪندو.“

شڪيلا شوڪارو ڀري چيو ”چڱو ڇا ٿيندو! اَسانجي سماج دين جو
سهارو وٺي اَهڙا نيم ۽ قانون ٺاهيا آهن جنهن ۾ عورت ڇؤڪنيي جڪڙجي وئي
آهي. بس ٻڌن ئي ٻڌن، پر مان پنهنجي ٻار کي انهن حالتن جو شڪار ٿيڻ
ڪونه ڏينديس. شڪيلا ڳالهائيندي رُڪجي وئي، هوءَ يڪ ٽڪ سڌا ڏانهن
نهاري رهي هئي. اوچتو سڌا ڏانهن آڱر کڻي چيائين، ”تون منهنجي ٻار

ڪيو؟ شڪيلا تو پنهنجو وچن ڪونہ پاليو! منهنجو ڪبير، منهنجو ڪبير چلائيندي هوءَ بيهوش ٿي ويئي. هن کي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو، پر ڦڪين فرق نہ ڪيو. سدا هئي ڏينهن ساسين سڪالي ٿي ويئي....

سدا کي شادي ڪئي چار سال نبري ويا هئا. پر هن کي ڪو سنتان ڪونہ ٿيو. اَنيڪ پير فقير پيٽيائين. اَنيڪ مندرن ۽ گردوارن تي باسون باسيائين. اَنيڪ طبيبن ۽ ڊاڪٽرن کان علاج ڪرايائين، پر وريو ڪجهہ بہ نہ. سيني جي پاڇ پاڇ، پنهنجن جا مهڻا، سدا تہ حيران پريشان ٿي ويئي. پنهنجي هٿ ۾ هاجي ها تہ سدا لک خرچي بہ ٻار خريد ڪري اَچي ها؛ پر عُمر آڏو ڪير اَچي. قدرت سان ڪير سينو ساهي. سدا جي من کي ٿوري راحت تڏهن ملي جڏهن ڪجهہ وقت لاءِ راجيش جو ٽرانسفر ممبئيءَ مان ڀوپال ٿيو. پرديس ۾ نہ ڪو سڃاڻ وارو، نہ ڪو پڇڻ وارو. پنهنجن جي پاڇ پاڇ کان سدا کي نجات ملي ويئي.

راجيش ۽ سدا ڀوپال ۾ ٻہ ڏينهن تہ ڪنهن هوٽل ۾ رهيا، پر جلدئي هو اَچي هڪ بنگلي ۾ مسواڙي ٿيا. بنگلي جو مالڪ هو خان محمد؛ پر بنگلي ۾ اڪيلي رهيل هئي، هن جي زال شڪيلا بانو. ٽئن ڪمرن مان ٻہ ڪمرا سدا کي ڏنا ويا ۽ باقي هڪ ڪمرن ۾ شڪيلا سُري ويئي. خان محمد جي دبئي هلي وڃڻ کان پوءِ شڪيلا کي ٽئن ڪمرن وارو بنگلو کائڻ پئي آيو. هاڻي شڪيلا سدا کي پنهنجي پر ۾ پائي پاڻ کي محفوظ سمجهي رهي هئي. ٻہ تہ ٻارنهن. اڪيلو نہ روئندو صحيح نہ کلندو صحيح. گهر ۾ ٻہ هم عمر زالون. هڪ ئي چلهہ تي ماني پچائڻ ۽ هڪ ئي ٽيبل تي گڏ ويهي کائڻ. هڪ ٻئي سان حالي اَحوالي ٿيڻ. ساهيڙپ جو پيچ تہ پونڊو ئي نہ! شڪيلا بانو ۽ سدا، ٻيئي هڪ ٻئي جون سکيون ٻڻجي پيون. ٻنهي کان هاڻي هڪ ٻئي جو ڀيٽ ڳجهہ نہ رهيو.

هڪ ڏينهن سويل صبوح جو سدا ڏٺو تہ شڪيلا گيندي‍ءَ اڳيان ويٺي اُٽيون ڪري رهي هئي. سدا هن جي پٺيءَ تي هٿ گهمايو. هن کي ڦوٽو مصري آڻي ڏنو. سدا عورت هئي، شڪيلا گهڻو وقت پنهنجو راز ڪانئس ڇپائي ڪونہ سگهي. سڀ ڪولي پنهنجي سکيءَ اڳيان پٽري پٽ رکيائين. ڇي شاديءَ کي اَجا ٻہ سال ئي مس ٿيا آهن. منهنجو خاوند خان محمد صاحب ٻي

ڪبير ڏينهن جو سدا سان تہ رات شڪيلا سان سمهندو هو، ٻار جي روئڻ تي ٻئي سهيليون ٻُڪنديون ويندڙيون هيون. ٻار جو آلو متائڻ لاءِ ٻيئي موجود هونديون هيون. ٻنهي جي چهري تان ماتر-پريم پيو جهلڪندو هو.

هڪ ڏينهن شڪيلا، سدا ۽ راجيش کي چيو ”هاڻ توهانجي واپس ورڻ جو وقت آيو آهي. توهانکي وڃڻ گهرجي. هڪ ٻن مهنن ۾ منهنجو پتار دبئي مان واپس اَچڻو آهي. مون تہ هن سان اوهانکي مسو اڙي رکڻ جي ڳالهہ بہ ڪونہ ڪئي آهي. مان نٿي چاهيان تہ توهان ٻيئي منهنجي طلاق يا هن گهر مان نيڪالي ملڻ جو ڪارڻ بڻجو.

ڀوپال اسٽيشن تي شڪيلا هنن ٻنهي کي ڇڏڻ آئي. ڪبير کي پنهنجي سيني سان لڳائي رکيو هئائين. جڏهن گاڏيءَ کي سگنل مليو ۽ گارڊ سيٽي وڄائي تہ شڪيلا، ڪبير کي پنهنجي سيني کان جدا ڪيو ۽ سڏڪا ڀريندي ٻار کي سدا جي سپرد ڪري ڇڏيو. راجيش پنهنجي کيسي ۾ هٿ وجهي ڪاغذ تي لکيل ممبئي جي ائبريس وارو پنو ڪڍي شڪيلا جي هٿ ۾ ٿمايو. گاڏيءَ هلڻ شروع ڪيو. مس مس سدا ۽ راجيش جي پيٽ ۾ ساهہ پيو.

”توهان شڪيلا کي ممبئيءَ جو پتو ڇو لکي ڏنو ۽ هاڻ منهنجي ذهن ۾ هميشه ڊپ رهندو تہ هوءَ ڪڏهن بہ پنهنجي مڙس سان گڏ اَچي ڪبير کي اَسان کان کسي ويندي.“ سدا پنهنجي مڙس سان سوال ڪيو. راجيش ٺهر سان جواب ڏنو: ”شڪيلا جو اَسان ۾ وشواس آهي. هوءَ ڪڏهن بہ اِن وشواس کي نہ لوڏيندي. تون صبر ڪر، دل پڪي ڪر“. سدا کي اِن جواب سان راحت نہ ملي، اِنسان جي من تي ڪمزور ڀروسو.

ممبئي ۾ مٺن مائٽن، يارن دوستن سدا ۽ راجيش کي ٻار جي جنم جون واڌايون ڏنيون. ڪن دعوتون ڏنيون. وقت گذرندو رهيو. ڪبير پرائمريءَ مان سيڪنبري اسڪول ۽ ڪاليج اَچي پهتو. هو پڙهائيءَ ۾ اَگرو هو تہ راندين ۾ بہ هوشيار هو. ڪرڪيٽ راند لاءِ هو پنهنجي ڪاليج جي ٽيم جو ڪيپٽن هو. هڪ دفعي هن جي ڪاليج جي ٽيم کي ڀوپال جي ڪنهن ڪاليج جي ٽيم سان راند ڪرڻ جو نوتو مليو. سڀ تياريون مڪمل ٿيون، جڏهن سدا کي ڄاڻ پيئي تہ ڪبير ڀوپال وڃي رهيو آهي. تڏهن هن فرمان جاري ڪيو تہ گهر مان ڪوبہ ڪڏهن ڀوپال ڪونہ ويندو. ڀلا سدا جي ضد اَڳيان ڪو سينو ساهي

ماءُ ٿيندين؟ توکي پنهنجو ٻار نہ آهي. مونکي پنهنجو ٻار نہ گهرجي. تہ
منهنجي ٻار جي ماءُ ٿيءُ. سڀ آسان ٿيندو. سڀ قانوني ٿيندو. تون مونکي
سيائي جواب ڏي. منهنجو ٻار تنهنجي گود ۾ محفوظ رهندو مونکي پڪ
آهي.

سدا پنهنجي ڪمري ۾ گرو بابا جي مورت اڳيان هٿ جوڙي اکيون
بيٺي. هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. گرديو ڪي من ئي من پنئي ٻاڏايائين. "بابا
تنهنجي ليلا اَپرم پار آهي. ڇا مان ماءُ ٿي سگهان ٿي؟ منهنجو پيٽ چاول ۾
مونکي 'اَما' ڪري سڏي سو تہ ممڪن نہ آهي. پر ٻئي جو ڏنل ٻار مان نپائي
۽ هو مونکي اَما ڪري سڏي سو تہ ممڪن آهي. ڇا ٿيو هو منهنجي پيٽ جاپو
نہ هوندو. پر هوندو تہ منهنجو ٻار. مان هن کي پنهنجي سيني سان لڳائي
سگهنديس. فخر سان جڳ اڳيان هنکي پنهنجو ٻار چئي تہ سگهنديس. پر
منهنجي من جي مراد پوري ڪر. مونکي اهو ٻار ڏي. رات جو جڏهن سمور
اَحوال راجيش کي ڏنائين تڏهن راجيش خاموش ويٺو رهيو. هن ڪي سو
ضرور اُٿاريا. پر سدا اُنهن جا جواب بہ ڏنا.

راجيش: شڪيلا جو ٽرم پيو آهي.

سدا: پاڻي پي پوءِ ٽرم نہ پڇجي.

راجيش: ٻار ڄڻڻ ڪانپوءِ ٻار ۾ شڪيلا جو موہ پئجي ويندو.

سدا: شڪيلا کي ٻار جي آئينده جو ويچار آهي.

راجيش: اِهو غير قانوني آهي.

سدا: شڪيلا کي ڪوئي قانوني مُدو ڏيان ۾ آهي.

راجيش: شڪيلا ڪجهہ وقت بعد ٻار واپس وٺڻ اَچي تہ؟

سدا: اَسان دور ممبئي هلي ونداسين.

ٻار جي جنم کان اڳ شڪيلا اسپتال ۾ پنهنجو نالو سدا راجيش رجسٽر
ڪرايو. نوَ مهنا پورا ٿيا. ٻار جو جنم ٿيو. ٻار جي سرٽيفڪيٽ تي نالو
ڪبير راجيش ۽ ماءُ جو نالو سدا.

پورو هڪ سال شڪيلا ۽ سدا ڪبير جي گڏجي پرورش ڪر
رهيون هيون. هو ٻنهي جي اکين جو تارو هو.

# ماضيءَ جو ٽڪرو

شانتي ديوي، مڌيہ پرديش جي آديواسي ٻوٽ، سترپور جي شانتي آشرم ۾، پپل جي وڻ هيٺ ويهي آديواسي عورتن کي سماج ڪلياڻ جو سبق پڙهائي رهي هئي. آشرم ۾ مانوَ ڪلياڻ لاءِ ڇا نہ آهي! اسڪول، اسپتال، ناري شالا، راندين جو ميدان، مندر وغيره. آديواسي، شانتي ديويءَ کي ماتا جي ڪري سڏيندا آهن. اٽڪل ڏه سال اڳ شانتي ديويءَ تمام گهڻي محنت ۽ ڪوشش سان ان شانتي آشرم جو پايو وڌو هو. هن جي شخصيت ۽ هن جي ڪاريہ، نشٺا ۽ غريبن لاءِ سڪ پيار مان هميشه مدر ٽيريسا جي جيون جو هڳاءُ پيو اَچي. صبح کان رات تائين غريب ۽ اَڻ پڙهيل محتاج آديواسين جي سيوا، دلين جو درد محسوس ڪرڻ، نيرس نيڻن ۾ سک جو سپنو پرڻ، سيوا ۽ سيوا؛ بس! پاڻ سادو کائڻ، سادو پهرڻ، تڏي تي سمهي رات جا چار پهر وشرانت ڪرڻ، سڀ سان مٺا ٻول ٻولڻ. اها ئي هن جي زندگي هئي.

سبق پڙهائيندي ماتا جي رُڪجي ويئي. هڪ سنياسي، ماتا جي سامهون اچي بيهي رهيو. ماتاجيءَ جي چهري ڏانهن يڪ ٽڪ نهاريندو رهيو. ماتاجيءَ آدر سان هٿ جوڙي سنياسيءَ کي سوال ڪيو "مهاراج! اوهان کي ڪجهہ گهرجي؟" سنياسيءَ مسڪرائيندي وراڻيو. "ماتا! مان اوهان جي چهري جون ڀاڳيہ ريکائون پڙهي رهيو آهيان. اَوهان تہ ...." شانتي ديويءَ هٿ جي اِشاري سان ڪيس روڪيندي چيو "نہ مهاراج! مان پنهنجي ڀاڳيہ جي ريکائن کان ڀليءَ ڀت واقف آهيان. انهن لڪيرن کي ميسارڻ جي تہ مان هِت ڪوشش ڪري رهي آهيان." اهو سڀ چئي شانتي ديوي اُٿي کڙي ٿي. سيني کي هٿ جوڙي، هوءَ پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي ويئي. سڀ جو سڀ

سگهيو آهي! وياچاري ڪبير بيماريءَ جو بهانو ڏنو ۽ ڀوپال ڪونہ ويو. ٻاوي
سال گذري ويا آهن. هاڻي ڪبير اِنجنير بڻجي ويو آهي.

پوءِ بہ سدا پنهنجي من مان ڊپ ڪونہ ڪيي سگهي هئي. هوءَ اڪث
رات جو ننڊ مان رڙيون ڪري اُٿندي هئي. هن کي ڪڏهن ڪڏهن اِهو ئي سپنو
ايندو هو تہ شڪيلا ۽ خان محمد در تي پوليس وٺي آيا آهن. هو ڪبير جو هٿ
پڪڙي وٺي وڃي رهيا آهن. اهو ئي سبب هو جو هن جي دل ڪمزور ٿيندي
پئي ويئي. جڏهن ڪبير اوچ تعليم لاءِ آمريڪا هليو ويو تڏهن سدا جي ڪمزو
دل وڇوڙو سهي نہ سگهي ۽ خان محمد وٽان آيل خط جو ٻڌي ڌتڪي وچار
هميشه لاءِ رڪجي ويئي.

سومر ڏينهن جڏهن راجيش پوسٽ آفيس پهتو تڏهن پوسٽ ماستر
صاحب پنهنجي خاني مان هڪ لفافو ڪڍيو. راجيش کي ڏيندي چيائين ”سائين
هي خط ڀوپال مان ويہ سال اڳ پوسٽ ٿيل آهي. هيءُ خط اَسانجي لاءِ اِتهاسڪ
آهي. اِن سببان توهانکي هِت گهرائي خط هٿ ۾ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ مو
توهانجي گهر نياپو موڪليو.

راجيش پوسٽ آفيس جي هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. لفافو
کوليائين. ويہ سال اڳ جي تاريخ هئي. خط مختصر هو:

”جناب راجيش، مان جڏهن دبئي مان واپس وريس تہ پنهنجي زال
شڪيلا کي اسپتال ۾ موت جي بستري تي ڏٺم. هوءَ دل جي بيماريءَ جو
شڪار هئي. هن ٻڌايو تہ توهان پنهنجي زال سدا سان اَسانجي گهر مسواڙي
تي رهيا هئا. هن اوهانجي نيڪ نيتيءَ جي ڏاڍي ساراه ڪئي تي. هن جو
موت منهنجي هٿن ۾ ٿيو. هن جي موت جي خبر توهان تائين پهچائڻ پنهنجو
فرض ڀانيم.

نياز مان
خان محم

راجيش جي اکين ۾ پاڻي هو. فقط ايترو ئي ڀڻڪيائين ”اڙي هيءُ خط
ويہ سال اڳ پهچي ها تہ منهنجي سدا پل پل جو موت نہ مري ها. هن جي دل
جا ڊپ نور تي وڃن ها!

ڙهي. سچ تہ پنهنجي من جي حالت کان گهڻو اڳ توکي واقف ڪرڻ گهرندو
و. پر تو تہ موقعو ئي ڪونہ ڏنو. پوءِ بہ جڏهن اَک کلي تڏهن سويرو.
پنهنجي اَندر جو حال توسان نہ اوريندس تہ ڪنهن سان اوريندس! ڪٿان
شروع ڪريان!

جڏهن شاديءَ لاءِ تنهنجو رشتو آيو هو، مان ڏاڍو خوش هيس. نوجوان،
شڪل جو سهڻو، بدن جو ٺاهوڪو، انجنيئر، ريلوي ۾ آفيسر، اوچو
خاندان. ٻيو ڇا گهرجي! سچ تہ منهنجن ساهڙين کي منهنجي قسمت تي
رشڪ ٿيڻ لڳو هو.

ڪلو ۽ منالي‌ءَ مان هني مون ڪري موٽياسين. تو مون کان منهن
ڦيري ڇڏيو. اِن لاءِ مونکي ڪو بہ سبب سمجهہ ۾ ڪونہ آيو. مان ڏاڍي ملول
هيس. مان تنهنجي هلت سمجهي ڪونہ سگهيس. نہ تنهنجي چهري تي
خوشي هئي، نہ اکين ۾ نئين ڪنوار لاءِ پيار. بس سوال جو جواب. هر وقت
چُپ، هر وقت ناراضپو. لڳو ائين ٿئي تہ تنهنجو من ڪنهن ٻئي هنڌ وسي
ويو هو. مان تنهنجي لاءِ هڪ اوپري ٻڻجي پيئي هيس. منهنجو من تنهنجي
ان حالت ڏسي ڏاڍو پريشان هو.

انهن ئي ڏينهن ۾ تنهنجي آفيس جي هڪ اسسٽنٽ، ماڊوري شاديءَ
جي وڌايون ڏيڻ لاءِ گهر آئي هئي. گهر ۾ تون موجود ڪونہ هئين. ڳالهين
ڳالهين ۾ تنهنجي قلعي کلي پيئي. تنهنجو پنهنجي آفيس جي سيڪريٽري،
جسمن سان گهڻي وقت کان ڪو سنٻنڌ آهي. جئسمن طلاق ورتل آهي، جوان
آهي، خوبصورت آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ تہ هوءَ ڏاڍي چالاڪ آهي. اُهو سڀ
ٻڌي دل کي هڪ گهري چوٽ رسي. آخر ڇاٽي ۽ لوهار ڇاٽي. اُن ڏينهن
گهڻيترو وقت شيشي جي سامهون ويهي پنهنجو روپ ۽ رنگ ڏسي رهي
هئس. مَن ئي مَن ۾ پنهنجي ۽ جئسمن جي وچ ۾ خيالي مشابهت ڪري رهي
هئس. سڀ ڳالهہ ۾ سرس هيم پر تڏهن بہ پاڻ کي ڪمزور پاتم. پتني، پتني
آهي ۽ پريميڪا ڪا ٻي شيءِ. پيٽ ڪريان تہ پلا ڪيئن ڪريان!

اَندر جو حال پنهنجي ماءُ سان اوريم. هن جي نصيحت بہ نرالي
هئي. چيائين "مٺي تنهنجي نئين نئين شادي آهي هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۾

چپ هئا. شانتي ديوي پنهنجي ڪمري جو در بند ڪري اچي تڏي تي
ليٽي پيئي.

ماضيءَ جا آواز وقت جي غفائن کي چيريندا، پڙاڏي جيان هن جي
ڪمري ۾ گونجڻجي رهيا هئا. ماضيءَ جون انيڪ گهٽنائون، تصويرون بڻجي
هن جي ذهن ۾ اُڀري رهيون هيون. ٽيه سال اڳ جي ڳالهه آهي. هنجي شاديءَ
کان چار ڏينهن اڳ. اَما هڪ جوتشيءَ کي گهر ۾ سڏايو هو. جوتشيءَ هنجي
جنم پتري پڙهي ڪري چيو هو. ڇوڪري تمام ڀاڳيہ شالي آهي. ور گهر جا
وڏا سک ڪيس لکيل آهن. راڻي ٿي راڄ ڪندي. هن جو گهوٽ ڪيس ڏاڍو پيار
ڏيندو. جوتشيءَ جي اِن ڀوشيہ واڻيءَ جي وشواس سان هن پنهنجي وواهت
جيون جي شروعات ڪئي. اکين ۾ سوين سپنا، دل ۾ محبت جا مچ ۽ اُمنگن
جا اَنيڪ طوفان! پر ٿيو ڇا؟ لکيو للاٽ جو ڪير ٽو واچي سگهي! اُٽندو
اُها، جا هوندي ڪوريءَ جي من ۾. ڪوريءَ تہ هن لاءِ ڪاجهہ نرالو ئي اُٽيو
هو. طلاق جي ڪوري ڪاغذ تي صحي ڪري، هڪ خط گوبند ڏانهن
موڪلي ڏنائين. اُهي رشتائي ڪهڙي ڪم جا، جي جيون جي ڪسوٽيءَ
تي پورا نہ بيهن! خط جو لفظ لفظ اَڃا بہ ڪيس ياد آهي. ڪاجهہ بہ وسريو
ڪونہ هئو.

پريہ گوبند،

هن خط سان گڏ ڪوري اِسٽيمپ پيپر تي صحي ڪيل پنهنجو
طلاق نامو تو ڏانهن موڪلي رهي آهيان. اُميد ڪريان ٿي تہ تون جلد ئي
ڪورٽ ۾ طلاق نامو داخل ڪري مونکي شاديءَ جي بنڌن کان آزاد ڪندين.
پر مان پنهنجي سر پاڻ کي اَڄ کان ئي اِن بنڌن کان مُڪت ڪري رهي آهيان.
تون پڇندين ڇو؟ سبب اَنيڪ آهن. پر مکيہ سبب آهي سڌانت جو. شادي
آهي ٻن دلين جو ميل. اَسان جي رشتي ۾ ”ميل“ تہ فقط ”دوري“ ئي رهجي
ويئي آهي. هاڻ سنبنڌ جو ليکو ڪُٽڻ مان ڪهڙو فائدو؟ جڏهن ڪو
رشتو بوجهہ بڻجي پوي ۽ ڍوئي نہ سگهجي، تڏهن اُن رشتي کي سماپت
ڪرڻ ئي سمجهداري آهي. مان هن رشتي کي سماپت ڪري رهي آهيان.
پاڻي ولوڙڻ مان ڪهڙو فائدو؟ ها! توکي سڀ ڪاجهہ ڄاڻڻ جو پورو حق

ڪونہ آهن. پوڙي اڳيان پلا ڪير ڪهڙي بين وڃائي! مان چپ رهيس. تنهنجي
دلي انيڪ هنڌن تي ٿي. گوهاٽيءَ کان حيدرآباد، حيدرآباد کان لکنو وغيره.
پر مان ڪڏهن بہ ممبئيءَ کان ٻاهر ڪونہ نڪتس. سبب بہ انيڪ هئا. سس
سهري جي بيماري، چندر جو اسڪول ۽ سڀ کان وڌيڪ تنهنجو ضد يا
تنهنجو دٻپ تہ متان ڪٿي تنهنجي ۽ جئسمن جي رشتي جي جڳ اڳيان
وگهڙ نہ ٿي پوي.

تون ڪڏهن موڪل تي يا ڪڏهن آفيس جي ڪم سان ممبئي ايندو
هئين. گهر ۾ چار پنج ڏينهن رهندو هئين تہ اسان لاءِ ڇڻ ڏياري هوندي هئي.
خبر نہ آهي تہ تون ائين ڇو سمجهندو آهين تہ گهر گرهستي هلائڻ جي
جوابداري فقط عورت جي آهي. گهر گرهستي ٻن ڦيٿن تي هلندي آهي. هڪ
ڦيٿي تي نہ! توکي ياد آهي، چندر جي اسڪول ۾ 'Parent's Day' هو. اُن
ڏينهن ئي توکي حيدرآباد وڃڻو هو.

''چندر جي پڙهائي تنهنجي جوابداري آهي. تون ڄاڻ'' چئي تون
حيدرآباد هلي وئين.

مون کان اُهو ڏينهن ڪيئن وسرندو! سهري جي صحت ناساز هئي.
توکي فون ڪيم. تون ڪم ۾ ڏاڍو مشغول هئين. تو چيو، بابا کي اسپتال
داخل ڪر. خرچ ڪيترو بہ اَچي. ٻئي ڏينهن بابا جو ديهانت ٿيو. تون
ڪرياڪرم لاءِ هوائي جهاز ۾ اَچي پهتين. بس ٻارهن ڏينهن رهي هليو وئين.

چندر بہ سال اڳ هڪ هفتو وئڪيشن ۾ تو سان گڏ حيدرآباد ۾ رهڻ
ويو. تمام خوش هو. ٻئي چيائين، پپا کي وڏو سرڪاري بنگلو آهي، ڪار
آهي. چار نوڪر آهن. آنٽي جئسمن ڏاڍي خاطرداري ڪئي. هيءُ گهميس،
هو گهميس وغيره. مون لاءِ جهڙي مصري تهڙي ڦٽڪي. تو مونکي تہ ڪڏهن
چار راتيون رهي وڃڻ لاءِ ڪونہ چيو؟ مون ڪهڙو ڏوه ڪيو آهي؟ مون
ڪڏهن بہ جئسمن جو سوال توسان ڪونہ اُٿاريو آهي. اِن جو مطلب اِهو تہ
ڪونہ آهي تہ مون توکي اِن ناجائز رشتي لاءِ پروانگي ڏني آهي. مان تہ فقط
تنهنجي ماءُ جي ڏنل نصيحت 'شادي معنيٰ سمجهوتو، جي پيروي ڪري
رهي آهيان ۽ بس.

ٿورو وقت گھرجي. اُهو وڻ ئي ڪونهي جنهن کي واءُ نہ لوڏيو هجي. تور
پنهنجي وشواس کي مضبوط ڪر. شادي معنيٰ سمجهوتو. سڀ ٺيڪ ٿي
ويندو. گوبند اهڙو ڇوڪرو ڪونہ آهي. تون نوڙيءَ کي نانگ نہ ڪر. ماڙ
چپ رهيس. سڀ سور پي ويس. اَما جي نصيحت 'شادي معنيٰ سمجهوتو
ڳنڍ ڪري ٻڌم. ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ ڪڍيم.

شاديءَ کي ٻارهن مهينا ٿي ويا. گهر ۾ شاديءَ جي پهرين سالگره جو
جشن ملهائي رهيا هئاسين. مان گرڀ وتي هيس. اڃا ٻہ مهينا چڙهيا هئا. گهر ۾
انيڪ مهمان هئا. اُن وقت هڪ تار آئي. توکي ريلوي ۾ پروموشن مليو هو
ساڻ ساڻ تنهنجي بدلي گوهاٽي ۾ ڪئي ويئي هئي. تون ڏاڍو خوش هئين
مون گوهاٽيءَ هلڻ جو ضد ڪيو. پر تنهنجو ننو اکر نہ هو. تو انيڪ سبب
ڏنا. ڇي، اينڊڙ ٻار جو خيال رکڻو آهي. گوهاٽيءَ ۾ سرڪاري ڪوارٽر ملڻ
مشڪل آهي وغيره وغيره مان پوريءَ تنهنجي هر ڳالھ تي وشواس ڪيو
سرڪاري ڪوارٽر خالي ڪري اَچي پنهنجي سَسُ سُهري سان رهيس ءُ تون
پنهنجي نئين نوڪريءَ تي هلي وئين. وڇوڙي جا بادل تہ وسي رهيا هئا؛ پر
ڦهر جي بجلي تڏهن ڪڙڪي جڏهن خبر پيئي تہ تنهنجي سيڪريٽري
جئسمن بہ پنهنجي بدلي ڪرائي تو سان گڏ گوهاٽيءَ ۾ اچي رهي آهي. اُ
جي چوري ٻلا ڀَکي ۾ ڪيئن لڪندي! دل کي وري هڪ دفعو ڌڌڪو آيو
ماندي ٿي ويس. دل مان آواز 'آيو ماندي ٿي نہ مارئي، تنهنجو الله بہ آهي.
سوچيم منهنجا ڏُڪڙا بہ جلد پورا ٿي ويندا. ٻار جي گهر ۾ اُئان اُئان ٿيندي ت
پيءُ پنهنجي سنتان کان پري رهي ڪونہ سگهندو. ٻلا مونکي پيو ڇاگهرجي
بکئي جون اکيون چلھ ۾. چندر جو جنم ٿيو. پر تون! ڪم جو بهانو ڏيئي
پنهنجي جگر جي ٽُڪري جو منهن ڏسڻ ڪونہ آئين. آئين ٽن مهنن کان
پوءِ. توکي تڏهن بہ ڪو ڏوراپو ڪونہ ڏنم. منهنجي لاءِ اها ئي خوشي
جي ڳالھ هئي تہ تون اَسان سان گڏ پندرهن ڏينهن گذارڻ لاءِ آفيس مان موڪل
وٺي آيو هئين.

منهنجي اک ڦڙڪي رهي هئي. توسان گڏ گوهاٽيءَ هلڻ جي ڳالھ
ڇيڙيم. هن دفعي بہ تنهنجو هڪ ئي جواب هو، آسام جون حالتون ٺيڪ

# اَزل جي اُڄ

اڄ ئي منهنجي دوست سنيل جو دهليءَ مان خط آيو آهي. هن کي پٽ ڄائو آهي. ٻار جي ڇٽيءَ جي موقعي تي مونکي دهلي اَچڻ جو نوتو ڏنو اَٿائين. خط منهنجي هٿن ۾ آهي ۽ ويٺو سوچيان، رشتا ناتا ڇا آهن! سماج ڇا آهي!

سنيل منهنجو هم ڪلاسي هو. اَسان ٻيئي بي. اي. فائينل لاءِ هڪ ئي ڪلاس ۾ پڙهندا هئاسين. هاسٽل جي هڪ ئي ڪمري ۾ گڏ رهندا هئاسين. سنيل، ناسڪ شهر جي ويجهو هڪ وسيل ٻوٽ شري ڳانءُ جو ويٺل هو. هو شڪل جو گورو، قد جو لنبو ۽ ڪسرتي جوان هو. هو محنتي، سچار ۽ هڏ ڏوکي پڻ هو. پر خشڪ طبيت وارو ملول انسان ۽ هميشه تمام ٿورو ڳالهائيندو هو. مان هن کي شايد ئي ڪڏهن ٺهڪ ڏيئي کلندو ڏٺو. جڏهن ٻيا وديارٿي ۽ خود مان گهر وڃڻ لاءِ هميشه موڪلن جو انتظار پيا ڪندا رهندا هئاسين ۽ گهر لاءِ ننڍي وڏي خريداري پئي ڪئي: تڏهن سنيل موڪلن ۾ گهر وڃڻ کان هميشه پيو ٽٽائيندو هو. هِتان هُتان وڃي گهمي ايندو، پر گهر ڪونه ويندو. گهر مان خط ايندو هوس ته بنا ڪنهن اُتساه سان پڙهي ڦاڙي ڦٽو ڪري ڇڏيندو هو. مان هن کي گهر وارن ڏانهن خط لکندو ڪڏهن ڪونه ڏٺو. بس، پنهنجي پڙهڻ ۾ پورو رهندو هو.

هاسٽل جي ڪمري ۾ گڏ رهندي سنيل جي هڪ ڳالهه منهنجي نظر کان ڇپي نه سگهي هئي. هوُ روز رات جو سمهڻ وقت پنهنجي بيگ کوليندو. اُن مان هڪ تصوير ڪڍندو. ڪجهه وقت ان تصوير کي ڏسندو رهندو، پوءِ وهاڻي هيٺان اُن تصويرکي رکي سمهي پوندو. ٻئي ڏينهن صبوح جو اُٿندي ئي تصوير واپس پنهنجي بيگ ۾ رکي ڇڏيندو. اِن ڳالهه تي مونکي ڪو عاجب ڪونه لڳو. منهنجو اَنومان هو ته سنيل جو ايشور ۾ وڏو وشواس هو

گذريل هفتي اسان شاديءَ جي ٻنڌن جا ويهہ سال پورا ڪيا. پيڪي ۽ ساهري ڪٽنب وارا واڌايون ڏنيون. تنهنجو بہ فون آيو. پر ساڄي رات نيٽن ۾ ننڊ ڪونہ هئي. هر هر هڪ سوال اندر ۾ اُڀري ٿي آيو. شاديءَ جي ٻنڌن ۾ رهي ويهن سالن ۾ ڇا حاصل ٿيو آهي؟ هن موڙ تي جي اُهو ٻنڌن ٽوڙي ڇڏيان تہ ڪهڙو نقصان ٿيندو؟ سچ تہ اهو بہ سوچي رهي آهيان تہ جيون جي پنجيتاليه سالن ۾ ڇا پرايو اٿم. ساڄي عمر، واريءَ جيان هٿن مان ڪيئن کسڪي ويئي آهي! ڪنواري ماءُ پيءُ جي آڏين، اسڪول، ڪاليج، بس! خواب ئي خواب جڏهن شادي ٿي تہ سچائي سامهون اَچي بيٺي. پنهنجو هرهڪ سپنو چور چور ٿيندو ڏٺم. رهجي ويو آهي هيءُ منگل سوتر جو ٻنڌن. چندر جو موهہ ۽ ڪجهہ آشائون. هاڻ سس سهرو بہ نہ رهيا. چندر بہ پرديس هليو ويو. مان بہ پاڻ کي هن چئن ديوارين جي قيد مان پاڻ کي آزاد ڪرڻ ٿي چاهيان. ڪير ڳهاڙي سگهندو ڪو اڪيلو هن ڪنبهر ۾، جت آهي فقط مايوسي، بيوسي ۽ تنهائي. پهريون دفعو پنهنجي هيءَ زندگي هڪ نئين انداز سان آزاد پکيءَ جيان، اوچي گگن ۾ اُڏامي جيئڻ ٿي چاهيان. هڪ نئين چاهت اَندر ۾ جاڳي اُٿي اٿم.

هيءُ سڀ پڙهي تنهنجي من ۾ جيڪي سوال اُٿيا آهن اُهي سڀ جائز آهن. مان ڪيڏانهن ويندي‌س؟ مان ڇا ڪندي‌س؟ سڀ ڪان وڌيڪ تہ ماٺهو ڇا چوندا! اهي ئي سوال تہ منهنجا ٻنڌن آهن. مان پاڻ کي انهن ٻنڌنن ۾ قيد ڪري رکيو آهي. قيد تہ آخر قيد آهي. نہ آهي تن آزاد، نہ آهي من آزاد. وشواس اٿم هڪ دفعو جي ٻنڌن ٽُٽا تہ راهون سڀ روشن ٿي پونديون.

گوبند! توکي ڄاڻ آهي تہ هر ناريءَ جي اندر هڪ پيار جو جهرڻو ٿئي ٿو. مون پل پل پنهنجي اندر ۾ ان جهرڻي کي سڪندو محسوس ڪيو آهي. حسد ۽ تڪار جي ريت جا دار اُڀرندا ڏٺا آهن. منهنجي اندر پيار ۽ سڪ جو چشمو سڪي ٺوٺ ٿي وڃي ۽ مان حسد ۽ تڪار جي ريت هيٺان دٻجي وڃان تنهن کان اڳ مان ڪٿي دور سڪپت جي ڪوج ۾ وڃڻ ٿي چاهيان. منهنجو فيصلو اٽل آهي. هاڻ مونکي ڪير بہ روڪي نٿو سگهي. تون بہ نہ!

ماضيءَ جي اِن تکي وهڪري ۾ وهندي، ڪڏهن شانتي ديويءَ کي اک لڳي ويئي تنهنجي ڪيس سمڪ ئي نہ رهي. هن جي اک تڏهن کلي جڏهن در تي ڪنهن سيوڪ دستک ڏني ۽ چيو ماتا جي آرتيءَ جي ويل ٿي آهي. مندر ۾ اَچو تہ آرتي شروع ڪريون.

❦ ❦ ❦

آرام جو فڪر. سنيل ذهن ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي هاسٽل واپس آيو. سشما پنهنجي ڳوٺ رواني ٿي ويئي. ويندي ويندي التجا جي نوع ۾ سنيل لاءِ پارت ڪندي ويئي. ڇي، سنيل اجا نبل آهي. هونءَ ته مان هن کي پاڻ سان ڳوٺ وٺي وڃان پر هو هلڻ جي نٽو ڪري ۽ مٿان وري امتحان اَٿس. مهرباني ڪري هن جو پورو خيال رکجو. رات جو دير تائين ڪيس پڙهڻ نه ڏجو. رات جو کير ضرور ڏجوس. جي وري هن کي بخار ڏسو ته ڪيس ترين ۾ ويهاري اَسان کي تار ڪجو وغيره وغيره!

سشما جي وڃڻ کان پوءِ سنيل ملول ٿي پيو. اُن رات کير جو گلاس ڏيندي مان سنيل جي اکين ۾ مايوسيءَ جي اونداهي غفا ڏٺي ۽ مان هن جي جگر جي اُن حصي کي ڇهي ورتو، جتي هن ڪيترين عرصي کان محبت جو درد لڪائي رکيو هو. بس، پوءِ ته ويدنا جو بند ٽُٽي پيو. درد جو سيلاب اُٿلي پيو. سنيل اُن پيڙا ۾ ڦٿڪي رهيو هو. هن جي اکين مان نير جهر جهر ڪري وهي رهيو هو. هن جا سڏڪا بند ئي نه پئي ٿيا. مون به چاهيو ٿي ته هو پل روئي ۽ پنهنجو هيانءُ هلڪو ڪري. ڳچ وقت پڄاڻان سنيل پنهنجي جذبات تي قابو پاتو۽ هن جي زبان درد جو داستان بيان ڪري ئي ويئي:

منهنجو پيءُ شري گانءُ ڳوٺ جو سرپنچ هو. ساڄي گانءُ ۾ اَسانجي هستي هئي. بابا سيني جا دک درد ٻڌندو هو ۽ گهٽن جا جهگڙا نبيريندو هو. مان اُن وقت جي ٿو ڳالهه ڪريان جڏهن اَجا مان چئن سالن جو هوس ۽ منهنجو ڀاءُ ڇهن سالن جو هو. اَسان جي گهر جي ويجهو شري ڪاشيرام ديشپانڊي جو هڪ ننڍو غريب ڪٽنب رهندو هو. هن جي ٽن سالن جي ڌيءَ هئي سشما. ڪاشيرام جو هڪ سڙڪ درگهٽنا ۾ موت ٿي ويو. ڪاشيرام جي وڌوا پتني، ساوتري ته ويچاري وسامي ويئي. اڪيلي عورت، زندگيءَ جو لنبو سفر، هڪ ٻار جي پالڻ جو بار، سماج جو وڌوا ڏانهن نظريو، غريبي ۽ بيوسي. ويچاري ڇا ڪري! پاڻ ته ڪيئن به ڪري زندگيءَ جا چار ڏينهن ڏکيا سکيا ڪاٽي وڃي ها، پر سشما! هن جو نيپاج، هن جي تعليم، هن جي شادي. ڇا ٿيندو! ويچاري ڪٿي واَگهن جي ور نه چڙهي وڃي. ساوتريءَ اِهو ئي فيصلو ڪيو ته ور ور روئڻ کان هڪ ئي دفعو سور سهسائڻ بهتر آهي. اَڌ رات جو ساوتري ڪٽ ڇڏي اُٿي ڪڙي ٿي. سشما کي پنهنجي ڀاڪر ۾

۽ روز رات جو پنهنجي اِشٽ ديو جي تصوير اڳيان آراڌنا ڪري، تصوير پنهنجي وهاڻي هيٺان رکي، ايشور جو آسرو وٺي سمهي رهندو هو.

هڪ ڏينهن ٽيو ائين. جو سنيل سويل صبوح جو اُٿي ڪسرت لاءِ ٻاهر هليو ويو. منهنجي من ۾ هڪ پور جاڳيو ۽ مان اُٿي ڪڙو ٽيس. سنيل جو وهاڻو هٽائي مان اُها تصوير ڏسي ئي ورتي. تصوير ڇا هئي ڄڻ ته هڪ جيئري جاڳندي ديوڪنيا هئي. سندر گول چهرو، بادامي اکيون، گلاب جي پنکڙين جهڙا سندر چپ، ڪڪاوڏا ڪليل وار، هڪ ڳل تي ڪارو تر. منهن تي هڪ انوکي مٺڙ مسڪراهٽ. تصوير ڄڻ ٻولي رهي هئي: وسارج نه ساجن. مان تصوير وري ساڳئي هنڌ وهاڻي هيٺان رکي ڇڏي.

هاڻ مونکي سنيل جي ملولتا جي پروڙ پيئي. پڪ ئي پڪ سنيل هن نار جي محبت ۾ گرفتار هوندو. شاديءَ لاءِ هن جي مائٽن يا هُن جي مائٽن جي رضامندي ڪونه هوندي ۽ منهنجو دوست بره جي باه ۾ پيو پچندو هوندو. خير محبت ته هڪ نجي جذبو آهي. انهن جذبن جي اوک ٻوک ڪرڻ سان جگر جي ڦٽن تي ٽڏو ڇنبو ته ڪونه پوندو آهي پر ناسور گهرو ٿي ويندو آهي. لوڇ پريشان ڪري ڇڏيندي آهي ۽ رت ٽيپا ٽيپا ڪري وهڻ لڳندي آهي. وقت گذرندو رهيو. مان ڪڏهن به سنيل کان ان تصوير واري ڇوڪريءَ بابت ڪجهه ڪونه پڇيو.

نومبر يا ڊسمبر جو مهينو هو. هڪ ڏينهن اوچتو اَچي سنيل کي بخار چڙهيو. ڊاڪٽر چيو ڪيس مُدي جو بخار آهي ۽ هن کي نرسنگ هوم ۾ داخل ڪرايوس. سنيل کي نرسنگ هوم ۾ داخل ڪيو ويو. ان ڏينهن ئي سنيل مونکي چيو: مميءَ کي تار ڪر، ته سشما کي هتي موڪلي ڏي.

تار موڪلڻ جي ٺيڪ ٻئي ڏينهن سشما اَچي هاسٽل ۾ پهتي. مان ته پريان ئي هن کي سڃاڻي ويس. هوءَ اُها تصوير واري ڇوڪري هئي. من جو پهريون سوال اهوئي هو. سونو ڪٿي آهي؟ هن جي صحت ڪيئن آهي؟ شايد سنيل کي گهر ۾ سڀ سونو چوندا آهن. مان کيس نرسنگ هوم ڏانهن وٺي ويس. سشما کي ڏسي سنيل جي منهن تي جا رونق آئي. سا مان اَڄ ڏينهن تائين وساري ڪونه سگهيو آهيان. بس پوءِ ته سشما ڏينهن رات سنيل جي سيوا ۾ لڳي وئي. هن کي نه هو پنهنجي ڪاڌي جو خيال ۽ نه پنهنجي

سمبر جو برپوڪ آهيان. همٿ ساري ڪونہ سگھيس. امتحان جو بهانو ڏيئي
شاديءَ تي ويس ئي ڪونہ. ڪبوتر جيان اکيون بند ڪري ويهي رهيس.
ڪاش! مان مميءَ اڳيان سينو ساهي سگھان ها!

سشما جي شاديءَ کي اجا ٻارهن مهنا ئي ڪونہ گذريا هئا. اجا هن جي
ٿڻ جي مينديءَ رنگ لاٿو ئي ڪونہ هو تہ مميءَ وٽان خبر آئي تہ منهنجي
ڏي ڀاءُ کي سلهہ جي مرض جڪڙي ڇڏيو آهي. مميءَ تہ سڄو ڏوهہ ڪٽي
سشما جي سر تي مڙهيو. چي، جنم جي اڀاڳڻي آهي. هن جي قسمت ئي
ڦٽي آهي. اهو ئي سبب آهي، جو مان اُن دوزخ ۾ وڃڻ پسند ڪونہ ڪندو
هيان. ڪنهن جي لاءِ وڃان؟ ڪير آهي منهنجو ان گهر ۾؟ اُن رات تہ سنيل
ڪاجي ٽُنجي سمهي پيو. پر مان سڄي رات ننڊ ڪري ڪونہ سگھيس.
سان جا بي. اي جا امتحان بہ پورا ٿيا. سڀ گهر وڃڻ جون تياريون ڪري
هيا هئاسين. ٽپالي آيو سنيل لاءِ تار ڪٽي. ان ڏينهن هن جي وڏي ڀاءُ جو
يهانت سويل صبوح جو ٿيو هو. سنيل کي مان اسٽيشن تي اُماڻي آيس. ٻہ
سال گذري ويا. هڪ ڏينهن سنيل ۽ سشما اچي منهنجي گهر سهڙيا. چي، اَسان
نهي شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اڄ ئي توکي آريہ سماج مندر ۾ سڀ
ندوبست ڪرڻو آهي. مون سنيل کي چيو، تہ تون جلد بازي ڪري رهيو
هين. تو ڪڏهن سوچيو آهي تہ سماج ڇا چوندو.

سنيل ٿورو خفي ٿي چيو: ڪهڙو سماج! منهنجو تہ پنهنجي ڳوٺ
سان و اسطو بہ نہ رهيو آهي ۽ تون سماج جي ٿو ڳالهہ ڪرين. مونکي ڪنهن
جي بہ پرواہ ڪونہ آهي. جڏهن منهنجي ماءُ ئي اَسان جي جيون جو نہ
سوچيو تہ سماج ڇا سوچيندو! ڇا آءٌ ڇڏي اَچان سشما کي اَما جي مهڻن سهڻ
لاءِ؟ ڇڏي اَچان هن کي پل پل جا سور سهڻ لاءِ! تون اُميد ڪرين ٿو تہ تنهنجو
سماج هِن اڀلا کي جيئڻ ڏيندو! نہ ڪڏهن بہ نہ! هن کي بہ پنهنجي ماءُ جيان
اپگهات ڪرڻو پوندو. مون هن سان پيار ڪيو آهي. مان هن کي سماج جي
الي هلي چڙهڻ ڪونہ ڏيندس. صبر جي بہ ڪا سيما آهي.

مون سشما ڏانهن نهاريو. هن بہ ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. سشما ۽
سنيل جي شادي اُن ڏينهن شام جو ٿي ويئي. شادي ڇا هئي! نہ هئا ڄاڃي ۽
نہ هئا ماڃي. هئي فقط اُها ئي سماجڪ رسم جي سڄي پورتي.

❁ ❁ ❁

سوکھو ڪيائين ۽ اَچي کوهه جي ڀنڀي وٽ ويٺي. ساوتري اُهو ڪاجهه ڪري رهي هئي جو ڪاجهه ڪرڻ جو فيصلو ڪري، هوءَ گهر کان ٻاهر نڪتي هئي. اُن وقت منهنجي مَميءَ اچي هن جو هٿ پڪڙيو. سشما کي ڇڪي پنهنجي سيني سان لڳايائين.ساوتري به مميءَ کي ڀاڪر پائي اَچي روئڻ ۾ ڇتڪي. مميءَ ساوتريءَ کي دلداري ڏيندي چيو، ''ڀيڻ جنهن ساس ڏنو آهي. اُهو گراس به ڏيندو. آپگهات مهاپاپ آهي. تنهنجو ايشور ۾ وشواس هئڻ گهرجي. تنهنجي هيءَ سشما اڄ کان وٺي منهنجي آهي. مان هن کي پنهنجي گهر جي روشني بڻائيندس. تون سشما جو ڪوبه فڪر نه ڪر.'' ٻئي ڏينهن کان ساوتري ڳوٺ مان لاپتہ ٿي ويئي. وري ڪنهن هن جي شڪل به ڪونه ڏٺي. سشما ته مميءَ جي من جو تار بڻجي پيئي. پنهنجن ٻارن کان وڌيڪ مميءَ جو هڏ سشما لاءِ کُرڪندو هو. مميءَ هن جي نيپاج ۾ ڪابه ڪسر ڪانه ڇڏي. هن کي مئٽرڪ تائين تعليم ڏيارايائين. شايد ساوتريءَ کي ڏنل وچن کي سر انجام ڪرڻ لاءِ ۽ سشما کي پنهنجي گهر جي لڇمي بڻائڻ لاءِ ممي سڀ ڪاجهه ڪري رهي هئي.

سشما ۽ اسان ٻنهي ڀائرن، ٻالڪپڻ کان جوانيءَ تائين هٿ هٿ ۾ ڏيئي سفر طئه ڪيو آهي. ڪڏهن اُها ٻالڪپڻ جي ڳڏن ڳڏين جي راند پوري ٿي ۽ ڪڏهن جوانيءَ ۾ نظرون چورائڻ جي راند شروع ٿي؛ سمڪ ئي نه رهي. سشما ۽ مان هڪ ڳالهه کان بي خبر رهي نه سگهياسين ته اَسان ٻيئي هڪ ٻئي کي محبت ڪريون ٿا ۽ هڪ ٻئي کان سواءِ جيئڻ محال آهي.

ان ڳالهه جي پروڙ مميءَ کي ڪيئن پيئي، سو چئي نه ٿو سگهان. هوءَ عورت آهي ۽ عورت جو ڇهون حواس پربل ٿيندو آهي. ممي هميشهه ڀري ساڄاڳ رهي. منهنجي وڏي ڀاءُ اِنٽر تائين پڙهي وڃي بابا جي کيتي ٻاريءَ جو ڪم سنڀاليائين. جڏهن مان انٽر پاس ڪئي ته مميءَ مونکي وڌيڪ پڙهائيءَ لاءِ شهر هاسٽل ۾ اُماڻي ڇڏيو. شايد اها به مميءَ جي چال هئي.

ساوتري ديويءَ کي ڏنل قول جي مميءَ سر انجامي ڪئي ۽ ساڻ ساڻ پنهنجي من جي اَبيلاشا پڻ پوري ڪئي. ٻه سال اڳ مميءَ منهنجي وڏي ڀاءُ جي شادي سشما سان ڪرائي. منهنجي ماءُ پنهنجو وچن پاڙيو. منهنجي ڀاءُ پنهنجي ماءُ جي آديش اڳيان سر نمايو. سشما، مميءَ جي احسان جي بوجهه هيٺ دٻجي پنهنجو ڪنڌ اوچو ڪري ڪونه سگهي ۽ مان! مان ته ڦهرين

۾ وشرام ڪرڻ لاءِ تياري ڪري رهيو آهي. پهاڙن جي چوٽين تي اَنيڪ سونا روپا رنگ ڇانيل آهن. منڙي هير بدن ۾ پريم جا ترنگ پيدا ڪري رهي آهي. پرڪاش پنهنجي پياري سجاتا کي پنهنجي آغوش ۾ سمائي ڇڏيو آهي.

تنهنجي آغوش ۾ پاڻ کي پائي منهنجو ذهن ايترو تہ وسيع ٿي پوندو آهي جو مان اِئين محسوس ڪندي آهيان تہ سموري ڪائنات ڄڻ مون پنهنجي دامن ۾ سمائي ڇڏيو آهي. نہ ڪا ڌرتي نہ ڪو آسمان. نہ سج آهي ۽ نہ چنڊ. آهي تہ فقط منهنجو ساجن. سجاتا جي اکين اڳيان مئريج رجسٽرار آفيس باندرا آهي.

پرڪاش، مون تہ پيار جو پلئہ پڪڙيو آهي. پوءِ جڳ رسي تہ رسي. ممي پپا سان بہ سڀ رشتا ناتا ٽوڙي آئي آهيان. منٺي! پيار وارن جو جڳ ڪڏهن ساٿ ڏنو آهي؟ مون کي ڪنهن جي بہ پرواه نہ آهي. تون آهين تہ سڀ ڪجهہ آهي. رجسٽرار هڪ فارم اڳيان رکي ٿو. ٻيئي صحي ڪن ٿا. هيءُ روپهلي پردي تي هلندڙ درشين جو سلسلو سجاتا جو تڏهن ٽٽو جڏهن هن جي موبائيل جي گهنٽيءَ ڇيخ ڪاڙي. فون هن جي آفيس مان سندس ساهيڙيءَ جو هو ”ڇو سجاتا! اَڄ بہ موڪل ڪئي اَٿيئي ڇا.“

”ها سجني، صحت ڪجهہ ناساز آهي. آرام ڪنديس.“ سجنيءَ ٿي تہ هن جو اب ڏنو پر پرڪاش جي للڪار کي کهڙو جواب ڏيندي. سجاتا هن ئي من ۾ گهر ڇڏڻ جو فيصلو ڪري ئي ورتو. هوءَ چيمبور ۾ پنهنجي ننڍپڻ جي ساهيڙي اَنجليءَ وٽ Paying Guest ٿي رهندي. اَنجليءَ جو گهوٽ ونود هڪ مشهور وڪيل آهي. هوءَ جلد ئي پرڪاش کان طلاق وٺڻ لاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪندي.

هيءُ هنسن جو جوڙو هڪ ٻئي کان ڇو وڇڙجي رهيو آهي؟ ڇا هنن جي پيار جي ڏور ڪچي آهي؟ يا صدين کان هلندو ايندڙ عورت ۽ مرد جي اَهم جو ٽڪر آهي؟ يا اُهي هڪ ٻئي جي پيار جي روپ کي سمجهي نہ سگهيا آهن؟

جيستائين سجاتا ۽ پرڪاش جي گهر گرهستي ۾ آتمائن تائين محدود

# طوفان کان پوءِ

سڄاتا پريشان آهي. صبح کان گهر ۾ ڪلڪل متل آهي. پرڪاش جا رات جوش ۾ چيل اکر ''مان تنهنجو ڪو نوڪر ڪونہ آهيان. گهر هلائڻ جي جو ابداري تنهنجي آهي. ان لاءِ نوڪري تہ توکي ڇڏڻي ئي پوندي. جي نہ تہ مونکي هن شاديءَ جي ٻنڌڻ کان آزاد ڪر. مان تنهنجي من ماني وڏيڪ برداشت نٿو ڪري سگهان. مان جيڪي چوان ٿو تون ڪن لاٽار ڪري ٿي ڇڏين. سهڻ جي بہ ڪا حد ٿيندي آهي'' سڄاتا جي ذهن ۾ پڙاڏو ٿي گونججي رهيا آهن. پرڪاش تہ هٿ ڇنڊيندو، ٻڙ ٻڙ ڪندو پنهنجي ڪم تي هلي ويو. سڄاتا جي من ۾ هڪ زوردار طوفان اُٿيو. جنهن جي تيز رفتار ماضيءَ ۾ سڄايل سندر چمن جي هرهڪ وڻ، ٻوٽي، گل ۽ مکڙيءَ کي پاڙون پٽي رهي آهي. نز جا اَنيڪ بادل اُٿي رهيا آهن. سڄاتا اکيون بند ڪري پلنگ تي ليٽي پيئي. من ۾ اُٿيل بادلن کي چيريندي هن جي اکيان بہ سال اڳ جو وقت روپهري پردي تي اُڀريل چترن جيان ڦري وڃي ٿو. باندرا کان چرچگيٽ تائين لوڪل گاڏيءَ جي سفر جو نظارو.

''چو اَڄ اَچڻ ۾ دير ڪيئہ. مون پيلٽفارم تي تنهنجو ڏايو انتظار ڪيو. ٻہ گاڏيون مِس ڪيم.'' سڄاتا مشڪي چيو. ''رات نيٽن ۾ ننڊ ئي ڪونہ هئي. ساڄي رات من ئي من ۾ توسان پيار ڪندي گهاري.'' پرڪاش جي اکين ۾ شرارت هئي. سڄاتا ٽهڪ ڏنو. ملڪو ٽهڪ گويا شيشي جي رنگين چوڙين مان نڪتل جهنڪار.

سڄاتا جي ذهن ۾ هڪ نئون درشيہ اُڀري اَچي ٿو. منٽيران جي سَن سيٽ پوائنٽ. سڄ پنهنجي ساڄي ڏينهن جو سفر پورو ڪري پهاڙن جي گود

بو. مسٽر پرڪاش! توهان جي ترمپتني سجاتا پنهنجي آفيس ۾ ڏڪو کاڌو
سي. هن کي منهنجي اسپتال ۾ آندو ويو آهي. هن جو ائبارشن ٿي ويو آهي.
ڪا خطري جي ڳالهه ڪونه آهي.

ٿيو اُهو ئي جنهن جو پرڪاش کي ڊپ هو. پرڪاش جي من جي
الت اَهڙي هئي جيئن ڪناري تي پهچڻ جي آس ۾ ويٺل ملهار جي ٻيڙي
جهدار ۾ ڦاسي پوي. پرڪاش هڪ مشين جيان روز چهري تي مسڪراهٽ
پڪائي سجاتا سان ملڻ اسپتال ويندو هو. هن کي خوش ڪرڻ لاءِ هِتان هُتان
ون ڳالهيون ڪندو هو. پرهن جي من مان اهو ئي ٿي آواز آيو ته سجاتا ضدي
سي. هن جي ضد سببان ئي ايشور طرفان ڏنل هڪ سوغات وڃائجي ويئي
سي. هو ڪڏهن به سجاتا کي معاف ڪري ڪونه سگهندو.

هڪ مهيني جي آرام کان پوءِ سجاتا ته وڃي وري پنهنجي ڪم کي
سي. اهي ئي گڏه اهي ئي آٿر. پرموشن ملڻ سببان هوءَ هاڻ دير تائين آفيس ۾
ندي هئي. پرڪاش شام جو گهر موٽي پنهنجي لاءِ چانهه ڪوپ ٺاهيندو
. رات جي ماني ٺاهي، ٽي ويءَ اڳيان ويهي سجاتا جو انتظار ڪندو هو.
ني کائي ٻيئي وڃي پنهنجي بستري تي منهن ڦيري سمهي پوندا هئا.

هڪ ڏينهن سجاتا جڏهن تمام دير سان گهر موٽي، تڏهن پرڪاش
هنجو آپو وڃائي ويٺو. رڙ ڪري چيائين، ”هيئن ڪيترو وقت هلندو.
نکي هيءُ سڀ منظور نه آهي. مونکي گهر ۾ ٻار گهرجي. ٻار جي پرورش لاءِ
ن هجين. توکي گهر جي سک لاءِ نوڪري ڇڏڻي ئي پوندي.“

پرڪاش جي ان رڙ تي سجاتا هڪ ڪڻ لاءِ دهلجي ويئي. سوچيائين
و هيسجي ويو سو پيسجي ويو. همٿ رکي چيائين، ”ٻار جو هاڻ چار سال
ن نالو نه وٺ. منهنجو پرموشن ٿيو آهي. آفيس ۾ ڪم ته ڪرڻو ئي پوندو.
ن ماني کائي سمهي پوندو ڪر. منهنجو انتظار ڇو ٿو ڪرين؟“

پرڪاش کي سجاتا جو هي جواب راس نه آيو. جهنجهلائي چيائين،
مان تنهنجو ڪو نوڪر ڪونه آهيان. گهر هلائڻ جي جوابداري تنهنجي
سي. اِن لاءِ نوڪري ته توکي ڇڏڻي پوندي. جي نه ته پوءِ مونکي شاديءَ جي
تن کان مڪت ڪر. اڏين به نه ٿين، ڇڏين به نه ٿين. مان تنهنجي من ماني
ٽيڪ برداشت نه ٿو ڪري سگهان. مان جيڪي چوان ٿو تون ڪن لاٽار

هئي. هو ٻيئي جيون جو آنند ماڻڻ لاءِ بيقرار هئا. ڪڏهن فلم ته ڪڏهن ڪئبري ڊانس، ڪڏهن سير سپاٽو. شام هو ٽلن ۾ گذاري رات هڪ ٻئي ۾ کوهاڃي ويندا هئا. سڄاتا ڏينهن سان ٿي. پرڪاش ۽ سڄاتا بيحد خوش هئا. هاڻي روز ٻيئي پنهنجي پنهنجي آفيس مان سڌو گهر ايندا هئا. ٻيئي پنهنجي پهرين سنتان جي آنند ماڻڻ لاءِ بيقرار هئا. هاڻي رات جي ماني پرڪاش ئي ٺاهي وٺندو هو. هن لاءِ ايندڙ ٻار ۽ سڄاتا جي صحت ئي هڪ بندگي هئي. هن کي من ئي من ۾ ڊاڪٽر آشا جو ڏنل اِشارو کٽڪي رهيو هو. مسٽر پرڪاش توهانجي ترمپتني سڄاتا ڪمزور آهي هن کي آرام جي سخت ضرورت آهي. توهانکي هن جي پوري پرداخت ڪرڻي پوندي. ٻيءَ حالت ۾ ائبارشن به ٿي سگهي ٿو.

شورارتري جي موڪل هئي. سڄاتا دير تائين بستري تي ليٽيل رهي. هن کان اُٿڻ نه پئي پڄو. پرڪاش اُٿيو ۽ به ڪپ چانهه جا تيار ڪيائين. اَچي سڄاتا جي پلنگ تي ويٺو. سڄاتا اکيون جهڪائي شڪرانا ماڃيا ۽ چيائين: سچ پڇو ته ڪيتري وقت کان چانهه جي طلب ٿي رهي هئي، پر بستري تان اُٿڻ نه پئي پڄو. پرڪاش چانهه پيئندي چيو، مٺي! تنهنجي صحت کي ڏسندي مان چاهيان ٿو ته تون جلد ئي پنهنجي نوڪري ڇڏي ڏي. گهر ويهي آرام ڪر. مونکي تنهنجي ۽ پنهنجي ٻار جي چنتا آهي. اَياڻو چوي سياڻو وياڃاري. سڄاتا چانهه جو ڪوپ پاسيرو رکندي چيو: توکي خبر آهي ته هن نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ مون ڪيترا جتن ڪيا آهن. هاڻ جلد ئي مونکي پروموشن ملڻ وارو آهي ۽ تون چوين ٿو ته مان نوڪري ڇڏي ڏيان. نه بلڪل نه!

"پنهنجي ٻار کان وڌيڪ تنهنجي نوڪري ڪو نه آهي. مان چاهيان ٿو ته تون نوڪري ڇڏي ڏي ۽ بس."

"چاهي تنهنجو حڪم آهي."

"نه هيءَ ڊاڪٽر آشا جي صلاح آهي."

"نان - سينس. مان وڌيڪ بحث نٿي چاهيان. مان نوڪري مور نه ڇڏينديس." اڄ ماڃي جهڳڙا ٿوئا. پرڪاش به ڳالهه کي اڳتي نه وڌائيندي، ڪوپ کڻي رنڌڻي ۾ هليو ويو.

هڪ ڏينهن منجهند تائي پرڪاش کي آفيس ۾ ڊاڪٽر آشا جو فون

ٿئي ڏينهن برابر پرڪاش جي هٿن ۾ قانوني داءُ پيچن سان لکيل نوٽيس
اچي ويو. هن تي سجاتا مٿان اتياچار ڪرڻ، کيس گهر ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪرڻ
جيا اَنيڪ اِلزام مڙهيا ويا. جنهن جو جواب پرڪاش تمام مختصر ڏنو. سجاتا
پنهنجي ترم پتني آهي. هن مٿان اَتياچار ڪرڻ، مان سوچي نہ ٿو سگهان. مون
تي لڳايل الزام من گهڙت ۽ بي بنياد آهن.

ٻہ مهينا گذري ويا. سجاتا جو روز آفيس مان موٽندي نوٽيس لکائڻ لاءِ يا
پرڪاش وٽان آيل جواب پڙهڻ لاءِ ونود جي آفيس وڃڻ. ونود جو سويل گهر
وڃڻ. راڄنيتيءَ تي ونود ۽ سجاتا جا اَجايا بحث سڀ جو سڀ اَنجليءَ جي
من ۾ ڪٽڪي رهيو هو. هڪ ڏينهن اَنجليءَ صبر ۽ محڪمتا سان سجاتا کي
چيو، ''سجاتا! تون مهرباني ڪري پنهنجي رهڻ جو بندوبست ٿئي ڪنهن
ٻئي هنڌ ڪر. منهنجو من پريشان ٿو رهي. مان توکي ڏوه نہ ٿي ڏيان پر ونود جي
طور ۾ مان کوٽ ڏسي رهي آهيان. هو پنهنجي ڪم ڏانهن بہ پورو ڌيان نہ ٿو
ڏئي. مان نہ ٿي چاهيان تہ اَسان جي دوستيءَ تي ڪو داغ لڳي يا ڪو تنهنجي
ونيتر ڏانهن آڱر کڻي.'' سانجهي وقت رنڌڻي ۾ کير اُبامي باه تي ڪري بانس
ڪري رهيو هو. نيل گگن ۾ اوچو اُڏامندڙ آزاد پکي اوچتو ئي اوچتو هڪ
شڪاري تير سان گهايل ٿي اَچي پٽ ڪريو ۽ ڦٿڪڻ لڳو. سجاتا پنهنجي سکيءَ
جي هيءُ وار سهي ڪو نہ سگهي. هن جي اکين اڳيان اونده ڇانئجي ويئي ۽
بيهوش ٿي صوفا تي ڍرڪي ويئي. پريشان تہ هن جي ساهيڙي اَنجلي بہ ٿي
ويٺي. پر پاڻ سنڀالي هن پرڪاش کي فون ڪيو. سجاتا جي بيهوشي سِٽي
اسپتال جي بيڊ تي ٽُٽي. جڏهن هن جو هٿ هن جي ساجن پرڪاش جي هٿ ۾
هو. پرڪاش گنگنائي رهيو هو.

کهڙو ڏيان ڏوراپو اوهانکي
اوهان کين پلجي بہ ساريو اَسانکي
اَسان ڪڏهن ڪين، اوهانکي وساريو
اُتي ئي اُتي، اَجا تائين آهيون
اوهان جت اِشارو ڪري آ ٻيهاريو.

سجاتا کي لڳو طوفان ٿمجي ويو آهي. بس منٺڙي هير لڳي رهي آهي.

❦ ❦ ❦

ڪري ٿي ڇڏين. اونٺي ڪهڙي ٿي پاڻي سهڻ جي به ڪا حد ٿيندي آهي.''

''مان به تنهنجي هٿي پانهي ڪونه آهيان. زال ۽ مرد کي برابريءَ جا حق آهن. هيءَ نوڪري منهنجي آزاديءَ جو پرتيڪ آهي. مان نوڪري ڇڏي تنهنجي گهر ۾ داسي ٿي رهڻ لاءِ تيار ڪونه آهيان.''

هن بحث سبب ساڄي رات پنهي جي نيڻن ۾ ننڊ ڪونه هئي. ساڄي رات هنن پاسا ورائيندي گذاري.

سجاتا اَنجليءَ کي اطلاع ڏنو ته هوءَ ڪجهه ڏينهن لاءِ هن جي گهر مهمان ٿي رهڻ لاءِ اچي رهي آهي. انجلي اَندر ئي اَندر ۾ سُسي ضرور ويئي پر دوستيءَ جو ننگ نڀائيندي سجاتا کي نه ڪونه ڪري سگهي. سجاتا پنهنجي هڪ بيگ کڻي اَنجليءَ جي گهر پهچي ويئي. رات جي ماني وقت اَنجلي ۽ ونود اڳيان هن پنهنجو داستان پيش ڪيو. انجلي ته هن جون ڳالهيون ٻڌي عجب ۾ پئجي ويئي. چي سجاتا، پرڪاش تنهنجو پيار آهي. تون هن جي پيار جي صدقي پنهنجي پيءُ ماءُ سان لڳ لاڳاپا ڇني ڇڏيا آهن. سچ ته پرڪاش توکي ڏاڍو پيار ڪري ٿو. تنهنجي صحت جو خيال رکي توکي نوڪري ڇڏڻ لاءِ چوي ٿو. ٻار ته هر گهر جي سونهن آهي. ٻارن کان سواءِ گهر ڪهڙو؟ تون جي پرڪاش کي ٻار ڄڻي نه ڏيندينءَ ته ڇا هو بازار مان خريد ڪري ايندو! مان ته سمجهان ٿي ته توکي پرڪاش کي سمجهڻ گهرجي.

سجاتا کي اَنجليءَ جي نصيحت پانءِ نه پيئي. چيائين اُهو سون ئي گهوريو جو ڪن ڇني. اَنجلي! تون گهر ۾ ويٺي آهين. گهر جي چئن ديوارين ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏيو اٿيئي. مان آزاد پنڇي آهيان. مونکي پنهنجي حقن جي ڄاڻ آهي. منووادجو زمانو ويو. مان پنهنجي پيرن تي بيٺل آهيان. اِهو ئي پرڪاش کي کٽڪي ٿو. هو چاهي ٿو ته مان نوڪري ڇڏيان. هن جي داسي ٿي رهان. هن لاءِ هر سال هڪ ٻار ڄڻيان. ونود هڪ شيطاني ٺهڪ ڏنو. چي سالي صاحبه. يو آر رائيٽ. هن پرڪاش کي سبق سيکاربو. تون ڪو خيال نه ڪر. سڀاڻي ئي هن وٽ قانوني نوٽيس پهچي ويندو. توکي هن ظالم کان آزادي وٺي ڏيڻ هاڻ منهنجي جوابداري آهي.

ڪئنٽين جي پيءُ ڪنڌ ۾ ڏيرو ڄمائيندا هئا.

مان وچين طبقي جو ٻار، هڪ ننڍي شهر مان آيل ۽ شرميلي سڀاءَ وارو. منهنجي حالت ته اهڙي هئي جيئن جل بن مڇلي. مونکي ته ڪلاس جي ڇوڪرن سان دوستي ڳنڍڻ ۾ ڪجهه مهينا لڳي ويا. پر ڇوڪرين سان ائين پري ڀڄندو هوس جيئن اُٺ پٽڻ کان. پر اَلائي ڇو ڪلاس جي هڪ ڇوڪري رجني پهرين ڏينهن کان منهنجي اکين ۾ کپي ويئي هئي. رجني شڪل جي تمام سهڻي، گول چهرو، ڍنڍ جيان گهريون ڀوريون اکيون، قد جي ڊگهي، سڊول، اسڪول يونيفارم ۾ هميشه پيئي ٻهڪندي هئي. مسڪرائيندي هئي ته هن جون اکيون روشن ٿي ويندون هيون. کلندي ته هن جي ٻنهي ڳلن ۾ ڊمپلس پئجي ويندا هئا. هن جون ساهيڙيون ڪيس ڊمپل ڪري سڏينديون هيون. رجني پڙهڻ ۾ به تمام هوشيار هئي. ماستر، ڪلاس ۾ سوال پڇيو نه آهي ۽ هن جو هٿ مٿي کڄيو نه آهي. هوءَ هميشه پنهنجي ساهيڙين سان گهيريل هوندي هئي. ڪا هن کان ڪاپي ٿهرندي هئي ته ڪا هن کان جاميٽريءَ جو ٿيئرم سکندي هئي. منهنجي به دلي تمنا هئي ته رجنيءَ جي پاسي ۾ ويهان. هن سان ڪجهه مِٺا ٻول ٻوليان. هن جي چهري جي دلڪش ڊمپلس کي ڏسندو رهان. پر مون ۾ اهڙي همت ڪٿي. اڪثر منهنجون نظرون هن ڏانهن کڄي ويندون هيون ۽ منهنجي چوري پڪڙجي پوندي هئي. هن جا ڳل سرخ ٿي ويندا هئا. ٻنهي جو نظرون جهڪي ويندون هيون.

مئٽرڪ جو امتحان به رجني ۽ مان هڪ ڪلاس ۾ ويهي ڏنو. هوءَ منهنجي اڳيان واري بينچ تي ويهندي هئي. امتحان جي انهن اَٺن ڏينهن واري عرصي ۾ مون رجنيءَ کي هڪ نئين روپ ۾ ڏٺو. مٺي ماٺ، نوري تماٽي، شانتيءَ جو مجسم، اکين ۾ سڀني لاءِ پنهنجائپ. هوءَ ڪلاس ۾ اَچڻ سان پنهنجي مٺڙ مُرڪ سان ڪيڪاريندي هئي. اِمتحان ۾ ڪاميابيءَ لاءِ شُڀ ڪامنائون ڏيندي ۽ بس پوءِ پنهنجي سيٽ تي اکيون بند ڪري ويهي رهندي. گيان جي مورت. پيپر لکندي نه هيڏانهن نهاريندي نه هوڏانهن نهاريندي. پنهنجي ئي ڌن ۾. هر پيپر کان پوءِ پڇيو هئائين، تنهنجو پيپر

# ڄامڙو

منهنجو بابا سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو. هر ٻن يا ٽن سالن ۾ هڪ شهر کان ٻئي شهر هن جي ٽرانسفر پيئي ٿيندي هئي. هن ڪي هر شهر ۾ نئون آشيانو اَڏڻو پوندو هو ۽ مونکي نئين اسڪول ۾ داخلا وٺڻي پوندي هئي. نوان ماستر ۽ نوان ساٿي. بابي جو ويچار هو تہ مونکي ڪنهن بورڊنگ اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏي ۽ مان اسڪول بدلائڻ جي هن ذلت کان ڇٽي پوان. پر مان گهر ۾ هوس سڪيلڌو ٻار. پنهنجي ماءُ جي اکين جو تارو: منهنجي اَمڙ مونکي پنهنجي اکين کان دور رکڻ نہ ٿي چاهيو.

هيءَ ويهہ سال اڳ جي ڳالهہ آهي. بابا جو ٽرنسفر ممبئيءَ شهر ۾ ٿيو هو ۽ مون شهر جي مشهور اسڪول ۾ نائين درجي ۾ داخلا ورتي هئي. وڏو شهر ۽ وڏي شهر جي ماڻهن جي ريت نرالي. منهنجي ڪلاس جي هر وديارٿيءَ پاڻ کي تيسمار خان ٿي سمجهيو.

ڪنهن کي پيسي جو اَيمان، تہ ڪنهن کي پنهنجي پڙهڻ ۾ هوشيار هئڻ تي اهنڪار هو. ڪن کي وري ڪلاس جي ماستر کان ٽيوشن وٺڻ تي ٻانور هو. اسڪول ۾ هئي ڪو - ايڊيوڪيشن، يعني چوڪرا ۽ چوڪريون گڏ پڙهندا هئا. پر ڪلاس ۾ چوڪرين جي ويهڻ لاءِ جدا بينچون هيون تہ چوڪرن جي ويهڻ لاءِ الڳ بينچون هيون. چوڪرن ۽ چوڪرين کي هڪ ٻئي سان رلڻ ملڻ تي ماسترن طرفان چڱي روڪ ٽوڪ هوندي هئي. ڪن ڪن چوڪرين چوڪرن جو هڪ ٻئي سان ڪاپي مٽائڻ جو رستو هو. پر اهو سڀ بہ ماستر جي نظر ۾ کٽڪندو هو. رسيس ۾ چوڪريون پنهنجو ٽولو ٺاهي ڪئنٽين ۾ هلي ويندڀون هيون ۽ چوڪر

ڪيو اَٿم. منهنجي حالت اُن راهيءَ جيان آهي جنهن جي راه وچ ريگستان ۾ موهاجي ويئي آهي. منزل جي تلاش ۾ ڀٽڪي رهيو آهيان. اَنيڪ دفعا سپنن ۾ ڪاڇبي اُپرندي آهي. دور ڪان ڪو آواز ايندو آهي. ائين لڳندو آهي تہ هن تبي راه جي موڙ تي ڪو منهنجو انتظار ڪري رهيو آهي. جلد ئي موڙ ايندو ۽ پنهنجي پيار جو ديدار ٿيندو. ورهين جو وڇوڙو پورو ٿيندو. من جي تنهائي دور ٿي ويندي. ويرانين ۾ پيار جو ملهار وسندو. وڻ ٽڻ سڀ ساوا ٿيندا. بس اُنهن اُميدن جي سهاري جيئان پيو.

ممبئيءَ ۾ مون ويهن سالن بعد پير پاتو آهي. سڀ ڪجهہ بدلجي ويو آهي. ممبئيءَ جي آفيس ۾ اَڄ منهنجو پهريون ڏينهن آهي. آفيس جي چارج وٺڻ جي رسم پوري ٿي آهي. آفيس جو سپريٽنڊنٽ شري ماٿر هرهڪ سيڪشن ۾ وٺي هليو. هڪ هڪ سيڪشن آفيسر سان ملاقات ٿي، سڀ سان پڇاڙيءَ ۾ وٺي هليو مونکي منهنجي سيڪريٽريءَ جي ڪيبن ۾. چيائين: شريمتي رجني واسواڻي: توهانجي سيڪريٽري سائين رجني هڪ قابل سيڪريٽري آهي. رجني منهنجي سامهون نمستي جي مُدرا ۾ بيٺي هئي. مان حيران ۽ پريشان. منهنجي زبان مان هڪ اکر بہ نہ اُڪليو. مَنَ ڪنهن منتر مونکي منڍي ڇڏيو هاجي. هيءُ پريشان نيڻ! رجنيءَ جي سچي ساڙهي. مرجهايل زرد چهرو ڏسي منهنجي اَندر هڪ طوفان اُٿيو ۽ مان ڦٿڪي رهيو هوس. جهونا ڦٽ وري کلي پيا. رجنيءَ کي ويهہ سال اڳ مون پڇاڙيءَ جو اِمتحان جي هال ۾ ڏٺو هو. سدا بهار گلاب جيان ٽي ٽِڙي. ڪهڙي سرءُ جي سٽ هن کي لڳي جو گل مرجهائجي ويو. رجنيءَ مون کي سڃاتو يا نہ: مان سمجهي ڪونہ سگهيس. پاڻ تي قابو پائي رجنيءَ کي نمستي ڪري اَچي پنهنجي چيمبر ۾ پهتس. شري ماٿر شايد منهنجي حالت کي سمجهي ويو. چيمبر ۾ پهچڻ سان سوال ڪيائين. سائين! ڇا توهان مسز واسواڻي کي سڃاڻو؟ مون هن کي ڪو جواب نہ ڏنو. هن وري چيو. سائين مسز واسواڻي اَسان وٽ پندرهن سالن کان ملازم آهي. چار سال اڳ هن جي پتيءَ جو ريل حادثي ۾ موت ٿي ويو. ٻار ٻچو ڪونہ اٿس. منهنجي ماءُ سان رهندي آهي. توهان جي چاهيو تہ مان هن کي ڪنهن ٻئي

ڪيئن ٿيو؟ ڪو سوال رهجي ته نه ويو اَٿيئي؟ وغيره مان شرم ۾ ٿيءُ جيان هن جي اڳيان سسي ويندو هوس. منهنجو جواب ها يا نه ۾ هوندو هو. امتحان جي پڄاڻيءَ واري ڏينهن اِمتحان جي نتيجي لاءِ شپ اِچائون ڏنائين. اهو به پڇيائين ته مان ڪهڙي ڪاليج ۾ اِڳتي داخلا وٺڻ جو سوچيو آهي. مون ته چاهيو ته رجني هميشهه منهنجي پاسي ۾ هجي. هوءَ مسڪرائيندي رهي ۽ منهنجي من کي سڪون ملندو رهي. پر ائين ٿيو ڪونه. اِمتحان جي نتيجي واري ڏينهن من ڏاڍو پريشان هو. آتم وشواس ته پر ڪري اُڏامي ويو هو. من ۾ پئي آيو متان ناپاس ٿي پوان. رجنيءَ کي پڪ منهنجي اِمتحان جي نتيجي جي ڄاڻ پوندي. هن جي نظر ۾ ڪري پوندس. رجني ته پڪ ئي پاس ٿيندي. رزلٽ جي پني تي مون پهريائين رجنيءَ جو نمبر ئي ڳوليو هو. هوءَ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿي هئي ۽ مان به سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ٿيو هوس. رجنيءَ جو سدا بهار چهرو منهنجي اکين اڳيان تري آيو. چئي رهيو هو، ڇو تون واڌايون به نه ڏيندين ڇا! وري پاڻ کي ڇامڙو محسوس ڪيم. رجنيءَ سان ملاقات ڪرڻ جي همت ساهي نه سگهيس. ڪهڙي منهن سان وڃان. ڪاڪيپ ته ڪونه ڪٽي هئم. پير اِڳتي هلڻ لاءِ پڙ ڪيي بيٺا. من ۾ هڪ اُمنگ تري آئي. گلن واري کي رجنيءَ جي گهر هڪ گلاب جي گلن جو گلدستو موڪلڻ جو آرڊر ڏنم. هڪ سهڻي ڪارڊ تي سنديش لکيم. ”رجني تون پاڻ گلاب آهين. هيءَ گل منهنجو پيار آهن ۽ هيءَ خوشبوءِ منهنجي پيار جو اظهار آهي. جي قبول ٿين ته دل جون ويرانيون وسن“. منهنجي ڪمزوري وري اُڀري آئي. مون لکيل سنديش تي پنهنجو نالو نه لکيو. من جي ترنگ کي پورو ڪرڻو هو، سو پورو ڪيم.

زندگيءَ جو سفر پنهنجي رفتار سان هلندو پئي هليو. ايم. اي. جي ڊگري اَٿم. بابا ۽ اَما جو سايعو به سر تان لهي ويو. سرڪاري کاتي ۾ آفيسر آهيان. هر ٽئين سال ٽرانسفر ٿيندو رهندو آهي. ڪڏهن به پنهنجو آشيانو اَڏڻ جو ويچار ڪونه آيو اَٿم. شاديءَ لاءِ ڪاڇهه پروپوزل آيا. پر روح ريلو ڪونه ڏنو. ذهن ۾ ڪو عڪس چپچجي ويو اَٿم. ان عڪس سان برابري ڪندڙ ڪا نظر ۾ ڪونه آئي اَٿم. عهدا به اَنيڪ ماڻيان اَٿم. من جي تنهائيءَ پريشان ڪري ڇڏيو آهي. پاڻ کي ويرانين ۾ جڪڙيل محسوس

ھي. ھن کي ھڪ مھيني جي موڪل گھرجي.

دل مان آواز آيو، چامڙا! ھاڻ اُٿ. دل جو حال اورڻ جو وقت اَچي يو آھي. ھاڻي نہ اُٿندين تہ ساري عمر پڇتائيندو رھندين. مان اُٿي ڪڙو يس. چرچگيٽ تي گلن واري جي دڪان تان گلاب جي گلن جو ھڪ لدستو خريد ڪيم. اسپتال جي در وٽ پھتس. خيال آيم، مان پنھنجي دل جو حال اوري سگھندس! ڪٿي شبد جواب تہ نہ ڏيئي ويندا؟ مونکي نھنجي ڪمزوريءَ جي پليءَ پٽ ڄاڻ آھي. ڪيسي مان پنھنجو وزيٽنگ ڪارڊ ڪڍيم. ڪارڊ جي پٺيءَ پاسي اُھو ئي لکيم جو دل تي تري آيو. رجني تون پاڻ گلاب آھين. ھيءُ گل تہ منھنجو پيار آھن. خوشبوءِ تہ منھنجي پيار جو اظھار آھي. جي قبول ٿين تہ دل جون ويرانيون وسن. ھن مونکي ڏسي اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي. مون کيس نہ اُٿڻ جو اشارو ڏنو. منھنجو گلن جو گلدستو ھن جي ھٿن ۾ ھو. ھن جون نظرون ڪارڊ تي لکيل سنديش تي ھيون. سنديش پڙھڻ کان پوءِ ھن جي چپن تي ھڪ اَنوکي مشڪ ھئي. ھن جون نظرون منھنجي چھري تي ڪتل ھيون. ھن جي نھار صاف چئي رھي ھئي. اڙي ھيءُ پيار جو سنديش تہ مون ڪيترا سال اڳ بہ پڙھيو ھو. برپوڪ، پنھنجي پيار جي اظھار ۾ ھيترا سال ورتا اَٿيئي.

ھن جي نظر جي ڇھاءَ ھيٺ مان برف جيان ڳري پاڻي پاڻي ٿي ويو ھوس. دل چاھيو ٿئي تہ اتان پڇي وڃان. پٺيان نھاريم تہ در ڇڱو پري ھو. مشڪل سان پلنگ جي پاسي ۾ پيل ڪرسيءَ تي اکيون ھيٺ ڪري ويھي رھيس. رجنيءَ چيو، سر! ھوءَ ڪاڄھ وڌيڪ چوي، مون کيس روڪيندي چيو، رجني مان اَھڙو ئي آھيان. پيار جو اظھار ڪرڻ مون لاءِ محال آھي. فيصلو توکي ئي ڪرڻو آھي. مان توکي پنھنجي جيون ساٿيءَ جي روپ ۾ اَپنائڻ ٿو چاھيان. نہ، نہ ڪاڄ. مان ٽُٽي پوندس.

رجنيءَ پنھنجو ھٿ منھنجي ھٿ مٿان رکي ڇڏيو. ھن جي نيڻن مان پيار جي برسات وسي رھي ھئي. اھا منھنجي ويران زندگيءَ ۾ بھار جي رُت جي شروعات ھئي.

سيڪشن ۾ بدلي ڪري توهان کي ٻي سيڪريٽري ڏيان. نو ٿئنڪ يو! چئي مون ماٿر صاحب کي موڪل ڏني. سچ تہ مونکي ايڪانت جي سخت ضرورت هئي. تمام مشڪل سان مون پنهنجي اَندر ۾ اُٿيل طوفان تي قابو پاتو هو ۽ ساڻ ساڻ ڪو فيصلو بہ ڪري ورتو هو.

تمام گهڻي وقت کان پوءِ مون اِنٽرڪام جو چوغو کنيو. رجنيءَ جو آواز آيو ''ييس سَر''. پليز ڪم فار ڊڪٽيشن. مون چيو.

رجني اَچي منهنجي سامهون ويٺي. رجني تون مونکي سڃاڻين.

''ييس سر! اَسين ٻئي اسڪول ۾ هم ڪلاسي هئاسين''.

حالتن تو مٿان ڦهر ڪيو آهي. اِها ڄاڻ مسٽر ماٿر مان پيئي. تمام افسوس اَٿم. تون هميشه مونکي پنهنجو خير خواه پائيندءِ. ايشور چاهيو تہ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. اِهو سڀ مون هڪ ئي جملي ۾ چيو. رجنيءَ جو ڪنڌ هيٺ هو. هن فقط چيو: ٿينڪ يوُ سر!

مونکي ممبئي جي آفيس جي چارج ورتي هڪ مهينو ٿي ويو آهي. ڪيترو چاهيندي بہ مان پنهنجو فيصلو رجنيءَ کي ٻڌائي ڪونہ سگهيو آهيان. اَسان جو سنبنڌ آفيسر ۽ سيڪريٽريءَ جي ريکا اَندر ئي رهيو آهي. ڪم سان ڪم. ڳالهہ ٻولهہ. گڊمارننگ سر، ڊڪٽيٽشن، ٿينڪ يو سر، تائين محدود رهيو آهي. پنهنجو پرپوزل رجنيءَ اڳيان رکڻ جي اَنيڪ دفعا ڪوشش ڪئي اَٿم. پر همت سات ڪونہ ڏنو اَٿم. مونکي رجنيءَ جي حالت ائين ٿي پاسي ڇڻ ڪو ڏريل شيشو، جو ڪنهن بہ ٺوڪر لڳڻ تي ڇيهون ڇيهون ٿي پوندو. اَڄ صباح جو جڏهن انٽر ڪام تي رجنيءَ کي سڏ ڪيم تہ جواب روزيءَ ڏنو. چيائين، سر ڪالهہ رجنيءَ جو ائڪسيڊنٽ ٿي پيو آهي. هن موڪل لاءِ درخواست موڪلي آهي. مان درخواست کڻي ٿي اَچان.

رجنيءَ جو ائڪسيڊنٽ. دل کي ڌڪو آيو. دور ساگر ۾ طوفان اُٿيو. هڪ ٻيڙي جا ڪناري پهچڻ لاءِ ماندي هئي، سا ڪُنن ۾ ڦاسي پيئي. درخواست مان معلوم ٿيو تہ ڪالهہ رجني گهر جي ڏاڪڻ لهندي ڪِري پيئي آهي. سندس پير ۾ فرئڪچر ٿيو آهي. هوءَ سٽي اسپتال ۾ زير علاج

توهان پاڇندا ته سونو ڪير آهي؟ هن جو اَسان سان ڪهڙو رشتو ناتو آهي. مان ۽ پارتي هر سال ناتال جي ڏينهن ۾ هوا پاڻي بدلائڻ لاءِ ديش جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ سيلاني بڻجي هلي ويندا آهيون. گهمڻ جو گهمڻ به ٿيندو آهي ۽ ممبئيءَ جي پردوشڻ کان راحت به ملندي آهي. سڀ کان وڏيڪ ته ڪيترن ماڻهن سان اهڙا سنٻنڌ جُڙي ويندا آهن، جو اُهي هميشه جيءَ سان جڙيا رهندا آهن. من انهن جي سڪن ۾ سڪي ۽ سندن ڏُک ۾ ڏُکي ٿي وڃي ٿو. چار سال اڳ اسين ڪنڊڪٽيڊ ٽوئر سان جيپور جي سير لاءِ ويا هئاسين. جيپور اسٽيشن ٻاهران ئي اَٽڪل پنجاه ڄڻا ملياسين ۽ بس ۾ چڙهي هوٽل ڏانهن روانا ٿياسين. بس ۾ اَسان جي پاسي واري سيٽ تي هڪ عورت پنهنجي اٺ ڏهه سالن جي ڌيءَ سان اچي ويٺي. عورت، شڪل جي ڪٽڪ رنگي، قد جي ڊگهي، عمر اَٽڪل ٽيه سال، سلوار ڪڙتي ۾ ڪنهن شاهاڻي گهر جي ٿئي لڳي. هوٽل ۾ هن کي ڪمرو به اَسان جي ڪمري سان لڳولڳ ڏنو ويو. هن مهل تائين اَسان جي ڪنهن سان به ٽوئر آرگنائيزر طرفان واقفيت ڪونه ڪرائي وئي هئي. هوٽل جي ڪمري ۾ پهچي پارتيءَ چيو، هوءَ عورت جا پنهنجي ڌيءَ سان بس ۾ پاسي واري سيٽ تي ويٺل هئي؛ سا شايد اڪيلي گهمڻ آئي آهي. مون چيو : اَڄ ناري آزاد آهي. هوءَ اڪيلي گهمڻ نڪتي آهي. اُن ۾ عجب جي ڪهڙي ڳالهه آهي. اَڄ عجب تڏهن لڳڻ گهرجي، جڏهن ڪو مرد اڪيلو سير لاءِ نڪري!

تنهن ڏينهن شام جو ئي برلا مندر جي باغ ۾ سيني پنهنجي پنهنجي واقفيت ڏني. هن عورت پنهنجي واقفيت ۾ ٻڌايو ته هن جو نالو سونو ساڪيا آهي. هوءَ ممبئيءَ جي مشهور ڪاليج ۾ تاريخ پڙهائيندي آهي. پنهنجي ڌيءَ مٽوءَ کي جيپور جي سير تي وٺي آئي آهي؛ هن کي ڀارت جي اُن زماني جو اتهاس درشن ڪرائڻ آئي آهي، جڏهن ديش جون رياستون راجائن، مهاراجائن جو ورثو هيون ۽ پرجا اُنهن جي ٻانهي. هيءُ عاليشان محل، هيءَ وشال ڊنيون، هيءَ دلو اراءِ وارا مندر؛ سڀ جو سڀ ڪنهن راجا جي ناجي سمپتي هئي. راجا جي حضوريءَ ۾ پرجا کي سجدي ۾ رهڻو پوندو هو. پرجا تنتر کي سمجهڻ لاءِ اَڄ جي ٻارن کي پراڻي زماني جي

# پر ائين نہ ٿيو!

اَسين گهر ۾ پڪي ہہ. هڪ ہئي جي گٽر گون گٽر گون جي سهاري پيا جيئون. شام جو باغ مان سير ڪري موٽان تہ منهنجي ارڌانگني: پارتي ٽيبل تي ہہ بسڪيٽ ۽ گلاس پاڻيءَ جو ٺاهي رکي. مان پاڻي پيئندس ۽ هوءَ سڄي ڏينهن جي رپورٽ آڪاشوانيءَ جي خبرن جيان پيش ڪري هلي ويندي رنڌڻي ۾ رات جي ماني ٺاهڻ. تنهن ڏينهن باغ مان گهمي موٽيس. ڏٺم تہ ٽيبل تي نہ پاڻيءَ جو گلاس هو ۽ نہ هئا بسڪيٽ. هال ۾ بتي بہ ڪونہ ٻَري. پارتيءَ کي رنڌڻي ۾ ڏٺم. اُتي بہ ڪاريءَ وارا ڪڪ هئا. هوءَ ويئي تہ ويئي ڪيڏانهن. هوءَ پنهنجي روم ۾ وڃي ڇو ليٽندي! مٿي ۾ سور اَٿس ڇا! پاڻي پيئڻ لاءِ گلاس پريم ڏٺم تہ هوءَ پنهنجي ڪوپ پون ۾ در ہيڪڙي، منهن سر ويڙهي، نائيٽ لئمپ ٻاري سمهي پيئي آهي. ہہ دفعا پڇيو مانس: پائي ڇا ٿيو آهي؟ هيئن اونڌي منجي ڇو پاتي اَٿيئي؟ ڪهڙي ڳالهہ تي ناراض آهين؟ هوءَ اُٿي ويٺي. اکين ۾ پاڻي هوس. روئندي چيائين: سونوءَ جي اَڄ طلاق ٿي ويئي. هوءَ پنهنجي سس سهري ۽ پنهنجي ڌيءَ متوءَ سان جدا رهندي. هن جو گهوٽ ونود گهر ڇڏي وڃي پنهنجي سينٽيءَ سان رهندو. ويچاري سونو! ڪهڙو زمانو آيو آهي. ههڙي پڙهيل لکيل ڇوڪري، گهر سنڀاليندڙ، سس سهري جي شيوا ڪندڙ، ٻار تي ساهہ ڏيندڙ! هنن ڇوڪرن کي خبر نہ آهي تہ ڇا گهرجي! منهنجي هٿ مان پاڻيءَ جو گلاس ڪري پيو. شيشي جو گلاس پڇي ذرا ذرا ٿي پيو. مان پلنگ تي پارتيءَ جي پاسي ۾ ويهي رهيس. چيم: پارتي، هنن ڇوڪرن کي گهرجي عيش عشرت! پيسو اَچي ٿو تہ سوين برايون بہ ساڻ ٿو ڪٺي اچي. پوءِ نہ رهي ٿو ڪيريڪٽر ۽ نہ پنهنجن لاءِ پيار.

جي تيز ٻڌي ۽ ويچار شڪتيءَ جي سيني ٿئي ساراه ڪئي. هڪ ڏينهن متو باغ ۾ ويهي شايد سفرنامو لکي رهي هئي. پارتي ۽ سونو آرام ڪرسيءَ تي ليٽي قدرت جي سندرتا جو لطف ماڻي رهيون هيون. پارتيءَ سونوءَ کان هڪ سوال پڇيو: متوءَ جي چهري جا روش تو تي ته بلڪل ڪونه آهن. پنهنجي پيءُ تي آهي يا ڏاڏي ڏاڏيءَ تي؟

ويچاري سونو ته ڪجهه وقت لاءِ ماٺ ٿي ويئي. شايد من ئي من ۾ سوچي رهي هئي ته پارتيءَ کي سچ سلي يا ڪو جواب ڏيئي پارتيءَ کي شانت ڪري. پر هن جي چپن تي سچ تري آيو. آهسته چيائين: متو اسانجي گود ورتل ٻار آهي. شاديءَ کي ٻه سال ٿي ويا پر منهنجي گود خالي هئي. منهنجي ۽ راڪيش جي دلي تمنا هئي ته اسان جو به ٻار هجي. پڳو ان سڀ ڪجهه ڏنو آهي، پر سنتان جي سک کان وانجهيل آهيون. انيڪ ڊاڪٽرن جو علاج ڪرايم پر ڦڪين فرق نه ڪيو. ڪن مونکي ٻار نه هئڻ لاءِ جوابدار ٺهرايو ته ڪن راڪيش کي ڏوهه ڏنو. زندگي نراش ٿي پيئي. منهنجي سس سهري گهٽائي اسان کي ڏيڍ ڏنا ۽ سڀ ايشور تي ڇڏڻ جي صلاح ڏني، پر سنتان جي سک جي آس ستائي رهي هئي. نيٺ همت ڪري هڪ اناٿ آشرم مان هيءَ ٻين مهيني جي چاول پياري ڳڌي گود ۾ ورتي. هيءَ آهي ته آنند آهي. هيءَ آهي ته جهان آهي. منهنجي هر خوشي هن ۾ سمايل آهي.

پارتي پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿي. سونوءَ جي سر تي پيار جو هٿ گهمايائين ۽ سونوءَ کان هڪ سوال به پڇيائين. سونو! تو پٽ چو ڪونه گود ورتو؟ اڙي بابا! ڌيءَ ماءُ راڻي ۽ پٽ ماءُ نوڪرياڻي. اڄ جي يگ ۾ ڌيءَ چا پٽ چا! شاديءَ کان پوءِ هاڻ پٽ به پراوا ٿا ٿي وڃن. وري به ڌيءَ ماءُ هميشهه ڪن وزير ٿي رهي ٿي. اسان کي ڌيءَ پٽ ۾ فرق نه ڪرڻ گهرجي. جيپور جو سير ته پورو ٿي ويو، پر پارتي ۽ سونوءَ جو رشتو چئن سالن کان هلندو پيو اچي. پارتي ماءُ آهي ته سونو ڌيءُ. هڪ ٻئي سان روز ٽيليفون تي حالي احوالي ٿينديون آهن. هڪ ٻئي جو پيٽ هنن کان ڳجهو نه آهي. متو، پارتيءَ کي ناني ناني ڪري سڏيندي آهي. پنهنجي

چاڻ ڏيڻ ضروري آهي.

تنهن ڏينهن رات جو هڪ ئي ٽيبل تي ڳڏجي ويهي ماني کائي رهيا
هئاسين. پارٽي، سونوءَ کان پڇي ئي ويٺي، ته هوءَ اڪيلو ڪيئن ممبئي
کان جيپور سير تي نڪتي آهي. سونوءَ کلندي جواب ڏنو. دادي! مان آهيان
ماسترياڻي. مونکي جڏهن ڪاليج مان موڪلون ملن تڏهن ئي ڪيڏانهن
نڪري سگهان. منهنجو گهوٽ راڪيش آهي شيئر بازار ۾ دلال. هو هميشهہ
پنهنجي ڌنڌي ۾ مشغول. ڪڏهن سير سپاٽي لاءِ ملي ئي نه. هن کي گهرجن
پنهنجا ڌنڌوڙي يار دوست. صبوح جو نوين بجي گهر مان نڪري ۽ دير
رات جو گهر موٽي. هر روز شام جو ڪلب ۾ وڃي. دوستن سان شام
رنگين ڪري. مونکي اِهو ڪلبن ۾ وڃڻ، شراب پيئڻ ۽ ناچ گانا پسند نہ
آهن. مان آهيان سادي سودي. گهر کان ڪاليج ۽ ڪاليج کان گهر. بس
سهري جي ديک ڀال آهي، مٽوءَ جي پڙهائي آهي. پنهنجي من پسند
نوڪري آهي. بس سڄو ڏينهن ڪم ۾ ئي نڪريو وڃي. هن کي ڪڏهن
گهمڻ لاءِ زور ڪريانس ته ٽنو اکر نه! پوءِ مان ڇو پنهنجون موڪلون
خراب ڪريان. ڪڏهن مٽوءَ کي ساڻ ڪري يا پنهنجي سس سهري کي
ساڻ ڪري جدا جدا هنڌن جي سير لاءِ نڪري پوندي آهيان. اڄ پارٽ جو
سير ته اڪيلو ئي ڪيو اٿم. سونو هڪ شوڪارو ڀري چپ ٿي ويني.
پارٽيءَ هن جي هٿ مٿان پنهنجو هٿ رکيو. بس اِئين ئي هنن ٻنهي جي
وچ ۾ هڪ رشتو قائم ٿي ويو.

جيپور جي محلات جي سير وقت مون ڏٺو ته سونو هڪ قابل
اُستاد جيان مٽوءَ کي ۽ اَسان کي پڻ محلات جي اِتهاس جي هر پهلوءَ کان
واقف ڪندي ٿي ملي. اَسان جي پڇيل سوالن جا جواب ڏيندي ٿي ملي.
مٽوءَ پنهنجي ماءُ کان پڇيو. هڪ راجا کي ايترا ڪمرا رهڻ لاءِ. سوين
نوڪر. سوين گهوڙا. اَنيڪ راڻيون ۽ ايترو عيش عشرت جو سامان ڇ
ضروري هو! سونوءَ جو جواب به نرالو هو. "جي راجائون مهاراجائون
ڪجهه پيسو پرجا جي ڀلائيءَ لاءِ خرچ ڪن ها ته اَسانجو ديش اَڄ غريب
نه هجي ها. مٽو تمام فهميده. هوشيار. پراون پنهنجي ۽ مٽڙو ٻار هئي. هن

اَحوال ڏيندي چيائين، راڪيش جا افعال ٺيڪ نہ آهن. هن جو پنهنجي آفيس جي سيڪريٽريءَ سان ڪو رشتو جڙي ويو آهي. مون مان بر ٿي ويو آهي. هن ڪي مون ڪان طلاق گهرجي ۽ مون ڪيس طلاق جا پنا صحي ڏنا آهن. هو هاڻ گهر ۾ نہ رهندو آهي. ڪٿي فليٽ وٺي پنهنجي سيڪريٽريءَ سان رهندو آهي. ڪورٽ مان جلد طلاق منظور ڪئي ويندي.

منهنجون تہ ڏندين آڱريون لڳي ويون. پارتي شانت ويٺي رهي. مون چيو: سونو پٽ تنهنجي سس سهري جو ڇا ٿيندو؟ هن عمر ۾ پٽ گهر ڇڏي هليو وڃي. اهو درد هو جهيلي نہ سگهندا.

سونوءَ چيو: نہ نہ مڌو، منهنجو سس سهرو، سڀ منهنجي ساهہ سان سانديل آهن. منهنجي نوڪري سلامت آهي. ڏکيا سکيا ڏينهن گذري ويندا. مان ڏندين ڏاند آهيان.

پر پٽ! تو هن نالائق کي طلاق نامي جي ڪاغذن تي صحي ڇو ڪري ڏني! تو پنهنجا هٿ ڪٽي ڪيئن ڏنا! توکي اِهو سڀ نہ ڪرڻ گهربو هو. جهڙو منهن تهڙو ڪاجي موچڙو.

بابا، زال مڙس جو رشتو سماجڪ رشتو آهي. هن رشتي جو مول آڌار آهي دلين جو ميل. جڏهن راڪيش سماج جا نيم ملحڻ لاءِ تيار نہ آهي. دليون ڪٽيون ٿي چڪيون آهن. هن جو رشتو ٻيءَ عورت سان جُڙي چڪو آهي. هن کي پنهنجي ٻار جو، پنهنجي ماءُ پيءُ جو خيال نہ آهي. تڏهن سان گهٽو وقت هن رشتي کي نيائي سگهنديس! مون تہ هن کي هر ٻنڌن کان مُڪت ڪيو آهي. پکي پر ڪري اُڏامي ويو آهي. ڏسان تہ هن جي اڏام ڪيستائين آهي. مونکي وشواس آهي تہ هو هڪ ڏينهن ٿڪاجي پڪ پنهنجي آشياني ۾ واپس ورندو. ڪليل ٻنڌ شايد وري جڙي وڃي.

سونو تہ ان وشواس کي پنهنجي دامن ۾ سوگهو جَهلي پنهنجي گهر هلي ويئي. اَسان کي اُميد هئي تہ ڪورٽ طلاق نامي تي پنهنجي مهر نہ هڻندي. پر ائين نہ ٿيو!

❦ ❦ ❦

هر جنم ڏينهن تي پارٽيءَ کان خرچي وٺندي آهي. سونو تہ بيماري سيماريءَ ۾ اَچي پارٽيءَ جي شيوا ٽهل بہ ڪندي آهي. مطلب تہ اَسان ٻنهي جو سونوءَ سان هڪ مٽر رشتو جڙي ويو آهي. بهتر آهي تہ ان پيار جي رشتي کي ڪو نالو نہ ڏجي. بس، پيار ۽ سڪ جي ٻَنڌ هميشه جُڙي رهي.

هڪ ڏينهن سونوءَ سان گڏ راڪيش بہ اَسانجي گهر ملڻ آيو. نوجوان، شڪل جو سهڻو، قد جو ڊگهو، شاهاڻي شخصيت، هر لحاظ کان ڏنڊوڙي. هن کي پيسي ڪمائڻ جا اَنيڪ هُنر آهن. شيئر ڪڏهن خريد ڪاجي، ڪڏهن وڪڻجي، ناڻو ڪيئن ۽ ڪٿي سيڙائجي، وياج ڪيئن ڪمائجي وغيره وغيره! پارٽيءَ پڇيس تہ توهان سونوءَ سان جيپور ڇو ڪين آيا؟ هن جو جواب بہ عجيب هو. چي، سونو آهي ڪنجوس، پيئي پيسا بچائيندي. ڪمائجي ڇا لاءِ ٿو! آءٌ هميشه هوائي سفر ڪريان. ايئرڪنڊيشنڊ ڪار ۾ گهمان، فائيو اسٽار هوٽل ۾ رهان، ڪلب ۾ پتي راند ڪريان، شام جو دوستن سان گڏ پيگ پيئان؛ سو سونوءَ سان مان ڪٿي ويٺو راجستان جي رڻ ۾ ڌِڪا کائيندس. هن کي پوري آزادي آهي. منهنجي ڪا روڪ ٽوڪ نہ اٿس. مان تہ چاهيان ٿو تہ هوءَ پنهنجي نوڪري ڇڏي گهر ويهي آرام ڪري. مون سان گڏ گهمي ڦري، زندگيءَ جا سک ماڻي. ڪلب ۾ هرهڪ ٿو مون تي کلي تہ هوءَ ماستري ڇو ٿي ڪري. مون سان گڏ ڪلب ۾ ڇو نہ ٿي هلي. شرم جي ڳالهہ آهي تہ هن کي پتي راند نٿي اَچي. هن کي ڊانس ڪرڻ نہ ٿي اَچي ۽ کائي بہ فقط ويشنو کاڌو ٿي. منهنجو تہ نڪ ئي ڪٽجي ويو آهي.

راڪيش جون هيءُ سڀ ڳالهيون سونوءَ جي سامهون ٿي رهيون هيون. هن جي حالت تہ جل بن مڇليءَ جيان هئي. پئي ڦٿڪي؛ پر ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪڍيائين. اکين ۾ ڳوڙها ضرور تري آيا هئس. ڏکن جا شاهد ڦٽ ٿيندا آهن. مون ڏٺو تہ زال مڙس جي رشتي ۾ گهري ڏار پئجي چڪي آهي. ڪڏهن ٿا رشتا ٽُٽن يا ڪڏهن ٿو ڪو هن ڏار کي پري. خبر خالق کي!

وقت گذرندو رهيو. ٽي سال نبري ويا. مٿان مٿان تہ سڀ شانت هو؛ پر هڪ ڏينهن زلزلو ضرور ٿيو. منجهند ٽاڻي سونو اَسانجي گهر آئي.

هڪ ٽتو شوڪارو ڀري اُٿي ڪڙو ٿيو.

سيتا، سالن کان ٻار کي ڏسڻ لاءِ پياسي هئي. نرس، ٻار کي صاف ڪري ٽوال ۾ ويڙهي اَچي سيتا جي ڀر ۾ ليٽايو تہ سيتا جي ممتا ڇلڪي پيئي. چيائين: ڏيءَ آهي تہ ڇا! اَسان لاءِ هيءُ بہ پٽ آهي. ايشور تو اسان جي ٻڌي تنهنجا لک ٿورا آهن. سيتا ٻار جي انگ انگ تي پنهنجي ممتا جو هٿ ڦيرڻ لڳي ۽ پياسي ممتا سنيه جي جهرڻي مان پياس ٻجهائيندي رهي. اوچتو هن جو هٿ ٻالڪيءَ جي پيرَ تي اَچي رڪجي ويو. ان جو جواب پائڻ لاءِ هن ڪنڌ ڀر بيٺل نرس ڏانهن نهاريو. نرس اکيون جهڪائي ٻاهر هلي ويئي.

ممتا جي سروور ۾ هڪ طوفان اُٿيو . هرديہ ۾ هڪ زلزلو ٿيو ۽ اهڙي وقت پنهنجي پتار کي پاسي ۾ پائي سيتا جي اکين ۾ نيرُ ڇلڪي پيو. آتمارام پنهنجي جيون سنگنيءَ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ قابو جهليو. ٻنهي جي ويران من ۾ هوڪ ساڳي هئي. ٻنهي جو دک ساڳيو هو. ٻنهي کي هڪ ٻئي جو سهارو کپندو هئو. ٻنهي من ئي من ۾ حالتن سان سمجهوتو ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. سيتا، ٻانهن ورائي ننيڙي رتنا کي پنهنجي سيني سان لڳائي ڇڏيو. آتمارام ٿورو مسڪرائي پنهنجي اکين ۾ آيل ڳوڙهن کي ڌوتيءَ جي پلوَ سان اُگهي ڇڏيو.

رتنا سڄي گهر جي اکين جو نور هئي. ماءُ جي ممتا ۽ پيءُ جي دلار جي ساڀعي هيٺ رتنا چنڊ جي ڪلائن جيان ساماٽجي ويئي. ارڙهن ورهين جي عمر ۾ سندس سونهن اِندر جي اپسرائن کي مات ڏئي ڪيو. واسينگ جهڙا وار، چنڊ جهڙو گول چهرو، باداميون جهڙيون اکيون، ڏاڙهونءَ جهڙا ڏند، سڊول بدن، پر ڇال وِڏ! رتنا جهڙي سونهن جي سردار هئي تهڙي دماغ ۾ ذهين هئي. پڙهڻ ۾، سبڻ ۾، پرڻ ۾، ڳائڻ ۾، وڄائڻ ۾ هوءَ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. ساهيڙين جي سرتاج ۽ محفلن جي مور هئي. مئٽرڪ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري سائنس ڪاليج ۾ پڙهي رهي هئي.

رتنا جي پريہ سکي هئي وملا. ٻئي هڪ ڪلاس ۾ پڙهنديون هيون. هڪ پاڙي ۾ رهنديون هيون. ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ ٻئي ۾ ڪويل رهنديون هيون. وملا جو ماءُ پيءُ پڻ رتنا کي پنهنجي ڌيءُ جيان ڀانئيندا هئا. وملا جو ڀاءُ

# سماجھوتو

رتنا، سيٺ آتمارام ۽ سندس پتني سيتا جي لاڏلي ڌيءَ هئي. ڏهن سالن جي شاديءَ کان پوءِ کين ڌيءُ ڄائي. آتمارام جي ماءُ گومي تہ آسرو ئي پلي ويٺي هئي. انيڪ ڊاڪٽرن جي پڙ پئي. انيڪ پير فقير پيٽيائين، انيڪ باسون باسيائين. نيٺ وڃي ايشور هن جي ٻڌي. هن جي اها ئي آس هئي تہ مرڻ کان اڳ آتمي جو گهر سائو ڏسي وڃان. جڏهن ٻار جو جنم ٿيو تڏهن آتمارام جي گهر شهنايون وڄڻ ڪپنديون هيون. گهر ۾ ڏياري هئڻ ڪپندي هئي؛ پر رتنا جي ڄمڻ تي گهر ۾ سناٽو ڇانئجي ويو.

ويم ڪرائي جڏهن ڊاڪٽرياڻي ڪمري کان ٻاهر نڪتي، تڏهن هن جي چهري تي اُداسي ڏسي ٻاهر ويٺل گومي ۽ آتمارام جا تہ ڇهہ ئي ڇڄي پيا. ڏڪندڙ چپن مان فقط هڪ ئي جملو نڪري سگهين. ”ڊاڪٽر! ڇا ٿيو؟“ ڊاڪٽرياڻيءَ پاڻ سنڀالي کين ڌيرج ڏيندي جواب ڏنو ”اوهانکي ڌيءُ ڄائي آهي پر ....“

”پر ڇا ڊاڪٽر... سيتا تہ ٺيڪ آهي نہ؟“ آتمارام سوال پڇيو. ”ها سيتا تہ ٺيڪ آهي پر ڇاول ٻار اپاهج آهي. هن جو هڪ پير منبو آهي. هن کي عمر ڀر ائين رهڻو پوندو. باقي ٻيو سڀ ٺيڪ آهي.“

ڊاڪٽر جو جواب ٻڌي آتمارام ۽ گوميءَ جون تہ ڄڻ متيون ئي منجهي پيون. ٻيئي متي تي هٿ رکي پاسي واري بينچ تي ويهي رهيا. گوميءَ جلد ئي پاڻ سنڀالي ورتو. ڏڍ ڏيڻ لاءِ پٽ کي چيائين ”آتما! ايشور جي ڪئي ۾ ڪير ٿو هٿ وجهي سگهي. تون چنتا نہ ڪر. هيترن سالن کان پوءِ سائينءَ گود ڀري آهي. اها اَسان جي گهر جي لڪشمي آهي. اُٿ اندر هل ٻار کي تہ ڏسون! سيتا کي دلجاءِ ڏج. جهڙي بہ آهي ٻار کو ڏيک تي تہ ڪونہ پيا آهن!“ آتمارام

نياڻيءَ جو ياڳ پلو ڪانجاڻ!

هڪ ڏينهن رتنا ڪاليج وڃڻ لاءِ تيار ٿي رهي هئي تہ ماڻس ڪيس چيو ”پٽ رتنا ! اڄ ڪاليج مان ستو گهر اچڄ. ڇوڪري وارا توکي ڏسڻ اَچڻا اهن. 5.00 بڄي جو ٽائيم رکيو ويو آهي.“

رتنا چيو، ”ممي مونکي پاڻ ڏيکارڻو ڪونهي. قدرت تہ مون سان نياءُ ڪيو آهي: هاڻ ڇا اوهان بہ مون سان انياءُ ڪندا! مان پنهنجي زندگيءَ جو فيصلو پاڻ ڪنديس“. ماڻس وراڻيو ”پر پٽ! ائين تہ سماج ۾ ٿيندو آيو هي. ڇوڪري وارن کي تو بابت پوري ڄاڻ آهي. هنن کي ڪو بہ اعتراض ڪونہ آهي. هڪ ليکو ڪٽڻو آهي. اها رسم پوري ڪرڻي آهي. رتنا کي چڙ اچي ويئي. چيائين ”اڙي واه! مان بنا ڏٺي ئي اڳهامڇي ويئي آهيان! ڪير آهي اَهڙو ستيہ وادي! بابا گهڻا لک باسيا اَٿس! اَفسوس آهي! پر ممي تون هڪ ڳالهہ ياد رکڄاڻ تہ مان ڏيتي ليتي وٺندڙ شاخص کي پنهنجو ور قبول ڪونہ ڪنديس!“ سيتا بہ پاڻ جهلي نہ سگهي. چيائين ”ڇوڪري، ڪو شرم ڪر. تنهنجو پيءُ آهي جو ويٺو ڳٽيون ڪري ۽ مٿين مائٽين وارين وٽ ڳٽيون گسائي. مان روز تو لاءِ ويٺي آراڌنا ڪريان ۽ تون... خير مونکي ڀڏاءِ اڄ ڪمڙي تي ڇوڪري بنا ڏيتي ليتيءَ اڳهامي ۽ تون تہ...“

رتنا چلائي اُٿي ”ها! ڇئي ڏي تہ مان لنگڙي آهيان! پل ۾ پيرن وارا محتاج هجن پر مان لنگڙي پنهنجو سو ايمان ڪونہ وڪڻنديس. اڄ جيڪو تنا ڏسڻ جي فقط بابا جي پيسن جي لالچ تي مون سان شاديءَ لاءِ تيار آهي، اُهو سيان پيسي جي لالچ تي مونکي باه ۾ سو اه ٿيڻ لاءِ بہ مجبور ڪندو. ممي! سيءُ سودو آهي ۽ مان داو تي لڳڻ لاءِ تيار نہ آهيان!“

رتنا ڪاليج جي ليڪچر هال ۾ اَڄ ڪونہ ويهي سگهي. هن جو من پريشان هو. هن پاڻ کي سماج جي ڪرسمن ۾ گرفتار ٿيندو محسوس ڪيو. هوءَ ڻاڻ کي هن ڏڀڻ مان آزاد ڪرائڻ لاءِ تڙپي رهي هئي. رتنا هڪ فيصلو ڪري رتو. ڪامن روم ۾ وڃي ڊاڪٽر ستيش ڏانهن هڪ مختصر خط لکيائين:

”پريہ ستيش! توکي پريہ سڏڻ جو مونکي اڌڪار آهي. جڏهن کان هوش سنڀاليو اٿم: توکي پنهنجو پاتو اَٿم. من ئي من ۾ توکي پنهنجو ديوتا

ستيش، ڊاڪٽري جي پڇاڙيءَ واري سال ۾ پڙهي رهيو هو. تنهنجو پڻ رتنا ۾ موه هو. جيڪڏهن رتنا ڪنهن ڏينهن وملا وٽ ڪونه ايندي هئي ته ستيش جو منهن ملول ٿي ويندو هو ۽ پنهنجي ڀيڻ کان پڇندو هو ''اڙي ڀائي، اڄ تنهنجي منڊي گهوڙي ڪونه آئي آهي؟'' وملا غصي سان منهن ٺاهي کيس چوندي هئي: ''شرم نٿو اچيئي منهنجي ساهيڙيءَ بابت ائين ٿو ڳالهائين.'' ستيش کلي کيس چوندو هو: ''چري! تنهنجي ساهيڙي آهي ته منهنجي پڻ دوست آهي. مون ته مشڪريءَ مان ائين چيو''. بس وملا کيس ويچارا ڏيئي پڇي ويندي هئي. ستيش ڪڏهن ڀنهي کي سائنس پاڙهيندو هو ته ڪڏهن حساب. ڪڏهن گڏجي سنيما تي ويندا هئا ته ڪڏهن پڪنڪ گڏجي ڪندا هئا.

جنهن ڏينهن ستيش جي امتحان جو نتيجو ظاهر ٿيو ۽ هوُ ڊاڪٽر بڻجي ويو، تنهن ڏينهن رتنا سڀ کان وڌيڪ خوش هئي. رتنا، هڪ سٺو ڪيڪ وٺي آئي. ستيش پڇيس: رتنا ڪيڪ ڇو؟ ته کلي چيائين ''واه! هاڻ بيمار ٿينديس ته چنتا ڪونه ٿيندي. تون منهنجو علاج ته ڪندين نه! ها پيسن جي اُميد مون مان ڪونه رکجانءِ''. ستيش وراڻيو ''شڪر خدا جو، ڊاڪٽريءَ جي تجربن لاءِ هڪ ڪيس ته مليو. جي جان هلي ويئه ته مونکي ڏوه نه ڏج''. رتنا جي وات مان نڪري ويو ''اڙي هيءَ جان ته تنهنجي آهي''. رتنا جو منهن شرم کان ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هوءَ اُٿي هلي ويئي. ستيش عجب ڀريل نظرن سان هن ڏانهن نهاريندو رهيو.

وقت گذرندو رهيو. رتنا هر ميدان ۾ پنهنجو قدم ڪاميابيءَ سان اڳتي وڌائيندي رهي. هن من ئي من ۾ پنهنجي مستقبل لاءِ ڪيترا ئي سندر محل اڏيا هئا. هن جي ڪلپنا جي اُڏام چنڊ ۽ تارن تائين هئي. هن پنهنجي دامن ۾ سمورو آڪاش سميٽڻ ٿي چاهيو. ٿيءُ وڏي ٿئي ته ماءُ پيءُ جي اکين ۾ پيئي تري. هميشه ماءُ پيءُ کي اِها ئي چنتا کائيندي رهندي آهي، ته ڪڏهن ٿي منهنجي نياڻي وڃي شينهن ڪلهي چڙهي ۽ وڃي سهاڳ جا سک ماڻي. آتمارام ۽ سيتا کي رتنا جي ڏاڍي چنتا هئي. رتنا سندر هئي، پڙهيل هئي، هوشيار هئي، پر هن جي پير جي وِڏ کي ڀلا ڪير ٿو ڍڪي سگهي. اڄ ڪالهه جا ڇوڪرا ته مڪڻ مان وار پيا ڪڍن. هن جي هميشه ايشور در اهائي آراڌنا هئي ته داتار

# گرو دڪشڻا

رات جا ٻہ لڳا هئا. منماڙ اسٽيشن تي بمبئي - ناگپور ميل گاڏي
اچي پهتي. گاڏي پنهنجي مقرر وقت کان اٽڪل ڪلاڪ ليٽ هئي. زناني
سيڪنڊ ڪلاس گاڏي مان ٻہ عورتون هيٺ لٿيون. هڪ جي عمر اٽڪل
پنجاه سال. بدن تي نيري بارڊر سان ڪاٽيءَ جي ساڙهي، اڇو بلائوز، وارن
۾ چڱي سفيدي، اکين تي چشمو، وارن جو چوٽو ڪيل، پيرن ۾ بنا ڪڙيءَ
سينڊل. هٿ ۾ هڪ اٽيچي ۽ ٻين عورت: اُها ! تہ سرڳ جي اپسرا ٿئي
پاسي. عمر اٽڪل سترهن ارڙهن ورهيہ، قد جي ڊگهي، بدن جي سنهي،
شڪل جي بيحد گوري، بدن تي چاڪليٽي رنگ جو سلوار ڪڙتو، پوري
رنگ جي پوتي، وار ڪڪا، لنبي چوٽي، چوٽيءَ ۾ خوبصورت سڳي،
پيرن ۾ انارڪلي چمپل، هلڻ جي چال شاهاڻي؛ پر تمام هيسيل ۽ پريشان
ٿي لڳي. ٻيئي ويٽنگ روم ڏانهن اچي رهيون هيون. مان هنن کي پاڻ
ڏانهن ايندو ڏسي اُٿي کڙو ٿيس. مان سوچي رهيو هوس تہ هن وڏي عمر
واري عورت کي ڪٿي ڏٺو اٿم!

پنهنجي يادداشت تي زور ڏنم. هن عورت جو چهرو منهنجي ذهن
تي صاف اُڀري آيو. هن مونکي ڪونہ سڃاتو. ويٽنگ روم جي در وٽ
پهچي چيائين، ”تي سي صاحب! اوهان هن ويٽنگ روم جا اِنچارج آهيو
نہ؟ اسانکي صبح پنجين بجي واري گاڏيءَ ۾ اورنگ آباد وڃڻو آهي. جي
بند اچي وڃي تہ صبح جو ساڍي چئين بجي اُٿارڻ جو بندوبست ڪندا!“
مان نمي هن جي پيرن کي ڇهيو ۽ ڪيس چيم، ”دادي توهان کو اونو نہ
ڪريو. اوهان صبح واريءَ گاڏيءَ ۾ اورنگ آباد ضرور ويندا.“

ماڃيو اٿم. تنھنجي من ۾ مون لاءِ ڪھڙو استان آهي اهو ڄاڻڻ جي مون ڪڏهن ڪوشش به ڪونه ڪئي آهي. منھنجا مائٽ وڏي ڏيتي ليتي ڏيئي منھنجي شادي ڪرائڻ چاهين ٿا. هڪ ڇوڪرو ڪين ملي به ويو آهي. مان فقط تنھنجي آهيان، ڇا تون مونکي اپنائڻ لاءِ تيار آهين؟ مان اڄ شام تائين تنھنجي جواب جو انتظار ڪنديس!"

رتنا، اهو خط ڊاڪٽر ستيش جي اسپتال ۾ ڪمپائونڊر کي ڏيئي اچي گھر پنھنجي پلنگ تي ڦان ٿي پيئي؛ ڄڻ زندگيءَ جي ڪا وڏي لڙائي لڙي ٿڪجي ٽٽي پيئي هجي.

ڊاڪٽر ستيش کي جڏهن خط مليو ۽ خط جو مضمون پڙهيائين، تڏهن عجب ۾ پئجي ويو. پھريائين ته هيءُ خط رتنا جي ٻاراڻي سمجهيائين. پوءِ وري ڪجهه سوچي رتنا ڏانهن خط جو جواب لکي موڪليائين.

"رتنا، تون اڃا ٻار آهين. پنھنجو پاڻ فيصلو ڪرڻ لاءِ زندگيءَ جو آزمودو گھرجي. تنھنجا مائٽ جيڪي ڪجهه ڪري رهيا آهن سو تنھنجي ڀلي لاءِ ڪري رهيا آهن. مان هن وقت پنھنجي شادي لاءِ ته سوچي به نٿو سگهان. هر عورت کي سماج سان، زندگيءَ سان سمجهوتو ڪري جيئڻو آهي. تنھنجي حالت ۾ ته سمجهوتي جي وڌيڪ ضرورت آهي. منھنجي توکي صلاح آهي ته توکي ائين ڪرڻ ئي گھرجي.

ڊاڪٽر جو نوڪر شام جو هيءُ خط رتنا کي پھچائي ويو. خط پڙهي رتنا جي من ۾ هڪ زلزلو اُٿيو. اُميدن جو اڏيل محل چور چور ٿي ويو. چنڊ ۽ ستارن ڀريو آسمان ڌرتيءَ تي ڪري مٽيءَ سان ملي ڪٽو ڪٽو ٿي ويو. رتنا جي ڪنبندڙ چپن تي هڪ ئي لفظ هو 'سمجهوتو' ڇو!

ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن رتنا 8.00 بجي تائين پنھنجي بستري ۾ ليٽي رهي تڏهن ماٽس ڪيس اُٿارڻ لاءِ آئي ۽ رڙ ڪري پيئي. آتمارام ٻڪنو ڊاڪٽر ستيش جي گھر پھتو. "ڊاڪٽر! جلد هلو! منھنجي رتنا بيھوش ٿي ويئي آهي."

ڊاڪٽر ستيش کي رتنا کي تپاسڻ جي ضرورت ڪانه پيئي. رتنا سماج جي ڪرسمن جي گھيرن کان پاڻ کي مڪت ڪرائي چڪي هئي. ڊاڪٽر ڀڻ ڀڻ ڪندي فقط ايترو ئي چيو "رتنا! تو ڪو به سمجهوتو ڪونه ڪيو! تو ڪو به سمجهوتو ڪونه ڪيو!"

پڻ مردن کان اڳريون آهن. هنن جو ڳاٽ اوچو آهي.''

دادي؛ وچ ۾ ڪٽيندي چيو، ''مان سياسي ۽ آرٽڪ ڪيتر جي ڳالهہ نہ ٿي ڪريان. سماجڪ نقطہ نظر سان ڏِسُ. عورت اُتي ئي بيٺي آهي. منهنجو ئي مثال وٺ. مونکي ٽي ڀائر ۽ هڪ ڀيڻ آهي. مان سڀني ۾ وڏي آهيان. اِن لاءِ ڪنواري هوندي اَما جو سڄو مون تائين هو. ڇي، هِن کي سنان ڪراءِ. هُن کي اسڪول لاءِ تيار ڪر، پيءُ لاءِ ماني پچائي وٺ: اَما ويم لاءِ اسپتال ويندي هئي تہ سڄي گهر جو بار پوندو هو مون تي. اما کي اسپتال ۾ ماني ٽڪي بہ مان ئي پهچائي ايندي هئس. مئٽرڪ پاس ڪري ڪاليج ۾ ويس تہ ڄڻ ماءُ پيءُ جي اکين ۾ ترڻ لڳس. بي. اي. فائينل ۾ هيس تہ منهنجو ڪاليج جي هڪ ليڪچرار، ونود چٽو پاڌيہ سان پيار ٿي ويو. اما سان ڳالهہ ڇوريم. هن کي اها پڪ ڏياريم تہ چٽو پاڌيہ هڪ هئڻ هار نوجوان آهي. هو ڏيتي ليتي ۽ ادمبر جي خلاف آهي. هن جو خاندان مڃي مانيءَ وارو آهي. پر بابو ننو اکر 'نہ' واري ويٺو. چيائين، تون اَسان جي خاندان کي ٽڪو لڳائيندينءَ! حڪم جاري ڪيائين، تہ مان پڙهائي ڇڏي اچي گهر ويهان. ٻن باهين ۾ اچي ڦاٿس. نيٺ توڪل جي ترهي تي چڙهي چٽو پاڌيہ سان سِول مئريج ڪيم. پيڪي گهر جا در منهنجي لاءِ بند ٿي ويا. هڪ ڏينهن پاڻ جهلي نہ سگهيس. اما بابا سان ملڻ لاءِ من تڙپي رهيو هو. ويس پنهنجي اَباڻي گهر جي چانئٺ تي. ڪنهن در ئي ڪونہ کوليو. بابا تہ منهنجن ڀائرن ۽ ڀيڻ کي بہ مون سان ملڻ کان منع ڪري ڇڏي. چيائين، تون منهنجي موت تي بہ نہ اچجانءِ.

ٿيو بہ ائين ئي! جنهن ڏينهن بابا جو ديهانت ٿيو. مونکي ڪو بہ ٽياپو ڪونہ موڪليو ويو. بابا جي موت جي خبر تنهن ڏينهن شام جو مونکي منهنجي ساهيڙيءَ ئي ڏني هئي. چٽو پاڌيہ کي ساڻ وٺي وري هڪ دفعو پيڪي در تي ويس. سڀ پورو ٿي چڪو هو. ست ڌارين جيان ڏهہ منٽ ويهي واپس آياسين. اما ويچاري تہ بيهوش هئي. پر ڀائر! اُنهن سمجهيو تہ شايد مان بابا جي ملڪيت مان حصو ڇڏائڻ آئي آهيان. اَسان ڏانهن تہ ڪنهن نهاريو بہ نہ. ايشور جا رنگ تہ ڏس! هڏو اَتم منهنجي ڀاءُ

''پر تون ڪير؟''

''دادي مان اوهان جو جهونو شاگرد چندر آهيان. اوهان مونکي پندرهن سال اڳ بمبئيءَ ۾ ميٽرڪ ۾ پاڙهيو آهي'' مون وراڻيو. ڇوڪري، داديءَ جي پٺيان بيٺي رهي. منهن تي مٺر مشڪ هئس. مونکي پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي بيگ هيٺ رکي نمسڪار ڪيائين. داديءَ هن جي واقفيت تمام ٿوري ۾ ڏني. چيائين، هيءَ راڌا آهي. ويٽنگ روم سڄو خالي هو. ويٽنگ روم ۾ گهڙي دادي ته هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهي، پر راڌا وڃي ڪنڊ واري صوفا تي ديرو ڄمايو. ڳالهين جو سلسلو وري داديءَ ئي شروع ڪيو. چيائين، ''سڻو ٿيو هت ڪو پنهنجو ته مليو. سچ پڇا ته هيءَ مونکي ڏاڍو اونو هو. هڪ ته اڪيليون زالون، ٻيو رات جو وقت، مٿان وري گاڏي ليٽ. اورنگ آباد پهچڻو به ضروري آهي. هاڻ تون آهين ته منهنجو اونو مٽيو''.

مون چيو ''دادي تڪ لاهڻ لاءِ هڪ ڪوپ ڪافيءَ جو پيئندا''

داديءَ وراڻيو ''اڙي بابا! تو ته منهنجي دل وٽان ڳالهه ڪئي، پر توکي تڪليف ته ڪانه ٿيندي، مون راڌا ڏي نهاريو. ڏسان ته هوءَ چادر ويڙهي پٺ ڏي منهن ڪري سمهي پيئي هئي. جواب داديءَ ئي ڏنو. چيائين، راڌا چانهه ڪافي ڪانه پيئندي آهي. مان ڪافيءَ جو آرڊر ڏيڻ لاءِ ٻاهر هلي ويس. موٽي اچي ڏسان ته دادي هٿ منهن ڌوئي آرام ڪرسيءَ تي ويٺل آهي. هٿ ۾ هڪ رسالو هئس. 'ناري وڪاس'. داديءَ کي هٿ ۾ ڪوپ ڏنم ۽ هڪ ڪرسي سيري هن جي پاسي ۾ ٿي ويٺس. منهنجي نظر ناري وڪاس رسالي تي هئي. پڇيائين، 'ناري وڪاس' بابت سوچي رهيو آهين ڇا.

مون چيو ''ها! دادي''

داديءَ ڪوپ مان ڪافيءَ جو هڪ ڍڪ ڀريو ۽ تمام گنڀير نوع ۾ چيائين ''چندر! عورت هميشه گهيرن ۾ رهي آهي. اِهي گهيرا ٽٽڻ جا نه آهن. گهيرن جو آڪار بدلجي ٿو پر گهيرا قائم رهن ٿا.''

مون چيو. ''دادي وقت بدليو آهي. عورت کي اسان جي ديش ۾ برابريءَ جا حق آهن. عورتون وڏن عهدن تي آهن. ڪي ته واپاري ڪيتر ۾

ڌن. چيائون، توکي ڪا سنتان ڪونہ آهي؛ تنهنڪري توکي چٽوپاڙيہ جي سمتيءَ ۾ ڪو حق نہ آهي. منهنجي ڏير تہ مونکي گهر مان ڌڪا ڏيندي چيو ''پاپي! هاڻ تون وڃي بندرابن جي ڪنهن آشرم ۾ رهہ. هري ڪيرتن ڪندي تنهنجي عمر ڪٽجي ويندي. ڪٿي آهن عورتن جا حق! ڪٿي آهي اهو سماج؛ جو عورت کي مرد جي برابريءَ جا حق ڏئي! پنهنجن کان ڌُتارجي اَچي هڪ اسڪول ۾ ماستري ڪيم. هارن سان رهي زندگيءَ جا غم وسارڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. دادي اهو سڀ چئي ڪجهہ ويل شانت ٿي ويئي. پر لڳم تہ هوءَ ڪجهہ سوچي رهي هئي.

راڌا پاسو ورايو. پر هن جي ننڊ ڪونہ کلي. منهن تائين چادر ويڙهي سمهي رهي. داديءَ کي وري ڪا ڳالهہ ياد اچي ويئي. چيائين، اَسان جي ڪالونيءَ ۾ شانتي ديوي رهندي آهي. وڌوا آهي، ڪيس هڪ ئي سنتان آهي، ڪانتا. پنهنجو فليٽ گروي رکي وڏي ڏيتي ليتي ڏيئي ڌيءُ کي شادي ڪرايائين. ويچاري ڪانتا واگهن جي ور چڙهي ويئي. گهوٽيتن جون گهرجون کُٽڻ جون ئي ڪين هيون. ڇوڪريءَ کي ڏاڍو پريشان ڪيائون. هن جو سس سهرو، هن جو گهوٽ ۽ ڏير ڪيس مارون ڏيندا هئا. هن کي ڏنڀ ڏيندا هئا. ڪير اچِيان اَچي! ڪير آواز اُٿاري! سڀ جو سڀ تہ ننڊ ۾ آهن! ويچاري ڪانتا بلڊنگ جي ستين ماڙي تان ٽپو ڏيئي پنهنجو اَنت آندو! هن جي ساهرن مائٽن پوليس ۾ بيان ڏنو تہ ڇوڪريءَ جو دماغ خراب هئو. دماغي دوري جي حالت ۾ هن ٽپو ڏنو آهي. سڀ لئہ مٽي ٿي ويو. ڪانتا جي گهوٽ ٻي شادي بہ ڪئي آهي.

چندر، عورتن جو درجو هڪ سماجڪ مسئلو آهي. جيستائين سماجڪ پريورتن نہ ٿيو آهي؛ تيستائين عورت جي وڪاس لاءِ قانوني ۽ سياسي مدا ٿاهڻ ٿيندو اونده ۾ ٿاڦوڙا هڻڻ برابر آهي.

مون وري راڌا ڏانهن نهاريو، جا آرام سان نندرا ديويءَ جي گود ۾ ستل هئي. دادي منهنجي نهار جو مطلب سمجهي ويئي. چيائين، راڌا منهنجي ننڍپڻ جي ساهيڙيءَ جي ڌيءُ آهي. جا اورنگ آباد ۾ رهندي آهي. راڌا بمبئيءَ ۾ هڪ ڪاليج ۾ بي. اي. فائينل ۾ پڙهندي آهي ۽ مون سان ئي

پنهنجي ئي آفيس جي هڪ گجراتي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي آهي. ڪنهن ’ڇو‘ به ڪونه ڪئي. منهنجي امان ته هن تان ٻلهار ٿيندي پئي وڃي. سيني کي ٿي ڇوي ته منهنجو پٽ قومي ايڪتا ۾ وشواس رکندو اهي. اِهو فرق ڇو! ڇاڪاڻ ته مان ناري آهيان ۽ هو پرش.

هيءُ قصو ته ٿيو منهنجي پيڪي گهر جو. منهنجي ساهري گهر ۾ به حالت اهڙي ئي هئي. مونکي ڇتو پاڌيه گهر جي نونهن ته تسليم ڪيو ويو؛ ڇاڪاڻ ته ان شاديءَ لاءِ منهنجي گهوٽ جو ضد هو. پر منهنجي سس صاحبه ان رشتي لاءِ راضي ڪونه هئي. هن پهرئين ئي ڏينهن اهو فرمان جاري ڪيو ته مان ڪڏهن به ان گهر جي رنڌڻي ۾ پير نه پايان. ڇاڪاڻ ته مان اڃا به هنن لاءِ اوپري هئس. هڪ نونهن کي رنڌڻي ۾ گهڙڻ جي حق کان محروم رکڻ کان وڌيڪ ان لاءِ ٻي ڪهڙي سزا ٿي سگهي ٿي! ڪنهن کي فرياد ڪريان! ڪير وٺي ڏيندو مونکي پنهنجو حق!

شاديءَ جا ٽي سال پورا ٿي ويا هئا. مونکي اڃا ڪو سنتان ڪونه ٿيو هو. سمورو گهر ۽ خود منهنجو خانود پڻ مونکي ڏوهي ٺهرائي رهيو هو. هڪ ڏينهن ته منهنجي سس اچي وڦلڻ لڳي. ڇي، مونکي ان گهر جو وارث گهرجي؛ جي هن سونڊ کو ٻوتو نه ٻاريو ته مان پنهنجي پٽ جي ٻي شادي ڪرائيندس. منهنجي پٽ لاءِ ڪا ونين جي ڪوٽ! هڪ گهران سوَ حاضر! اهو سڀ ٻڌي منهنجا ته ڪن ئي سڙي ويا. هڪ ڏينهن ڇتوپاڌيه خاندان جي ڪا ڏورانهي رشتيدار جا لنبن ۾ ڊاڪٽري پڙهي موٽي هئي. تنهن کي منهنجي گرڀ چڪاس لاءِ گهرايو ويو. ان منهنجي جاچ ڪئي ۽ وڏي واڪي مونکي سرٽيفڪيٽ ڏنائين ته مون ۾ ڪو نقص ڪونه آهي؛ تنهن ڏينهن کان پوءِ سس وڃي انهن طعنن ٽوڪن کان مونکي ڇوٽڪارو مليو.

منهنجي گهوٽ جو ديهانت ٿيو. مان وڌوا ٿي ويس. مونکي سهاري جي ضرورت هئي؛ پر مونکي ڇتوپاڌيه گهر مان ائين ٻاهر ڦٽو ڪيو ويو جيئن ڪنهن ٽوڪريءَ مان ڪني ماڇي. ڇي، بد بخت آهي. پنهنجي مڙس کي ڳڙڪائي ويئي. مون وٽ نه هو بابي ڏنل دهياج ۽ نه ڪو استري

# شري گانءُ

منماڙ، مهاراشٽر ۾ ناسڪ جي ويجهو هڪ مکيہ شهر آهي. فروٽ ۽ ڀاڄين جي وشال منبي آهي. هت منبيءَ ۾ اَنيڪ ڳوٺن مان مال اَچي ۽ ريل يا ٽرڪن رستي ممبئي ۽ ٻين شهرن ڏانهن وڃي. شربيءَ جو تيرٿ استان بہ منماڙ جي ويجهو آهي. منبيءَ ۾ منهنجو بہ هڪ دوڪان آهي. هيءَ تمام جهوني ڳالهہ آهي. اَسان جي منبيءَ ۾ هڪ مزدور ڪم ڪندو هو. نالو هوس ڏنو. هن کي پنهنجي هٿ گاڏي هئي. هو محنتي ۽ هڏ نوڪي هئو. هن جي سچائي ۽ ايمانداريءَ تي منبيءَ جي دوڪاندارن جو وشواس هو. واپاري هزارن رپين جو مال هن تي ڀروسو رکي سندس حوالي ڪندا هئا. هو دوڪان تان هٿ گاڏيءَ ۾ مال ڀريندو ۽ وقت سر ريلوي اسٽيشن يا ٻين دوڪانن تي پهچائي ايندو. دوڪان تي اچي منيب کي رسيد ڏيندو. ڪڏهن ڪنهن جي پائي ميري ڪونہ ڪيائين. دوڪاندار بہ ٻين مزدورن جي ڀيٽ ۾ ڪيس وڌيڪ ڀائنيدا هئا. هن کي سڌ ڪري ڪم ڏيندا هئا.

ڏنو هو بہ ڏاڍو خود دار. ڪڏهن ڪنهنجو نہ ٽيڙو منهن سهندو ۽ نہ ڪنهن کي ٽڪو ڇڏيندو هو. چئي، پنهنجي پگهر جي ڪمائي کاوان ٿو. جيڪڏهن ڪو ساٿس مزدوريءَ تي ڪٽ پٽ ڪندو تہ منهن تي وڃائي ڏيندس؛ پوءِ سامهون واري کي ٻُرو لڳي تہ ڀلي لڳي. هڪ ڏينهن سيٺ جهامنداس ڏني کي سڏ ڪري ڀاڄين جا ٽوڪرا اسٽيشن تي پهچائڻ لاءِ ڏنا. هن هٿ گاڏيءَ ۾ مال ڀري رکيو ۽ ويو هلي چانهہ پيئڻ. جهامنداس کي سٺو نہ لڳو. ڏهن منٽن کان پوءِ ڏنو جڏهن واپس وريو تہ جهامنداس هڪل ڪري چيس: اڙي ڏنا! سيٺ جا پٽ ڪيڏانهن هلي وئين. هيءُ مال ڇا تنهنجو پيءُ اسٽيشن تي پهچائيندو. بس، ڏني جو منهن ٽامٽي هٽي ويو. چيائينس، سيٺ صاحب مونکي توهان جو مال پهچائڻو ئي نہ آهي.

ساڻ رهندي آهي. دادي چپ ٿي ويئي. هڪ شوڪارو ڀري چيائين، هن اَبهم تي بہ قهر ٿيو آهي. تنهن ڏينهن ڪاليج جي ساليانيءَ جلسي تي ويئي هئي. ڪاليج جا ڪي غُنڊا ۽ هلندي پاڇنديءَ وارا ڇوڪرا هن کي پاڇائي ويا. هن سان زوري ڪئي ويئي. ويچاري هراسجي ويئي آهي.

آءٌ هن کي ماڻس وٽ وٺي وڃي رهي آهيان. ماڻس هن جي شاديءَ لاءِ حيلا هلائيندي. مان سمجهان ٿي تہ هوءَ پنهنجي دامن تان هيءُ داغ ڪڍهن بہ مٽائي ڪونہ سگهندي. داديءَ جو منُ ڀرجي آيو ۽ پنهنجي ساڙهيءَ جي پلوَ سان اَکين ۾ آيل ڳوڙها اُگهي دادي يڪ ٽڪ سامهون سميل راڌا کي تڪي رهي هئي.

داديءَ جو آواز، تہ هن ابهم تي بہ قهر ٿيو آهي: منهنجي دماغ تي متر ڪن جيان لڳي رهيو هو. تمام گهڻي ڪوشش ڪان پوءِ مان پنهنجي من تي قابو پائي سگهيس. داديءَ جي ڪلهي تي هٿ رکي چيم ”دادي زندگيءَ ۾ حادثا تہ هر ڪنهن سان ٿين ٿا. پوءِ مرد هجي يا عورت. راڌا سان بہ هڪ حادثو ٿيو آهي، جو هن کي پلجي وڃڻ گهرجي. اسانجي ديش ۾ هر عورت جنگ جي ميدان تي بي هٿيار سولجر آهي. خبر نہ آهي هن مٿان ڪهڙي طرف کان وار ٿيندو. راڌا تي بہ هڪ وار ٿيو آهي. هوءَ جي همت ساهي زندگيءَ جي راه تي اڳتي نہ وڌندي تہ شايد وري ڪن خون خوار جانورن جي ور چڙهي ويندي.“

داديءَ مسڪرائي چيو ”چندر، تنهنجو چوڻ برابر آهي. تون هن بي هٿيار سولجر جي ڍال بڻجي ڇا هن کي زندگيءَ جي شاهہ راه تي اڳتي وٺي هلندين. مون وراڻيو ”دادي، ٻاروتڻ ۾ ئي ماءُ پيءُ جو سايو منهنجي سر تان هٽي ويو. اناٿ آشرم ۾ پلجي وڏو ٿيو آهيان. بي. اي. پاس ڪئي اٿم. ريلوي ۾ ملازم آهيان. سماج جا مون مٿان انيڪ ٿورا آهن. اهي ٿورا تہ لاهڻا ئي آهن.“ داديءَ جو چهرو ٻهڪي اُٿيو. چيائين ”شاباس چندر! تو اڄ مونکي پنهنجي گرو دڪشڻا ڏيئي ڇڏي.“

کيت ۽ ٻوٽ ڳمھي اَسان جڏھن ٻوٽ جي ڪميونٽي ھال ۾ پھتاسين تہ اَسان جي آجيان لاءِ ھال جي در تي ھٿ ٻڌي بيٺل ھو ٻوٽ جو سرپنچ ڏنراج ڳٽپتراءُ. اَڇو ڪُڙتو ۽ سٿڻ، سر تي پڳڙي، ڪلھي تي انگوڇو، پيرن ۾ ڪولھاپوري چمپل، بدن سگھارو، نرڙ تي وڏو تلڪ. عمر اٽڪل ٽيھہ سال. مون تہ پري کان ئي ھن کي سڃاتو. ھيءُ پڪ ئي پڪ اَسان جي منڊيءَ جو جھونو مزدور ڏنو آھي. پر من کي وشواس نٿي آيو. ڪٿي منڊيءَ جو مال پوئيندڙ ھڪ مزدور ۽ ڪٿي ھيءُ ٻوٽ جو سرپنچ!

ڏنو ھٿ ملائي مون سان مليو. چيائين، سيٺ جي مونکي سڃاڻو ٿا؟ آءٌ اوھانجي منڊيءَ جو ڏنو آھيان. مونکي ڀلجي ويا ڇا!

مون چيو، نہ مِٺا توکي ڪيئن وساربو. پر تون جنھن پد تي پھتو آھين ۽ جيڪي تو ٿوري عرصي ۾ پاتو آھي، تنھن مونکي خوشي تہ ڏني آھي پر اَچرج ۾ بہ وڌو آھي. جڏھن سڀ ھيٺ ھوئي ٿيا تہ مان وچي ڏني جي پاسي ۾ ويٺس. سڪ سان چيو مانس، سرپنچ جي! مان منڊيءَ جو واپاري بہ آھيان تہ ھڪ پترڪار بہ آھيان. مان چاھيان ٿو تہ توھان جي حاصلات جي ڄاڻ جڳ کي پوي. نئين پيڙھي توھان جي آزمودي مان پرائي. توھان پنھنجي ٻالڪپڻ کان اَڄ ڏينھن تائين زندگيءَ جي سفر بابت ڪجھ ٻڌائيندا تہ توھان جي مھرباني ٿيندي. ڏنو ڪجھ پل شانت ويٺو رھيو. شايد پنھنجي ماضيءَ جون ڪجھ ڳھٽنائون ياد ڪري رھيو ھو. آھستي چيائين، سائين ٻالڪپڻ مڻ پيءُ جي ساڀعي کان سو اِ اَناٿ ۽ ٻي سھاري منماڙ اسٽيشن تي گذريو. جو انيءَ جي شروعات منڊيءَ جو مال پوئيندي ٿي. ڪاش! ڪو اُن وقت مونکي تعليم جي اَھميت سمجھائي ھا! مان ڪنھن اسڪول ۾ وڃان ھا! منھنجي اَندر بہ ڪو گيان جو ديپ روشن ٿئي ھا! مان تہ اَنڌڪار ۾ ٿاڦوڙا ھڻي رھيو ھوس. مونکي اُھو ڏينھن بہ ياد آھي، جڏھن سيٺ ساڄن مل جي پٽ جي شادي ھئي. ھال ۾ سيوا لاءِ مان بہ حاضر ھوس. بينڊ باجا، ھزارن بلبن جي جڳ مڳ، ڇاڇي ماڇي، ناچ گانا، سوين طعام، ڪل خوشي ۽ اُلھاس. اُن رات پھريون دفعو جيون سنگنيءَ جي خواھش منھنجي اَندر ۾ اُڀري آئي. ھڪ پُربھار سپنو اکين ۾ تري آيو. آسمان مان چنڊ لاھڻ جي تمنا اندر ۾ جاڳي. ڪاشيناٿ مون سان ئي گڏ منڊيءَ ۾ مزدوري ڪندو ھو. ھن جي ڀيڻ ھئي راڌا. ھوءَ منھنجي سپنن

محنت ڪريان ٿو. پيسا وٺان ٿو. مان توهان جو ٻانهو ڪونه آهيان. مونکي پنهنجي عزت ۽ سنمان پيارو آهي. مونکي اڙي ڪري ٿا سڏيو. پلي ڪنهن ٻئي مزدور کي سڏايو. ڏنو سڀ چوندو به ويو ۽ هٿ گاڏيءَ مان ٽوڪرا لاهي دوڪان تي واپس رکندو به ويو. سيٺ جهامنداس جو منهن لهي ويو. هن ڪڏهن ڪونه سوچيو هئو ته هڪ رواجي مزدور سندس هيئن پڳ لاهي هٿ ۾ ڏيندو. سيٺ، ڏني کي، پل هٿ به جوڙيا، پر ڏني نه مڃيو س.

ڪال چڪر هلندو ٿو رهي. روز پيٽ ٽڪر لاءِ انيڪ مزدور منڊيءَ ۾ اَچن ٿا. ڪير ٿو ڪنهن کي ياد ڪري. ڏنو به ڪڏهن منڊيءَ مان هلي ويو! ڪيڏانهن هلي ويو! ڇو هلي ويو! ڪير ٿو سوچي! هڪ مزدور نه ته ٻيو مزدور. پئسو ڏنو پار لنگهيو. واپارين کان ڏنو وسري ويو. اَٽڪل پنج سالن کان پوءِ هڪ ڏينهن واپارين کي منماڙ کان ويهه ڪلوميٽر پري شري گانءُ مان سرپنچ جو نوتو آيو. شري گانءُ ۾ ميوي ۽ ڀاڄين جي نئين ڍنگ سان کيتي ڪئي وڃي ٿي. نئين قسم جي ڀاڻ سان پيداوار به وڌيڪ ٿئي ٿي ۽ ڦل کي جيت به نٿو لڳي. اَسان چار واپاري گڏجي اها نئين ڍنگ جي کيتي ڏسڻ لاءِ وڃي شري گانءُ پهتاسين. اسان واپارين جي چڱي آجيان ڪئي ويئي. سڪ ۽ پيار سان اَسان کي پنهنجن کيتن ۾ وٺي هليا. نئين ڍنگ جي کيتيءَ بابت اَسان کي ڄاڻ ڏنائون. لهرائيندڙ کيت ڏسي ڪڙمين سان گڏ اَسان جو من به خوشيءَ سان جهومڻ لڳو. ميون ۽ ڀاڄين جي نئين جنس لاجواب هئي. اَسان واپارين ته من ئي من ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو ته شري گانءُ مان مال وٺي وديش ڏانهن موڪلبو. واپار به وڌنتو ۽ ٻه ٽوڪڙ به وڌيڪ ڪمائبا.

سيني ڪسانن اَسان کي کيت ڏيکاريندي، پنهنجي ڳوٺ جي سرپنچ جي ڏاڍي ٿئي ساراه ڪئي. هيءُ سڀ ڪجهه اَسان جي سرپنچ جي محنت ۽ مارگ درشن سبب ئي ممڪن ٿيو آهي. هن جي اَيامڪاريءَ ۾ ڳوٺ جو وڪاس ٿيو آهي. ڳوٺو اسين جي مالي حالت سٺري آهي. سرڪار وٽان ٻجلي پاڻي پورو ملي رهيو آهي. ڳوٺ ۾ سرڪاري اسپتال آهي. پرائمري اسڪول آهي. بئنڪ آهي. پوسٽ آفيس آهي. سنچار سيوا آهي. هڪ بازار آهي. مهمان سراءِ آهي. پنگتي هال آهي. ڳوٺ ۾ خوشحالي آهي. اِهو جس اَسان جي سرپنچ جو آهي.

سرڳ پهتي. منهنجي جيئڻ جو هاڻ ڪهڙو مقصد! اَنيڪ مڙهيون ۽ مندر پيئيم. من جو سڪون ڪٿي ڪين مليو. ساڄ سَليان! مون ٻه دفعا آپگهات ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي! پر همت ساري نه سگهيس. پنهنجي زندگي پنهنجي هٿن سان خلاص ڪرڻ تمام ڏکيو ڪم آهي. مون ايشور کي ڏوراپا ڏنا. هي مالڪ تون ڪهڙي نموني جو سنگتراش آهين. تون منهنجي راڌا جهڙا پيارا ۽ نيڪ ماڻهو سڪ سان تراشين ٿو. اَسين سڀ توکي تنهنجي رچنا لاءِ داد ڏيون ٿا. تنهنجي واه واه ڪريون ٿا ۽ تون منهن ڦيري ڇڏين ٿو. پنهنجي رچنائن کي ائين ميساري ڇڏين ٿو. جيئن ٻار پنهنجي سليٽ تان لڪيل اکر ميساري ڇڏيندو آهي.

هڪ رات اَچا اڌ ننڊ ۾ هوس ته راڌا جو سدا بهار چهرو اچي سامهون بيٺو. مُرڪندي چيائين: منهنجو ساجن، هيئن ڪمزور ڪيئن ٿو ٿي سگهي! هن وقت تائين تون پنهنجي لاءِ جي رهيو هئين. هاڻي ٻين جي لاءِ جي ڏس. ونڊڻ کان وڌيڪ آنند، ڏيڻ ۾ آهي. منهنجا ٻوڙا اسي تمام دُکي آهن. نه آهي هنن کي پيئڻ لاءِ پاڻي، نه هنن کي آهن پڪا رستا. نه آهي وري ڪا اسپتال! اَسان ٻوڙيو آهي. ٻين کي ٻوڙڻ کان ته بچائي سگهجي ٿو. هاڻ اُٿو شري گانءُ لاءِ ڪاجهه ڪريو. توهان کي به سڪون ملندو ۽ منهنجي آتما کي به شانتي ملندي. اِها منهنجي التجا آهي.

مان پنهنجي راڌا جي آتما جي شانتي لاءِ ڪهڙي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. بس، ٻئي ڏينهن کان نائيٽ اسڪول ۾ پڙهڻ شروع ڪيم. ڪيتيءَ جو گيان حاصل ڪندو رهيس. ڪن سماج سيوڪن جو سهيوگ حاصل ڪيم. سرڪاري ڪاتن تائين پهتس. هنن کي ٻوٽ جي ضرورتن کان واقف ڪيم. بس، پوءِ ته ڏينهن رات، سالن جا سال محنت ڪيم. رڪاوٽون به اَنيڪ آيون. صبر ۽ لگن سان اَڳتي وڌندو رهيس. هي ايشوري ڪاريه آهي. راه روشن ٿيندي ويئي. توهان سيني شري گانءُ جي خوشحاليءَ کي پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي. توهان جي مدد ٻوڙو اسين کي وڌيڪ اُتساهت ڪندي. اڄ ئي مونکي سرڪاري خط آيل آهي. اَسان جي ٻوٽ شري گانءُ کي مهاراشٽر جو سروَ سريشٽ ٻوٽ ڪري تسليم ڪيو ويو آهي. ايندڙ مهني مانئيه راشٽرپتي هن ٻوٽ ۾ ايندو. ٻوڙو اسين جي همت افزائي ڪندو. ٻوڙو اسين کي ٻوٽ وڪاس جي سروسريشٽ شيلڊ سان نوازيندو. مونکي پڪ آهي ته منهنجي راڌا ڪنهن به روپ ۾ اُن وقت منچ تي حاضر هوندي. اهو سڀ ڏسي هن جي آتما کي ضرور شانتي ملندي!

❦ ❦ ❦

جي راڻي هئي. راڌا جي سونهن جي ڀيٽ ڪنهن سان ڪريان. جڻ مالڪ ڪيس پنهنجي هٿن سان ويهي فرصت ۾ گهڙيو هو. هن جو رنگ چليل باداميءَ جهڙو هو. اکيون وڏيون ڪاريون ۽ ڳالهائيندڙ هيون. ان ڪري اکين ۾ ڪاجل ڪونه پائيندي هئي. مُرڪندي گهٽ هئي پر سندس مرڪ ۾ موتئي جي مهڪ هئي. گلاب جا گل ڪيس ڏاڍا وڻندا هئا. شام جو منهن ڌوئي، سينڌ ڪيي ٻه چوٽيون چڪي ڪندي هئي ۽ هڪ اَڌ گلاب جو گل اُنهن ٻن چوٽين ۾ هڻندي هئي. بس جهڙي انار ڪلي. جهڙي هئي هن جي سونهن، تهڙي هئي سندس ناز ۽ نوڙت. هوءَ ساچ تہ نوري نماڻي هئي. ڪاشيءَ ڪي هو، تہ هو راڌا جي شادي ڪرائي پنهنجي سر تان ٻوجهہ لاهي ۽ مونکي هو پنهنجي سپنن کي ساڪار ڪرڻو. شاديءَ ۾ چاچي ماچي سڀ منبيءَ جا مزدور هئا. شاديءَ جي پهرين رات راڌا ۽ مان گڏجي سرسبز زندگيءَ جا سپنا ڏٺا. پنهنجو گهر هوندو. گهر جي اڱڻ ۾ راند ڪندا اَسان جا ٻہ ٻار هوندا. هڪ پٽ، هڪ ڌيءَ. ٻيئي ٻار اسڪول بس ۾ اسڪول ويندا. هنن ٻارن تي ڪنهن بہ غريبيءَ جو سايعو پوڻ نہ ڏينداسين. سپنن کي ساڪار ڪرڻ لاءِ رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيم. ڏينهن منبيءَ ۾، رات ريلوي اسٽيشن تي، راڌا کي ڳوٺ سندس ماءُ وٽ موڪلي ڏنم. منهنجي راڌا پيٽ سان هئي اسان ٻنهي کي پهرين سنتان جو انتظار هو. راڌا کي خوش رکڻ، هن جي دوا درمل، هن جي کاڌ خوراڪ منهنجي جو ابداري نہ، پر منهنجي بندگي هئي. ڳوٺ ۾ راڌا جي سک لاءِ مون ڪا ڪسر ڪونہ ڇڏي هئي. اُهو ڇنڇر جو ڏينهن هو. منبيءَ ۾ ڪم پورو ڪري آءٌ شام تائين ڳوٺ پهچي ويو هوس. رات جو ڏهين ٻجي کان پوءِ راڌا کي سور شروع ٿيا. ڳوٺ جي دائيءَ کي سڏايو ويو. دائيءَ راڌا کي ڏسي پنهنجا هٿ مٿي ڪنيا. چي، هن کي شهر ڪنهن اسپتال کڻائي وڃوس. ڳوٺ ۾ ڪا اسپتال ڪونہ هئي. ڪو ڊاڪٽر ڪونہ هو. شهر ڳوٺ کان ويهہ ڪلو ميٽر دور. ڳوٺ کان شاهراه تائين پنج ڪلوميٽر ڪاچو رستو. راڌا کي شهر تائين وٺي وڃڻ تمام ڏکيو ٿي پيو. هڪ نيڪ اِنسان اسان کي پنهنجي ڏاند گاڏيءَ ۾ شهر اسپتال پهچايو؛ پر تيستائين سڀ پورو ٿي ويو. منهنجي راڌا منهنجي هٿن ۾ ئي انتم سواس ڏنا. اسپتال ۾ پهچڻ تي ڊاڪٽر فقط هن جي موت جو سرٽيفڪيٽ صحي ڪري منهنجي هٿ ۾ ٿمايو. بس اُن ڏينهن کان پوءِ مون منبيءَ ۾ ڪم ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو. ڪنهن لاءِ محنت ڪريان! منهنجي راڌا راڻي تہ وڃي

مان هڪ ڏينهن پنهنجي زال کان پڇيو ”پائي، تنهنجي ساهيڙي رتنا اَجا ڪنواري آهي ڇا؟ هن جي ڳلي ۾ منگل سوتر ته ڪونهي آهي. عمر به ٽيه پنجٽيه سال اٿس.“ منهنجي زال وراڻيو ”ويچاري سماجڪ حالتن جو شڪار ٿيل آهي.“

B.A. پاس ڪيل آهي؛ پر پٽس عورتن جي نوڪري ڪرڻ جي خلاف آهي. پاڻس انٽر ۾ پڙهي رهيو آهي. جنهن جي چال چلت ٺيڪ ڪونهي اٿس. سڄو ڏينهن ويٺو جوائون ڪري. پٽس ٻن ٽن مهينن ۾ رٽائر ڪرڻ وارو آهي. سڄو گهر ماڻس سنڀالي ويٺي آهي. رتنا جو هڪ ڇوڪري سان پيار هو، پر ڇوڪرو ڊاڪٽري پڙهڻ لاءِ آمريڪا ويو ته وري نه موٽيو. رتنا اَجا هن جي واٽ نهاري رهي آهي.

رتنا شڪل جي گوري، گول چهرو، وڏيون اکيون، سندر ڏند، نوڪدار نڪ، چيلهه تائين چوٽي؛ هميشه پيئي ٽهڪي. سچ پڇو ته پنهنجي عمر کان پنج ڇهه سال ننڍي ٿي لڳي. تنهن ڏينهن منهنجي زال ٻڌايو ته ”رتنا لاءِ هڪ رشتو آيو آهي. ڇوڪري، ڇوڪريءَ کي ڏٺو آهي. هن کي ڇوڪري پسند آهي. نياڻي وچي شينهن ڪلهي چڙهي. پر رتنا شادي ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي آهي. ننو اکر نه واري ويٺي آهي. هوءَ توهانجي عزت ڪندي آهي توهان ئي رتنا کي سمجهايو. اهڙا موقعا وري ٿورو ئي هٿ ايندا آهن.“ مون وراڻيو ”ٺيڪ آهي مان رتنا سان ڳالهائيندس“.

ٻئي ڏينهن رتنا جڏهن اَسانجي گهر آئي ته مون ڪيس سامهون ويهاري ڪانئس سڌو سوال ڪيو ”رتنا تو شادي ڪرڻ کان نه ڇو ڪئي آهي“.

”پائو! ديديءَ توهانکي منهنجون سڀ ڳالهيون ڪيون آهن ڇا؟“

”ها! پر شادي ته سماجڪ ٻنڌن آهي. تون شاديءَ لائق به آهين. پوءِ ٻهانو ڇو؟“

”مان شاديءَ کان نه ڪٽي ٿي ڪريان. مون هڪ ڇوڪري سان پريم ڪيو آهي. هن جون واٽون نهاريان پيئي. پڪ اٿم، هڪ ڏينهن ضرور واپس ورندو ۽ پريت جي ريت نڀائيندو.“ رتنا وراڻيو. ”تون

# احساس جو ٻوجهه

اَڄ سويل صبح جو اسان جي پاسي واري گهر مان روئڻ جو آواز پئي آيو. منهنجي ڌرم پتني ٽپ ڏيئي اُٿي کڙي ٿي ۽ ٻئي پاسي واري گهر ڏانهن. مونکي پڻ اونو ٿي پيو. پئي آراڌنا ڪيم ته ٻڌو ان سک ڪري، منهنجي ڌرم پتني جلد ئي واپس وري. مان به ڪمبل سيري اُٿي ويهي رهيس. ٻاڇيو مانس، سڀ سک ته آهي نه؟ اَکين جا ڳوڙها اُگهندي چيائين ''اسپتال مان نياپو آيل آهي ته ڪالهه رتنا جو سڙڪ درگهٽنا ۾ موت ٿي ويو آهي. لاش ڪٽائي اَڄڻ لاءِ رتنا جو پاءُ اسپتال ويل آهي.'' رتنا جو موت! ان خبر منهنجي دل کي ڌڌڪو ڏنو.

رتنا اسان جي پاڙيسرياڻي ته هئي ئي، پر هوءَ منهنجي زال جي پڪي ساهيڙي پڻ هئي. هوءَ سڄو ڏينهن اَسان جي گهر ۾ پئي هوندي هئي ۽ ڪڏهن منهنجي زال هن جي گهر ۾. ٻنهي جي گٽر گون گٽر گون هميشه چالو رهندي هئي. رتنا جي عمر ٽيه پنجٽيه سال چو نه هوندي! مان رتنا کي پهريون دفعو ڏه سال اڳ ڏٺو هو. جڏهن اَسان هن گهر ۾ سامان ڪٽائي اَچي پهتا هئاسين. اچا مزدورن ٽرڪ مان سامان لاهي مس رکيو ته رتنا ٽري ۾ چانهه بسڪيٽ کڻي در مان گهڙي آئي. تمام پاٻوه مان منهنجي زال کي چيائين، ''ديدي! ٻلي ڪري آيا. هاڻ ڪا وَسنو ته ٿي. مونکي هيءُ بند دروازو ته ڪائڻ ٿي آيو. پهريائين چانهه پيئو. مان اوهان لاءِ ماني ٺاهي کڻي ٿي اَچان. رات جي ماني اَسان وٽ ڪائجو. سامان ٺاهيندي اوهان کي ضرور دير ٿي ويندي. پائو. اوهان کي ڪو اعتراض ته ڪونه آهي؟'' هن جي ههڙي سرل سڀاوَ اَسان ٻنهي کي موهي وڌو. بس اُن ڏينهن کان رتنا ڄڻ ته هن گهر جو ڀاتي بڻجي پيئي.

حياتيءَ تي کھڙو ڀروسو. وچي پنھنجي گھر سکي ٿيءُ. ڊيئر تہ پرائو ڌن.''

سانولداس اھو سڀ ھڪ ئي وقت چئي ويو ۽ ھڪ لنبو ساھ کڻي چپ ڪري ويھي رھيو. ھن جون نظرون جواب لاءِ رتنا جي چھري تي کتل ھيون. رتنا پنھنجو فيصلو ڪيس ھڪ ئي جملي ۾ ڏنو. بابا مان ڇا چوان! جيئن اوھانکي ٺيڪ لڳي تيئن ڪريو. ''سانولداس جي ٿڪل چھري تي ھڪ ھلڪي مشڪ تري آئي ۽ ھو ڪرسيءَ تان اُٿي کڙو ٿيو. رتنا جي شادي سريش سان ٿي ويئي. پر چوندا آھن، تہ جنھنجي قسمت ۾ ڪاڻ تنھنجا حيلا بہ حرام. رتنا ۽ سريش جي اٽبٽت شاديءَ جي پھرين رات کان شروع ٿي ويئي. ان اٽبٽت جو سبب بہ نرالو ھو. رتنا پنھنجي پتار کان ھڪ سوال ڪيو، جو سچ تہ شاديءَ کان اڳ سريش کان رتنا جي پيءُ کي ڪرڻ گھربو ھو. ڇي، اوھان جي ھن آرام بخش زندگيءَ لاءِ ڪمائيءَ جو وسيلو کھڙو آھي. اوھان کھڙو ڌنڌو ڪندا آھيو. سريش جھنجھلائي اُٿيو. ڇيائين تون ڪير ٿيندي آھين مون کان اِھو سوال ڪرڻ واري. اَڄ ڪالھہ جي زماني ۾ پيسي کي وڏي طاقت آھي ۽ ڪير ٿو ايمانداريءَ سان پيسو ڪمائي! مون وٽ بنگلو آھي، مون وٽ ڪار آھي. سماج ۾ منھنجي عزت آھي، تون اَجايا سوال نہ ڪندي ڪر. زندگي عيش لاءِ آھي. سچ تہ مونکي شادي ڪرڻ جي ڪا ضرورت بہ ڪونہ ھئي. پيسي سان ڇا نہ ٿو ملي، پر سڀ پيا چون گھر گرھستي مون جھڙي ماڻھوءَ لاءِ حفاظت آھي. مان اھا سماجڪ حفاظت حاصل ڪئي آھي. تون منھنجي لاءِ فقط ھڪ اسٽيٽس سمبل آھين؛ وڌيڪ ڪاجھہ بہ نہ. تنھنجي جڳھہ ھن گھر جي چائنٽ اندر آھي. باھر مان ڇا ٿو ڪريان. تنھنجو ان سان ڪو واسطو ڪونہ آھي؟ رتنا سھاڳ رات پنھنجي پتيءَ جي ھن ريت پيش اَچڻ تي دھلجي ويئي. ھن کي پڪ ٿي ويئي تہ سريش ڪنھن غلط راہ تي ھلي رھيو آھي. ھو شايد ديش ۽ سماج سان دوہ ڪري رھيو آھي.

سريش اَڄ ھانگ ڪانگ تہ سڀاڻي سنگاپور اَڪيلو ڀڄو بيٺو ھو. ڪڏھن فون تي سڏ ٿيندس تہ ماني اَڌ ۾ ڇڏي ھلي ويندو. فون تي ڪڏھن

ٻُڌيلي آهين. اَڄ ڪالهه جي وچن ٿا، سي واپس ورن ئي ڪونه ٿا. گرين
ڪارڊ جي چڪر ۾ ڦاسي پون ٿا. ڪيترو وقت تون هن جو اوسيئڙو
ڪندينءَ! عمر جي ٻوڙ تہ رڪجي ئي نٿي. جي وقت هٿن مان نڪري
ويو تہ پوءِ ڪير تو ڏانهن نهاريندو بہ ڪونہ. ماءُ پيءُ جي آسري ڪيترو
وقت گهاري سگهندينءَ؟ پنهنجي پاڻ جي لاءِ لچڻ ڪان واقف آهين. منهنجي
صلاح اَٿيئي تہ پنهنجي زندگيءَ بابت وري سوچ. رتنا هڪ ٽڏو شوڪارو
پري بنا ڪنهن جواب ڏيڻ جي اُٿي هلي ويئي. ڏهن پندرهن ڏينهن پڄاڻان
هڪ ڏينهن جيئن مان آفيس مان گهر پهتس ۽ اڃا بوٽ جا ڏاڳا کولي رهيو
هوس جو منهنجي ڌرمپتنيءَ چيو ”ٻڌو ٿا! ڊاڪٽر ملاٽي آمريڪا مان
واپس آيو اَٿو!“

ڊاڪٽر ملاٽي ڪير؟ مون چيو ”اُهو جنهنجي راه اسانجي رتنا
ڏسي رهي هئي.“ منهنجي زال جواب ڏنو.

”واه ڀڳوان! هيءَ تہ سٺي ڳالهہ ٻڌايئہ! رتنا تہ ڏاڍيو خوش هوندي.“ مون چيو.

”واه ڀڳوان چا جي! هو تہ آمريڪا مان ئي شادي ڪري آيو آهي
ڪنهن پنجابي ڇوڪريءَ سان. هڪ ٻار بہ اَٿس. اَڄ آيو هو رتنا سان ملڻ.
چانهہ پاڻي پي ويو. ويچاري رتنا تہ دکي ٿي ويئي آهي“. مان اُٿي ئي
صوفا تي ويٺو رهيس. ڪيترو وقت پئي سوچيم. وفا ڇا آهي؛ بي
وفائي ڇا آهي!

رتنا، سلائيءَ جي مشين تي پنهنجو ڪپڙو سبي رهي هئي
رتنا جو پيءُ سانولداس ڪرسي ريڙهي اَچي ٽيءُ جي سامهون ويٺو
تمام آهستي ڌيءُ کي چيائين ”ملاٽيءَ جا حال ڏٺئہ. شادي ڪرڻي هيس تہ
توکي انتظار ڇو ڪرايائين. بي شرم وري پنهنجي زال کي وٺي آيو آهي
هتي اَسان جي سيني تي مڱ ڏرڻ. تو بہ ڪاڇهہ ڪونہ چيس. خير
سٺو ئي ٿيو. اهو باب بہ پورو ٿيو. ڪالهہ سريش تنهنجي رشتي لا
وري ڇورايو آهي. ڇوڪرو سٺو آهي. اڪيلو گهر آهي. هن جا ماءُ پيءُ
آديپور ۾ رهندا آهن. سٺي ڪمائي اَٿس. هڪ بنگلو بہ ڪاريون اَٿس
تون وچي راڄ ڪندينءَ. هو ڏيتي ليتي بہ ڪونہ ٿو گهري. اَسانجي

تي رهي هئي.

پر رتنا! رتنا تہ سڀ ڪجهہ لٽائي جڏهن پنهنجي پيڪي گهر جي چائنٺ تي پير رکيو، تڏهن ائين ٿي ڀاسيو تہ رتنا هڪ اهو وڻ آهي جنهن کي سرءَ نپوڙي نابود ڪري ڇڏيو هجي. هن جو هڪ پير چائنٺ اندر ۽ هڪ پير ٻاهر هئو، جو هن جي ماءُ واڪو ڪري چيو: ''خبردار اندر نہ اَچج، هاڻ هت ڇا لاءِ آئي آهين''. پٽس ٻونبو ڏيندي چيو ''رتنا تون ڄمندي ڇو نہ مرئينءَ. پنهنجو گهر پنهنجن هٿن سان اُجڙ ڪيو اَٿيئي. منهنجي ڌرم پتنيءَ بہ ڀيڪ ڏنو. ڇي، رتنا ! پتي پرميشور ٿيندو آهي. تو پنهنجي پتيءَ کي جيل موڪليو آهي!

رتنا تہ چائنٺ وٽ ئي ٿماجي ويئي. هن جي اکين مان نير جهر جهر ڪري وسي رهيو هو. هن جي چپن تي لرزش هئي. هن ڪجهہ چوڻ چاهيو ٿي، پر اوچتو ئي اوچتو ان گهر کي پٺي ڏني ۽ رستي تان ٽڪڙو ٽڪڙو هلندي پئي ويئي؛ ڄڻ ڪنهن پڪيءَ پنهنجي آکيري کي باه جي لپٽن ۾ سڙندو ڏسي تمام دور سفر لاءِ اُڏام ڀري هجي!

رتنا جي من ۾ طوفان هو. هن جي دماغ ۾ ماءُ پيءُ ۽ ساهيڙيءَ جا پاراتا گونججي رهيا هئا. هوءَ هلندي هلندي پنهنجي وويڪ سان بحث ڪري رهي هئي. مون ڪهڙو ڏوه ڪيو آهي! مان ناري آهيان. ان ڪري مونکي ڪنهن الڳ نقط نظر کان ڇو ٿو ڏٺو وڃي! اَڄ جڏهن پتي پرميشور ئي سماج سان ڊوه ڪري تہ مان ڇا ڪريان! ڇا مون کي حق نہ آهي تہ مان کيس سزا ڏياريان! بس، سڀ ڏسندي رهان! نہ نہ مان حالتن سان مقابلو ڪنديس. مان اڪيلي سر لڙنديس!

رتنا پنهنجن ئي پورن ۾ هئي جو اوچتو هڪ تيز رفتار ايندڙ لاريءَ سان وڃي ٽڪري. لاريءَ جي ڊرائيور زور سان بريڪ هنئي. رتنا جي هڪ چيخ نڪتي ۽ هوءَ ڏہ فوٽ وڃي ڀري ڪري. سڄو خون سان لٿپٿ هئي؛ پر هن جي چپن تي اها ئي پڙ پڙ هئي، تہ مان اڪيلي سر لڙنديس! مان اڪيلي سر لڙنديس!

❦ ❦ ❦

بہ ٻالھائيندو تہ پنھنجي ڪمري جو در بند رکندو، جيئن ٻڙڪ ٻاھر نہ پوي. ويچاري رتنا انيڪ ڪوششين کان پوءِ بہ پنھنجي مڙس جو ڀيد پائي نہ سگھي.

ھڪ ڏينھن منجھند ٽاڻي سريش ٻاھر ويل ھو. رتنا پنھنجي ڪمري ۾ ليٽي شاديءَ جي ھڪ سال جي ڏينھن ۽ راتين جو پوتاميل ڪري رھي ھئي تہ دروازي تي گھنٽي وڳي. رتنا دروازو کوليو. در تي ھڪ اٽڃاتل شخص ھو. ھن رتنا جي ھٿ ۾ ھڪ پارسل ٿمايو. سريش کي ڏيڻ جي تاڪيد ڪري رمندو رھيو. رتنا دروازو بند ڪري واپس اَچي پنھنجي پلنگ تي ويٺي. يڪ ٽڪ ھوءَ پارسل کي ڏسي رھي ھئي. ڄڻ تہ ان پارسل ۾ ڪو ڳھرو راز سمايل ھجي. رتنا پنھنجي مڙس جي ڪار ڪرت جي پرولي سلڻ لاءِ ان پارسل کي کولي ڏسڻ جو فيصلو ڪيو. پارسل کوليندي ھن جي دل ڌڪ ڌڪ ڪري رھي ھئي. ھن جا ھٿ ڌڪي رھيا ھئا. ھن جي چھري تي پگھر جون بوندون اُڀري آيون. پارسل کليو تہ رتنا جي پيرن ھيٺان زمين نڪري ويئي. ھن جي من ۾ ھاھاڪار ھو. ھن جي اکين اڳيان اونده ھئي. برائون شگر! يعني انيڪ نوجوانن جو موت. سوين گھر اُجڙ. سماج سان دوکو، ديش سان دوکو. رتنا جو من چلائي اُٿيو. سريش، مان اڄ تنھنجو اصلي روپ ڏٺو آھي. تون انسان جي روپ ۾ شيطان آھين. مان توکي ڪڏھن بہ معاف ڪونہ ڪري سگھنديس. مان توکي ضرور سبق سيکاريندس.

رتنا اھو ئي ڪاجھہ ڪيو، جو ھن جي من ۾ ھو. سڀ رشتا ناتا وساري ۽ پنھنجي آئينده جي پرواه نہ ڪندي رتنا سريش کي سڳ سوتو گرفتار ڪرايو. سريش تي ڪيس ھليو، ھن کي پندرھن سال جيل جي سزا جو حڪم ٿيو. ھن جي سڀ سمپتي ضبط ڪئي ويئي، ”ھڪ عورت جي دليري“. سماج صدقي ھڪ عورت پنھنجي مڙس کي گرفتار ڪرايو“. ”قربانيءَ جو پتلو رتنا“: اھو سڀ ڪيترا ڏينھن اَخبارن ۾ ڇپبو رھيو. ڪن رتنا جي مھانتا تي ليک لکيا تہ ڪن راشٽرپتيءَ کان رتنا کي خطاب ڏيڻ جي گھر ڪئي. مطلب تہ رتنا جي مھانتا جي چرچا سموري ديش ۾

ڪرڻ بهتر سمجهيو هوندائين. هڪ ئي پٽ اٿس. ڪمائي ڪارائيندس. هن جي ڪنڌ هيٺان وهاڻو آهي. پر اڄ ڪاڪو گورڌن داس پاڻ آهي ڪٿي ؟''

شانتي ديويءَ پنهنجي پٽ کي آهستي چيو، ''پٽ هنن ڏاڍي دير ڪئي آهي. وچي ڏسيس ته ڪٿي ويهي ته نه رهيا!''

ستيش به رڪائيءَ سان جواب ڏنو. ''هيءُ سڀ ڇڏي ڪٿي وڃي ڦسانس؟ پاڻ ئي ايندو. تون چنتا نه ڪر.''

ستيش، ماءُ کي جواب ته ڏنو پر هن جو من پريشان هو. هن جي اکين اڳيان ٽي مهينا اڳ واريون گهر جون حالتون گهمي رهيون هيون. گهر جي هر ڀاتيءَ جا آواز هن جي ذهن ۾ گونججي رهيا هئا. ستيش جي يادگيريءَ جي پردي تي هڪ درشيه اُڀري آيو. رات جا ڏهه ٿيا هئا. گورڌن داس ماني کائي ٽي ويءَ جي سامهون ويهي ڪو پروگرام ڏسي رهيو هو. ستيش ڪمري ۾ آيو. رموٽ ڪنٽرول سان ٽي. وي. بند ڪيائين ۽ پيءُ ڏانهن مخاطب ٿي چيائين: بابا! مونکي اوهان سان ڌنڌي ڌاڙيءَ بابت ڪجهه ڳالهائڻو آهي. گورڌن داس سڌو ٿي ويٺو. سلسلو ستيش ئي شروع ڪيو. بابا مون ڊاڪٽري پاس ڪئي آهي. مان چاهيان ٿو ته ڪٿي پنهنجو پيٿالاجي سينٽر کوليان. سينٽر لاءِ وڏي جڳهه جي ضرورت آهي. هن وقت جڳهين جا اگهه به ڏاڍا چوٽ تي آهن ۽ ڍنگ جي جاءِ به ملڻ مشڪل آهي. گورڌن داس، پٽ کي وچ ۾ ڪٽيندي چيو، تون مون مان ڪهڙي اُميد ٿو رکين؟

''مان چاهيان ٿو ته اوهان هاڻ آرام ڪريو. پنهنجو پسارڪو دوڪان ۽ گودام بند ڪري، اها جڳهه مونکي سينٽر کولڻ لاءِ ڏيو. بينڪ مان ڪجهه قرض وٺي مان پنهنجو ڪاروبار شروع ڪرڻ ٿو چاهيان''. گورڌن داس پنهنجي پٽ جو سڌو جواب ٻڌي چپ ٿي ويو. بنا ڪنهن جواب ڏيڻ جي اُٿي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

ستيش، پيءُ جي ان جي ورتاءَ تي ڪجهه وقت سوچيندو رهيو. هيءُ ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهن! هنن کي پنهنجي سڪيلڌي پٽ جي آئينده جو ڪو به اونو ڪونه آهي! مون ڪانئن گهريو به ڇا آهي! فقط هڪ دوڪان! بابا ته ڳالهائڻ لاءِ به تيار ڪونه آهي! ايڏو موه ملڪيت ۾! منهنجو به ڪهڙو

# پسارڪو دوڪان

اَڄ ڊاڪٽر ستيش رامچنداڻيءَ جي پيٿالاجي سينٽر جو مهورت آهي. ستيش هن سال ئي ڊاڪٽريءَ جي ڊگري حاصل ڪئي آهي. هن شروعءَ کان چاهيو ٿي تہ ڊاڪٽري پاس ڪري هو پنهنجو پيٿالاجي سينٽر کوليندو يا يورپ جي ڪنهن ديش جا وچي وڻ وسائيندو. اَڄ ڊاڪٽر ستيش جي من جي مُراد پوري ٿي آهي. ستيش، در وٽ بيهي آيل مهمانن جي آجيان ڪري رهيو آهي. هن جي ماءُ شانتي ديوي، هر مهمان کي کلي ڪيڪاري رهي آهي. موقعي تي موجود نہ آهي تہ ستيش جو پتا گورڌن داس. هرهڪ مهمان سينٽر جي سجاوٽ، جديد اوزارن، ٽيڪنيڪي سهوليتن ۽ ڪامپيوٽر سسٽم جي ساراه ڪندي ستيش کي واڌايون ڏيئي رهيو آهي. فضا ۾ خوشيءَ جا ٽهڪ آهن. شربت سان گڏ انيڪ قسمن جي ڇهر جو دور جاري آهي. ٽيپ رڪاربر تي پنڊت روي شنڪر جي ستار جي ڌن لهرائي رهي آهي. ستيش ۽ شانتي ديويءَ جون نظرون ور ور ڪري در ڏانهن نهاري رهيون آهن. هنن کي انتظار آهي گورڌن داس جو؛ هو گهر مان تہ پوري وقت تي نڪتو آهي پر اَڃا تائين هت پهتو ڪونہ آهي. آيل مهمانن مان ٻہ ٽي ڄڻا ڪنڊ ۾ بيهي گفتگو ڪري رهيا آهن: ”تمام سٺي ليباريٽري ٺاهي اٿائين. ٽي مهنا اڳ هت ڪاڪي گورڌن داس جو پسارڪو دوڪان ۽ گدام هو.“

ٻئي چيو: ”ڪاڪي جو پسارڪو دوڪان بہ پنجاه سالن کان هلندڙ هو. ڪاڪي کان اڳ اهو دوڪان هن جو سهرو هلائيندو هو. دوڪان جي چا تہ ساک هئي! هر شيءِ خالص ۽ ”واجبي اگهہ. گراهڪ بہ سٺي هيس“.

”تہ پوءِ ڪاڪي گورڌن داس پسارڪو دوڪان بند ڇو ڪيو؟“

”شايد پنهنجي وڏي عمر ڪري ٿيسي. ڏنتي هلائڻ کان گهر ويهي آرام

تي ڳهر ويهي ڪو نہ سگهندس.

شانتي ديويءَ کي مڙس جو هيءُ دليل پلئہ ڪو نہ پيو. دل کو ٺي بهانا ڳهڻا. چيائين ، اَجايو ٿا اينئو سوچيو. جي هيءُ دوڪان منهنجي پيءُ جو ورثو آهي تہ هن ورثي تي ٻهريون حق ستيش جو آهي. اهو ئي ان ميراث جو وارث آهي. جنهن جو حق آهي تنهن کي پنهنجو حق ملڻ گهرجي. اَياڻو ڇوي سياڻو ماڻي. ستيش کي دوڪان ڏيئي ڇڏيو س.

گورڌن داس هڪ ڪڻ چپ ويٺو رهيو ۽ نيٺ چيائين، شانتي تون اجايو تي بحث ڪرين. مان وري بہ ٿو چوان تہ منهنجي لاءِ هيءُ دوڪان نہ ورثو آهي ۽ نہ ئي ملڪيت! هيءُ دوڪان منهنجو وجود آهي. منهنجي آتما آهي. مان پاڻ کي هن دوڪان کان جدا ڪري ڪو نہ سگهندس. انسان پنهنجي آتما کان جدا رهي نٿو سگهي. هاڻ بس. وڌيڪ ان ڳالهہ جي اُپٽار نہ ڪاچ.

ويچاري شانتي ديوي تہ ٻن باهين ۾ هئي. هن لاءِ اُٺ جي چاڙهي بہ ٻڪري تہ لاهي بہ ٻڪري. هن پٽ کي ناراض ڪرڻ نٿي چاهيو. سڀئي وقت هن کي پنهنجي گهوٽ جي سيلوَ جي بہ ڄاڻ هئي. هوءَ پريشان تہ ڏاڍي هئي، پر ڪري ڇا ٿي سگهي؟

ستيش ، ڪنهن ڏوراهين سفر جي تياري ڪري رهيو هو. هڪ ڏينهن شانتي ديوي پنهنجي پٽ جي ڪمري ۾ گهڙي آئي. چي، ڪيڏانهن وڃڻ جي تياري ٿي رهي آهي ستيش؟

"مان آمريڪا وڃي رهيو آهيان."

"ڇو؟"

"اَمي! مان ڇا ڪريان! بابا جي هٺ اڳيان ڪنهنجي هلي آهي؟ هن گهر ۾ منهنجي ڪنهن کي ضرورت ئي ڪو نہ آهي. پيءُ هڪ خسيس دوڪان ڏيڻ لاءِ تيار ڪو نہ آهي. ماءُ ان کي سمجهائڻ لاءِ تيار ڪو نہ آهي. پوءِ مان ڇا هت هٿ ٻڌي ويٺو رهان!"

شانتي ديويءَ کي ڌڪڪو تہ ضرور آيو، چيائين: اسان جو ڇا ٿيندو پُٽ! اسين پر تي ٻو ٿا! تون اسان کي ڇڏي ست سمنڊ پار وڃي رهيو آهين! پٽ! هن کي هٺُ نہ آهي. اهو دوڪان هن جو وجود آهي. تنهن کان سواءِ هن کي پنهنجا سڌ انت آهن. تون هن جي نقط نظر کان بہ تہ ڏس.

اتو ڪُتو آهي! هاڻ هت رکيو بہ ڇا آهي! آئُ آمريڪا تو هليو وڃان. سک سان زندگي گذرندي. پاڻ ئي هنن جو منهن پٽ سان لڳندو. جڏهن ڪين پيسو کپندو، پاڻيهي فون ڪندا. چٽيون لکندا. گورڌن داس بہ بستري تي ليٽئي اهو ئي سوچيندو رهيو تہ، سٺ سالن جي عمر ٿي ويئي آهي. باقي حياتي اَلائي ڪيتري! ستيش کي دوڪان ڏيئي ڇو ڇڏيان. هن جي خوشيءَ ۾ ئي منهنجي خوشي آهي. وري ڪيس هڪ ويچار آيو. گورڌن بيوقوف نہ ٿيءُ! سٺ سالن ڏانهن نہ ڏس! تنهنجي صحت اڃا سالم آهي. ٻين جي اڏين ڇو ٿو ٿين! هر ڪنهن کي پنهنجي زندگي پنهنجي ڍنگ سان جيئڻ جو حق آهي. متان ٻين جي چاهت اڳيان پنهنجي جيون جي ميڙي پونجي لٽائي ڇڏين! سڀ ڪان وڌيڪ اِهو سوچ تہ تون دوڪان ڪانسواءِ جي سگهندين! تنهنجو وجود ئي جڙيل آهي ان دوڪان سان! تون پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهين. ڪنهن جي حڪم جو غلامِ تہ ڪين آهين! اهو سڀ سوچيندي ئي سوچيندي هن جي رات وهامي ويئي. ٻئين ڏينهن صبوح جو شانتي ديوي پنهنجي پٽ کي مايوس ۽ پتيءَ کي سوچ ۾ ڪويل ڏسي، هوا جو رخ ڀانپي ويئي. تن من هٽندي مڙس سان هڪ ميڪاٽي ڪرڻ جو فيصلو ڪيائين. رات جي ماني کائڻ مهل شانتي ديوي پنهنجي اندر جي ڳالهہ اوريندي پنهنجي گهوٽ کي چيو، ڪهڙي ڳالهہ تي پريشان آهيو؟ اسان هيءُ سڀ پاڻ سان کڻي ويندا اسين ڇا! جي سڀ ستيش جو آهي تہ پوءِ اَڄ ئي ڇو ڪين ٿا هن کي ڏيو؟ جو ان ۾ ار کي ڇو ٿا ناراض ڪريو؟ اولاد جا انگل تہ مائٽ تائين! ڪاڪو ڳالهہ کي سمجهي ويو تہ جوڙس ڪهڙي ڪاچٽي رڌي آهي! ڪاڪي اڌ ڪاڏي مان رسوئي جي ٿالهي هٽائيندي سهج ڀاوَ مان زال کي چيو، شانتي! هيءُ دوڪان منهنجي ملڪيت نہ آهي، هيءُ دوڪان منهنجو اِشٽ ديو آهي. منهنجو ڀڳوان آهي. سورهن سالن جو هوس، مئٽرڪ پاس ڪيم. پنهنجو ۽ پنهنجي ماءُ جو پيٽ پالڻ لاءِ در در نوڪريءَ لاءِ ڀٽڪي رهيو هوس. تنهنجي پتا، ڪرم چند پنهنجي پسارڪي دوڪان تي ملازم ڪري رکيو. ڏہ سال رات ڏينهن محنت ڪيم، منهنجي محنت ۽ سچائي ثاب پيئي. سيٺ ڪرم چند جو وشواس حاصل ڪري سگهيس. هن پنهنجي ڌنڌي ۾ مونکي ڀائيوار ڪيو. تنهنجو هٿ منهنجي هٿ ۾ ڏنو. اڄ تون چاهين ٿي تہ مان پنجاه سالن کان هلندڙ دوڪان بند ڪري ڇڏيان؟ گهر ويهي رهان. بنا محنت ويهي روٽيون کاوان! مان نکمو

# رات گذري ويندي!

تنهن ڏينهن دير شام جو گهر پهتس تہ شريمتي ناراض ٿيئي لڳي. جيئن ئي صوفا تي اَچي ويٺس تہ هٿ ۾ چٺي ٿمائي موڙو ڏيئي رسوئي گهر ڏانهن هلي ويئي. لفافو کليل هو. چٺي بمبئيءَ مان ممتا وٽان آيل هئي. مختصر هئي. لکيو هئائين :”پريہ، بزنيس جي ڪم سان تن ڏينهن لاءِ دهليءَ اَچي رهي آهيان. سوچيم، تنهنجي شاديءَ تي اچي ڪونہ سگهي هيس. تنهنجي ڪنوار جو منهن بہ ڪونہ ڏٺو اٿم. چونہ تهنجي گهر اَچي رهان. هڪ ڪم بہ ڪارج. آفيس ۾ تہ ڪم هڪ ڏينهن جو آهي. باقي بہ ڏينهن توسان ۽ پاڻيءَ سان گهاريندس. اُميد تہ نيو دهلي اسٽيشن تي جمع، تاريخ 2- نومبر صبح جو اٺين بجي ضرور وٺڻ ايندين. وڌيڪ روبرو. سڪ مان، ممتا.“

ممتا دهليءَ اَچي رهي آهي! روح جي ڪنهن ڪنڊ راحت جو احساس ماٺيو. ٻن سالن، ٽن مهنن ۽ ڇئن ڏينهن کان پوءِ ممتا سان ايندڙ جمعي تي گڏجاڻي ٿيندي. ممتا اڪيلي ڇو اچي رهي آهي! گهوٽس اڪيلي هت اَچڻ جي موڪل ڪيئن ڏني اٿس! اَچي بہ ٿي تہ فقط ٽن ڏينهن لاءِ. مون سوچيو هو تہ ممتا سان هن جنم ۾ وري مڪاميلو ڪونہ ٿيندو. مان تہ بمبئي ڇڏي دهليءَ اَچي رهيو آهيان ۽ ممتا دهليءَ ڇو ايندي؟ مان بمبئيءَ ويس بہ تہ ممتا جي گهر ڇو ويندس! ممتا جي ساهرن ۾ پنهنجي ڪهڙي واقفيت ڏيندس! ڪهڙو رشتو ناتو ٻڌيدي ممتا جي در تي دستڪ ڏيندس! شڪر آهي ممتا ئي راه ٻُولي آهي. سانچ تہ منهنجي من ۾ ممتا سان ملڻ جي ڏاڍي اُڪير آهي. ڪيئن پاڻ کي سنڀاليو اَٿم، ايشور ٿو ڄاڻي.

ڌرمپتنيءَ کي آواز ڏنم، ”سڌا! چانهہ پاڻي تہ پيار. ممتا جي چٺي تہ پڙهي اٿيئي نہ؟ ٽن ڏينهن لاءِ گهر ۾ مهمان اَچڻو آهي.“

سڌا هڪ هٿ ۾ چانهہ جو پيالو، ٻئي هٿ ۾ بسڪيٽن جي پليٽ

هن جي نقط نظر کان ڇا ڏسان؟ جي اهو دوڪان هن جو وجود آهي تہ منهنجو وجود! هن کي پنهنجن سڏائڻ ۽ وشواسن جي چنتا آهي، پر منهنجي آئينده جو ڪو بہ خيال نہ آهي. منهنجي ويزا اٺن ڏينهن ۾ اچي ويندي. مان هلي ويندس ۽ بس.

شانتي ديوي پنهنجي ساڙهيءَ جي پلوَ سان ڳوڙها اگهندي پنهنجي پٽ جي ڪمري کان ٻاهر نڪري آئي. گوردن داس رات جو گهر پهتو. هٿ منهن ڌوئي کاڌي لاءِ اَچي ميز تي ويٺو. شانتي ديوي بہ اچي هن جي پاسي ۾ ويٺي. بنا ڪنهن ڀوميڪا ٻڌڻ جي مڙس کي چيائين، ستيش آمريڪا وڃي رهيو آهي. هيءُ سڀ اوهان جي ضد ڪري ٿي رهيو آهي. مان اوهان کي صاف ٻڌائي ٿي ڇڏيان، تہ مان ستيش کان سواءِ رهي ڪونہ سگهنديس. هاڻ فيصلو اوهان کي ڪرڻو آهي، سو بہ اڄ ۽ هاڻ! اوهان کي ڇا گهرجي! گهر ۾ سک يا اهو مئو دوڪان!

گوردن داس، شانتي ديويءَ جي ان روپ تي دنگ رهجي ويو. چيائين، جي اوهان ٻيئي ماءُ ۽ پٽ گڏجي ڪا سٽ سٽي آهي تہ ٺيڪ آهي. هيءُ وٺ دوڪان جون ڪُنجون. تون ئي سڀاڻي دوڪان تي 'دوڪان بند' جي تختي ھٽائي ڇڏج. دوڪان ۾ پيل مال غريبن ۾ ورهائي ڇڏج. اهو سڀ مان پنهنجي هٿن سان ڪونہ ڪري سگهندس! جنهن دوڪان کي مان اڏيو آهي تنهن دوڪان کي تالو لڳائڻ منهنجي وَس کان ٻاهر آهي. توهان ٻيئي جي اهو سڀ ڪري ٿا سگهو تہ بلڪل ڪريو. مان اُف نہ ڪندس. گوردن داس ڪنجن جو ڇڳو ٽيبل تي ڇڏي ڪُرسيءَ تان اُٿيو ۽ پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. شانتي ديوي بہ ڳالھ جو وستار نہ ڪندي دوڪان جي ڪنجين جو ڇڳو ٽيبل تان کڻي ورتو.

'ستيش پيٽالاجي سينٽر' جي مهورت تي مهمانن جي اَچڻ جو سلسلو جاري آهي. ستيش ۽ شانتي ديويءَ کي گوردن داس جو انتظار هاڻ ڏاڍو پريشان ڪري رهيو آهي. ستيش، ماءُ کي ڪنڌ پاسيرو وٺي چوي ٿو: ''امي! هاڻ تہ انتظار جي حد ٿي چُڪي آهي. بابو اڃا تائين ڪونہ آيو آهي. تون مهمانن کي ٿس مان وچان ٿو ڪيس ڳولهڻ....''

''تون هن کي ڪٿي ڳوليندين؟''

''انٽن ملتان لڳو آهي.''

اَٿم. مان نٿو چاهيان تہ تون منهنجي گهر طرف نظر کڻي بہ نهارين. سٺو آهي تہ تون شهر ڇڏي هليو وڃ، ان ۾ تنهنجو بہ ڀلو آهي ۽ ممتا جو بہ ڀلو آهي. هيءَ حالت ۾ ممتا جي موت جو جوابدار تون ٿيندين.'' سيٺ تہ موٽر ڪار ۾ هليو ويو، پر مان ڪيترو وقت دور دور تائين ڪار جي اُڏايل ڌوڙ کي ڏسندو رهيس. مان اُن رات ئي بمبئي ڇڏي دهليءَ هلي آيس. مان نٿي چاهيو تہ سيٺ سياڳچند سان سينو ساهيان ۽ ممتا جي جان خطري ۾ وجهان. منهنجي اندر مان اِهو ئي آواز ٿي اُٿيو: ممتا جو ڇا ٿيندو! ممتا سان مان وشواس گهات ڪري رهيو آهيان. ممتا مونکي ڪڏهن بہ معاف ڪونہ ڪندي! جواب منهنجي اندر مان ئي آيو، ڇا تون ممتا جي لائق آهين! ڇا تون ممتا کي سکي رکي سگهندين! غريبي، ذلت آهي توکي ممتا کي هن ذلت ۾ ڌڪڻ جو ڪهڙو حق آهي. مون پنهنجي ضمير سان اهو بہ سوال ڪيو هو تہ منهنجي پيار جو ڇا ٿيندو؟ مان ممتا کان سواءِ جي سگهندس. منهنجي وويڪ ان جو جواب ڏنو. پيار تہ گنگا جل جيان اننت آهي. اسيم آهي. نرنتر آهي. نديءَ جي جل کي جڏهن بند روپي ٻنڌن ۾ قيد ڪجي ٿو تڏهن نديءَ جي وهڪر ڪجي وڃي ٿي. پاڻي مائو ٿي وڃي ٿو ۽ ان ۾ بدبوءِ ٿي پيدا ٿئي. پوتر پيار جي پاونا کي جڏهن زوريءَ شاديءَ جي ٻنڌن ۾ گرفتار ڪجي ٿو تڏهن اهو پوتر پيار فقط هڪ رشتو بڻجي رهجي وڃي ٿو. ممتا کي جي سچيءَ دل سان پيار ٿو ڪرين تہ ان پيار لاءِ قرباني بہ ڏي. ممتا جي سک کي هميشه لاءِ پنهنجي دل جي تهخاني ۾ بند ڪري رک.

من هميشه ممتا جي ديدار لاءِ تڙپندو رهيو. هِتان هُتان ممتا جي خبر ملندي هئي. ممتا جي شادي ٿي ويئي. ڇهن مهينن ۾ ممتا جي پيءُ جو ديهانت ٿي ويو. ممتا پنهنجي پيءُ جو گارمينٽ ايڪسپورٽ جو ڌنڌو سنڀاليندي آهي وغيره وغيره. ڏاڍو ڏکيو آهي ماضيءَ کان منهن موڙڻ ۽ پنهنجي پهرئين پيار کي ڀلائڻ. ٻاهرينءَ ريت تہ سکي آهيان. سٺي نوڪري اَٿم. ٻن ڪمرن جو آشيانو اٿم. سنيهہ مئي پتني اَٿم سُدا. پر بره جي باه کي ڪير روڪي!

ممتا جي آيل خط منهنجي اَندر ۾ ستل ماضيءَ کي وري جاڳايو

ڪٿي اَچي منهنجي سامهون بيٺي. چي، اَڄ ڏاڍو خوش ٿا لڳو! ڪير آهي اِها ممتا؟ هن کان اڳ ته ڪڏهن هن جو نالو به ڪونه ٻڌو اٿم. خير! ڪير به هجي. شاديءَ جي ٻن سالن ۾ اَڄ پهريون دفعو توهانجي منهن تي هيءَ خوشيءَ جي چانڊني پسي، سمجهان ٿي ته ممتا سان اوهان جو ڪو خاص رشتو آهي. ٻڌايو نه اها ممتا ڪير آهي؟

هاڻ هن کي ڇا ٻڌايان ته ممتا منهنجي ڪير آهي! هن کي ڪيئن سليان ته ممتا منهنجو پهريون پيار آهي! ڪو وقت هو، هوءَ منهنجي ويران زندگيءَ ۾ گلن جي مهڪ هئي. منهنجي ٽوٽ جيون ۾ هوءَ پرياتي ماڪ هئي. منهنجي اوسيئڙي ڀريل اکين لاءِ هوءَ راحت جي ويل هئي. پر هاڻ! هاڻ ته هوءَ منهنجي لاءِ فقط مٺڙي ياد بڻجي رهجي ويئي آهي. ڪاليج ۾ ممتا مونکان هڪ سال جونيئر هئي. اسين ڪاليج جا وديارٿي هڪ ڏينهن بوريوليءَ ويجهو هڪ ريسارٽ ۾ پڪنڪ لاءِ ويا هئاسين. سڀ پنهنجيءَ ۾ پورا هئاسين. اوچتو واڪو واڪاڻ ٿي ويئي. ممتا کي بچايو. ممتا کي بچايو. ممتا سويمنگ پول ۾ ٻڏي رهي هئي. مان پول ۾ ٽپو ڏنو ۽ غوطا کائيندڙ ممتا کي بچائي ورتو. هن کي پنهنجين ٻانهن ۾ پول کان ٻاهر ڪڍي آيس. بس تنهن ڏينهن کان ممتا منهنجي هئي ۽ مان ممتا جو. ممتا منهنجي زندگيءَ جي بهار هئي. خبر نه آهي ٻنهي گڏجي آئينده لاءِ ڪيترا سپنا لڌا ۽ جيون ڀر ساٿ نڀائڻ جا هڪ ٻئي سان ڪيترا واعدا ڪيا! پر منهنجي من ۾ هميشه ئي انديشو هو ته ڪٿي اڻ منڌائتا اُلا نه پون. اَلا! شال ائين نه ٿئي ته ڪٿي ڪو طوفان اَچي ۽ سڀ ڪجهه نابود ٿي وڃي! غريبي ۽ بيوسيءَ جو سايعو مونکي پريشان ڪري رهيو هو. ٿيو اُهو، جنهن جو منهنجي من ۾ خوف هو.

هڪ ڏينهن، سيٺ سياڳچند جي ڪار اَچي منهنجي گهر ٻاهران بيٺي. سيٺ صاحب ته منهنجي گهر ۾ ڪونه آيو. مان ئي هن وٽ ڪار تائين ويس. سيٺ جي اکين ۾ غصو هو. منهنجي ته هڪ به نه ٻڌائين. پاڻ حڪم جاري ڪيائين، ”مون ممتا جي شادي طئه ڪئي آهي. ايندڙ آرتوار تي هن جي شادي آهي. ممتا کي گهر جي هڪ ڪمري ۾ بند ڪري رکيو

لڪائڻ چاهيندس.“ بس ايترو چئي ممتا اَچي روئڻ ۾ ڇتڪي. ڪيترو وقت هوءَ روئندي رهي ۽ سڏڪا ڀريندي رهي. نيٺ پاڻ تي قابو پاتائين ۽ پنهنجي زندگيءَ جو داستان ڇيڙڻ ئي ويٺي. چي، ”زندگيءَ ۾ تنهنجو ساٿ نہ رهيو. بابو بہ راهہ رباني وٺي هليو ويو. پتيءَ تہ جيئري ئي ڏهاڱ ڏنو آهي. چاڪريان دل تہ چاهي ٿي تہ آتم هتيا ڪري سيني دکن کان مڪتي پايان. پر سچ پڇين تہ همت ڪو نہ اٿم. ممتا پاڻيءَ جو گلاس هٿ ۾ کنيو ۽ هڪ ئي ڍُڪ ۾ پي ويئي. ڪجهہ ترسي وري پنهنجو داستان جاري رکيائين. اها اَسانجي سهاڳ رات هئي. الائي ڇو چندر تمام ملول ٿي لڳو. مونکي پنهنجي ڀاڪر ۾ جهلي چيائين، ممتا مونکي معاف ڪجانءِ. مانءِ توسان دوکو ڪيو آهي. مونکي تہ شادي ڪرڻ ئي ڪو نہ گهربي هئي. پر اَما جي ضد اڳيان مان ڪجهہ چئي ڪو نہ سگهيس. مان توکي پتيءَ جو سک ڏيئي ڪو نہ سگهندس. مان ڪهني روڳ جو شڪار آهيان. مان HIV پازيٽو آهيان. مونکي تو جهڙي ساٿيءَ جي ضرورت آهي. مان توکي پيار ڪريان ٿو. تنهنجي سهاري ئي مان جيون گهاري سگهندس. مون کان منهن نہ موڙج.“ مون پاڻ کي هن جي ڀاڪر مون آزاد ڪيو. مان ڪٿي پڙهيو هو تہ +HIV جو AIDS جي بيماريءَ سان و اسطو آهي. مان هن جي سامهون ٿي ويٺيس. اسان ٻيئي ڇگو وقت چپ ويٺا رهياسين. وري بہ چندر ئي ڳالهايو. ”ممتا مان هن روڳ ۾ ڦاسي ويو آهيان، پر مان جيئڻ چاهيان ٿو. جڏهن کان توکي ڏٺو اٿم. جيئڻ جي تمنا وڌي ويئي آهي. منهنجي دوا ۽ درمل فقط تنهنجو ساٿ ۽ تنهنجو پيار آهي.“

مون ڊيرج سان ڪانئس هڪ ئي سو ال پڇيو، ”AIDS جو شڪار تون ڪيئن ٿئين؟“ جواب ۾ چندر چيو ”ممتا! منهنجي رت ۾ + HIV جزا آهن. هيءَ سڀ جو انيءَ جي انڌ جو نتيجو آهي. پر هاڻ ڇا ٿو ڪري سگهجي. +HIV معنيٰ AIDS نہ آهي. چندر اُٿيو پنهنجي ڪبٽ مان AIDS تي هڪ ڪتاب ڪڍي اچي منهنجي هٿن ۾ ٿمايو، پاڻ وڃي سمهي پيو. منهنجي من ۾ تہ هاهاڪار هو. قسمت مون سان قهر ڪيو هو. من جي ان حالت ۾ مان ڪتاب ڪيئن ٿي پڙهي سگهيس. صباح تائين ڪتاب جا پنا اُٿلائيندي رهيس ۽ فقط ايترو ئي ڄاڻي سگهيس:

آهي. من ممتا سان ملڻ لاءِ پريشان آهي. دل ممتا سان اَندر جو حال اورڻ لاءِ بي چين آهي. ممتا جو خط منهنجي سامهون رکيو آهي. ان مان ممتا جو سدا بهار چهرو مسڪرائي رهيو آهي. مون کان پڇي رهي آهي، سدا کي جواب ڇو ڪونہ ڏنو ڏين تہ ممتا ڪير آهي؟ مون ڇرڪ ڀريو. سدا کي چيم ”سدا! تون منهنجي ڌرمپتني آهين. مان نٿو چاهيان تہ توکي پنهنجي زندگيءَ جي ڪنهن بہ باب کان بيخبر رکان. ساڳئي وقت، مان توکي اهو بہ وشواس ڏيارڻ ٿو چاهيان تہ هاڻ منهنجو ان ماضيءَ سان ڪو بہ واسطو ڪونہ آهي. ممتا ۽ مان هڪ ڪاليج ۾ پڙهندا هئاسين. اَسان جو پيار هو. اَسان شادي ڪرڻ چاهي ٿي. ممتا جي پيءُ کي اهو رشتو منظور ڪونہ هو. ممتا هينئر شادي شده آهي. تو ممتا جو خط پڙهيو آهي. هوءَ ٽن ڏينهن لاءِ هن گهر ۾ اَسانجي مهمان ٿي رهندي ۽ بس.“

سدا ۽ مان جمعي ڏينهن صباح جو ممتا کي اسٽيشن تي وٺڻ وياسين. ممتا جڏهن ريل گاڏيءَ مان هيٺ لٿي تہ مان دنگ رهجي ويس. هڪ ڪڻ تہ مان ممتا کي سڃاڻي بہ ڪونہ سگهيس. سادي هلڪي بادامي رنگ جي ساڙهي، فل ٻانهن سان ساڳئي رنگ جو بلائوز. اَيو ڳاڪليل وار. چهرو ڪنهن بہ ميڪ اپ کان وانجهيل. اکين هيٺان چمڙيءَ تي ڪارا ڏيا. پيشانيءَ تي گلابي بندي. منگل سوتر سواءِ بدن تي ڪو بہ ڳهڻو ڪونہ. پيرن ۾ ڪتڙيءَ سان ڪاري چمپل. ممتا مون سان هٿ ملايو ۽ سدا سان سڪ ڀريو ڀاڪر پائي ملي. ممتا جي چهري تي مشڪ هئي، پر اکين ۾ برسات هئي. منهنجي بہ اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو.

گهر پهچي ممتا تہ پنهنجي بزنس جي ڪم سان ڪامرس منسٽريءَ ۾ وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳي، پر رات جو جڏهن ماني کائي ڳالهين ۾ ويٺا هئاسين: تڏهن مان ممتا کان پڇي ئي ويٺس: ” ممتا تنهنجي صحت ٺيڪ تہ آهي نہ؟ تمام لهڪاريل ٿي لڳين. تنهنجي چهري تي بہ تناوَ جا نشان صاف نظر اَچي رهيا آهن. بزنس جو دٻاءُ آهي يا توکي ڪا مانسڪ پيڙا آهي؟ نہ ٻڌائڻ چاهين تہ ٻي ڳالهہ آهي!“

ممتا وراڻيو، ”کهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين! توکان بہ ڪا ڳالهہ

# ماڻهو ڇا چوندا!

ساجنيءَ جي فون تہ مونکي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. هوءَ منهنجي سڪيلڌي ڌيءَ آهي. هوءَ چارٽر اَڪائونٽنٽ آهي. ساجني گذريل ڇهن سالن کان نيويارڪ ۾ اڪيلي رهندي آهي. هن کي تمام سٺي نوڪري آهي، ڪيترا ئي دفعا چيو اَٿائين تہ اچي آمريڪا گهمي وڃو؛ پر پنهنجو ديش ڇڏيندي دل ئي ڪونہ ٿي ٿئي. اِها اُميد هيم تہ ساجني بہ پنهنجي نوڪريءَ جو ڪانٽريڪٽ پورو ڪري جلد وطن واپس ورندي. پنهنجو ديش پنهنجو آهي. ڪو ڪيترو وقت ڌارين جي وچ ۾ پرديس ۾ گهاري سگهندو! پر اَڄ جو يگ نرالو آهي. اَڄ جي هن نئين پيڙهيءَ جي سوچ بہ نرالي آهي. هنن کي ديس ۽ پرديس ۾ ڪو فرق ئي سمجهہ ۾ ڪونہ ٿو اَچي. جتي ناڻو مليو، سکہ ۽ آرام مليو؛ اُتي پنهنجو ديرو ڄمائيندا.

ساجنيءَ جو فون آيو، چيائين ”پپا! توهان کي هڪ خوشخبري ڏيڻي آهي. گذريل هفتي مون هت جارج سان ڪورٽ ۾ شادي ڪئي آهي. جارج مون سان گڏ ئي آفيس ۾ نوڪري ڪندو آهي. تمام نيڪ آهي. اسان ٻيئي ايندڙ مهيني ڀارت اَچڻ چاهيون ٿا. توهان وٽ هڪ هفتو رهنداسين ۽ پوءِ ڀارت درشن لاءِ وينداسين“. مان هن ڇوڪريءَ کي ڪهڙو جواب ڏيان! ان وقت هن قسم جو ورتاءُ مان ڪيئن ٿو سهي سگهان! مون بہ کيس چئي ڏنو ”تون ڪڏهن کان ٻي جو ابدار ٿي آهين! تو شادي ڪئي آهي ۽ اسان کي هڪ هفتي کان پوءِ ٿي خبر ڏئين! تون ڇا ٿي سمجهين تہ مان تنهنجيءَ ان خبر تي خوش ٿيندس! توکي واڌايون ڏيندس! ڪجهہ سوچ تہ سهين. تون هت ان وديشيءَ سان گڏ ايندينءَ تہ ماڻهو ڇا چوندا! مٽ مائٽ مون کان ڪيترا سوال پڇندا! مان انهن کي ڪهڙو جواب ڏيندس! هت اسان وٽ اچڻ جي

1) HIV+ رت جو وڪار مرد يا عورت ۾ AIDS جي مرض ۾ مبتلا مريض سان سنيوڳ ڪرڻ سان ٿئي ٿو.

2) HIV+ مريض ۾ وقت پڄاڻا AIDS جو مرض پيڙڪو ڪائي ٿو. HIV+ موت جي سزا آهي ته AIDS به خود موت آهي.

3) HIV+ مريض کي سنيوڳ ڪرڻ ۾ تمام خبرداري وٺڻ گهرجي ۽ حمل روڪ ساڌنن جو استعمال ڪرڻ گهرجي. جيئن ٻار پيدا ٿيڻ جي سمڀاونا ئي نه ٿئي.

4) اهڙن مريضن جو اَڄا ڪو علاج ممڪن نه آهي. انهن کي همت ڏيارڻ

۽ سک پيار ڏيڻ جي ضرورت آهي.

هي ۽ سڀ پڙهي منهنجي ته اکين اڳيان اونده اَچي ويئي. مان ته بيهوش ٿيڻ واري هيس. الائي ڪيئن پاڻ تي قابو پاتم. سوچڻ ويٺس: منهنجي لاءِ به رستا ڪليل هئا. هڪ ته چندر کي طلاق ڏيئي پنهنجا بند آزاد ڪريان يا ته ايشور جو ڀاڱو ست ڪري مڃان. جيسين چندر زنده آهي، تيستائين مان سندس دوست بڻجي رهان. هن سان سک ونڊيان ۽ هن جي دکي زندگي ۾ ڪجهه راحت سرجڻ جي ڪوشش ڪريان. مان اهو ئي رستو چونڊيو آهي. مانوَ ترم نڀائي رهي آهيان. چندر کي هاڻ AIDS جڪڙي ويئي آهي. موت پنهنجو سايعو پکيڙي ڇڏيو آهي. اُپ اکيئن پيو ڏسجي. خبر نه آهي انت ڪڏهن ٿو اَچي.

ان رات سدا ۽ مان سک سان سمهي ڪو نه سگهياسين. ساڄي رات پاسا ورائيندي گذري. ڇنڇر جو ڏينهن اَسان ٽيئي آگري ۾ تاج محل ۽ فتح پور سڪري ڏسڻ وياسين ۽ آرتوار جو ڏينهن دهليءَ جو شهر ڏٺوسين. مونکي پڪ آهي، اَسان مان ڪنهن کي به گهمڻ مان مزو ڪو نه آيو هوندو. سومر صباح جو اٺين بڄي ممتا بمبئي لاءِ رواني ٿي ويئي. الوداع ڪندي ڪنهن جي به منهن مان اَکر ڪو نه اُڪيلو. تنهي جي من تي سوَ مڻ بار هئو! گاڏيءَ پليتفارم ڇڏيو. سدا بينچ تي ويهي روئڻ لڳي. منهنجي اکين ۾ به ڳوڙها هئا. سدا کي شانت ڪرائڻ جي مون ۾ همت ڪو نه هئي. اَسان ڪيترو وقت ان بينچ تي ويٺا رهياسين. مان فقط سدا کي ايترو وشواس ڏياري سگهيس ته رات گذري ئي ويندي!

پپا پنهنجي ئي گهر ۾ منهنجون دوائون، انجيڪشن وغيره لڳائي هڪ خاص ڪيٽ ۾ رکندو هو، ته متان ڪنهن آئي وئي جي اک نه اُن تي پئجي وڃي. ساليانه امتحان لاءِ تياري ڪري رهي هيس. هڪ ڏينهن منهنجو پپا اَچي پاسي ۾ ويٺو. تمام ملول ٿي لڳو. ويهندي ئي ڇلڪي پيو. هن جا سڏڪا بند ئي نه ٿين. مان دهلجي ويس. پاڻيءَ جو گلاس آڻي هٿ ۾ ڏنو مانس. ٻه ڍڪ پيتائين: تڏهن ڪيس جهل آئي. اکر اکر ڪري ڳالهائڻ شروع ڪيائين.

''اَڄ مان ڊاڪٽر وٽ ويو هوس. تنهنجي خون جي جاچ بعد هن جو رايو آهي ته بيماري گهر ڪري ويئي آهي. انجيڪشن روز نيم سان ڏيڻي آهي. اِنسولن جي ماترا وڌائڻي آهي. عمر ڀر توکي پنهنجو خيال رکڻو پوندو. شاديءَ کان پوءِ ٻار جي تمنا نه ڪرڻي آهي. تو لاءِ ٻار ڄڻڻ يعني موت کي سڏ ڪرڻ آهي. اِهو سڀ ڪيئن ٿيندو!

مان ڪيس ٺهر سان چيو ''پپا! توهان گهبرائجي ڇو ويا آهيو. جيڪا ڳالهه آهي تنهنڪي منهن ته ڏيڻو ئي پوندو ! ڪو رستو نڪري ايندو. توهان چنتا نه ڪريو.'' هن جواب ڏنو ''ڪهڙو رستو نڪري ايندو! مان توکي عمر ڀر ته گهر ۾ ڪونه ويهاري سگهندس. تنهنجي شادي نه ٿيندي ته ماڻهو سؤ سوال اُٿاريندا. ڪنهن کي تنهنجي صحت بابت ٻڌائيندس! هڪ کي خبر پوندي ته جڳ کي خبر پوندي. پوءِ جيترا منهن اوتريون ڳالهيون. مان ان حالت جو مقابلو ڪيئن ڪندس! ''خبر نه آهي مون ڪهڙو پاپ ڪيو آهي!'' جواب مون ئي ڏنو ''پپا وقت بدليو آهي. ضروري نه آهي ته هرهڪ ڇوڪري شادي ڪري گهر جي چلهه ڇؤنڪو سنڀاليءَ ۽ هر سال هڪ ٻار ڄڻي. مان پڙهي پنهنجن پيرن تي بيهنديس. منهنجي شاديءَ لاءِ توهان کان ڪوبه سوال ڪونه ڪندو. مان هر سوال جو جواب سماج کي پاڻ ئي ڏينديس. توهان ڪوبه خيال نه ڪريو.'' منهنجي وشواس جو هن جي من تي ڪيترو اَثر ٿيو. خبر نه آهي. هو ڪنڌ لوڏيندو، ڀڻ ڀڻ ڪندو، اُٿي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. مان ڪيترو وقت حالتن کان هيسيل ان شاخص تي ارمان جا ڳوڙها ڳاڙيندي رهيس.

مان سي. اي. ٿي ويس. هڪ ڪمپنيءَ ۾ سٺي نوڪري به ملي ويئي. مون ته حالتن سان پوريءَ ريت سمجهوتو ڪري ڇڏيو هو. گهر هو، گهر ۾

ڪا ضرورت ڪونہ آهي. مان پنهنجي دل کي اِهو ئي ڏڍُ ڏيندس تہ منهنجي ڌيءُ آمريڪا ۾ نوڪري ڪري رهي آهي. هڪ ڏينهن ضرور واپس پنهنجي گهر ايندي.'' ساجنيءَ ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنو، ۽ مون بہ فون رکي ڇڏيو. مان فون ڇا رکيو، ساجنيءَ محسوس ڪيو تہ پڙس هن جي منهن ۾ پونبو گهرڙي ڏنو هجي. پيءُ وٽان هن کي اهڙي قسم جي وَهنوار جي اُميد ڪونہ هئي. ساجني ڳچ وقت فون هٿ ۾ جهلي ڪنهن ڳوڙهي ويچار ۾ ويٺي رهي. پيءُ جا اکر تہ ماڻهو ڇا چوندا! مون کان ڪيترا سوال پڇندا! مان انهن کي ڪهڙو جواب ڏيندس! هت اَچڻ جي ضرورت ڪونهي. هن جي ذهن ۾ پڙاڏي جيان گونججي رهيا هئا. هوءَ سوچي رهي هئي تہ اِهو سچ آهي، تہ ڀارت جي سيني گهرن جا در ۽ دريون هميشه کليل رهن ٿا. اوپرا جهاتيون پائي هميشه ٻين جي گهرن ۾ نهاريندا رهن ٿا. ڪنهن جي بہ گهر ۾ ڇا ٿي رهيو آهي، تنهنجو ڍنڍيرو اُهي جڳ ۾ ڏيندا رهن ٿا. اوڙو پاڙو اِهو ڍنڍيرو هٽي ۽ ٻين جي پٽ وائکي ٿيندي پنهنجو پاڻ ۾ ڪڳيون هڻن ٿا. اهڙي ماحول ۾ ماڻهو جيئي تہ ڀلا ڪيئن جيئي! پيو وقلي 'ماڻهو ڇا چوندا!' هو ٻين جي اکين ۾ ڏسي پنهنجي گهر جا فيصلا ڪري ٿو. منهنجو پپا بہ انهن مان هڪ آهي. مان انهن ڏينهن ۾ ڪاليج ۾ پڙهي رهي هيس. اوچتو هڪ ڏينهن منهنجي اکين اڳيان اونده اچي ويئي. مان بيهوش ٿي ڪري پيس. ٻن ڏينهن کان پوءِ جڏهن اسپتال جي کٽ تي اکيون کوليم تہ پپا مميءَ کي چئي رهيو هو ''ساجنيءَ کي Acute Diabetse يعني مٺن پيشابن جي بيماري آهي. هيءَ بيماري لاعلاج آهي. عمر ڀر کيس پرهيز سان رهڻو پوندو. شايد روز انسولن جي انجيڪشن ڏيڻي پوي! پر تون اهو سڀ ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائج. ڌيءَ ڌڻ آهي. ماڻهو ڇا چوندا! منهنجي مٿي اِها ڳالهہ ٻڌي ڪري ٻڌي ۽ هن اڄ ڏينهن تائين ڪڏهن بہ ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪڍي آهي.

هڪ دفعي منهنجي پپا جا سڀ دوست پنهنجي ڪٽنبين سميت ٽن ڏينهن لاءِ لوناولا سير ڪرڻ وڃي رهيا هئا. پپا ۽ مميءَ کي بہ هلڻ لاءِ زور ڀريائون، پر ٻيئي نٽائي ويا. گهر اچي مون کائنس پڪنڪ تي نہ هلڻ جو سبب پڇيو هو. پپا جواب ڏنو ''نادان آهين ڇا؟ هرروز صبح جو توکي انجيڪشن جو ڏيڻي پوندي آهي. اُتي هلي پاڻ تي جڳ کلائڻو آهي ڇا!''

ئي مان آمريڪا وڃڻ جو فيصلو ڪري ورتو. نوڪريءَ لاءِ درخواست ڪيم ۽ اڇي پهتس هت آمريڪا ۾، هت سيني جي گهرن جون دريون ۽ دروازا بند آهن. هرڪو پنهنجي خاني خوش آهي. ڪو ڪنهنجي گهر ۾ ليئو ڪونہ پائيندو آهي. سيني کي ڪليل آسمان آهي. جنهنکي جيتري وٽي اُڏام يري ۽ پنهنجا پنک پکيڙي آزاديءَ جو لطف ماڻي. نڪي روڪ نڪي ٽوڪ.

ان آڪاش جي اُڏام ۾ مون ساٿ پاتو پنهنجي ئي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ جارج جو. اَصل انٽليءَ جو رهندڙ آهي. هن جا ويچار پورا پارتي آهن. هو بہ چوندو آهي ليک تہ وڌاتا جو لکيل ٿيندو آهي. ساٿ تہ جنم جنمانتر جو ٿيندو آهي. شادي تہ ٻن آتمائن جو ملڻ آهي. هڪ ڏينهن هن ئي منهنجي اڳيان شاديءَ لاءِ سانجهہ رکيو. مان هن کي پنهنجي بيماريءَ بابت سڀ ڪجهہ ٻڌايو. اهو بہ کيس چتايم تہ منهنجي لاءِ ٻار ڄڻڻ آهي موت کي نينڊ ڏيڻ. هن کلي چيو ”تون تہ منهنجي جان آهين ۽ مان پنهنجي جان پلا ڪيئن خطري ۾ وجهندس! ضروري نہ آهي تہ هر عورت کي پنهنجي پيٽ جائي هجي. ٻار گود بہ تہ وٺي سگهجي ٿو. اسين شادي ڪري پارت هلنداسين. ڪنهن غريب گهر جي نياڻيءَ کي گود وٺنداسين، تون پنهنجي ممتا جي آنچل ۾ اُن ٻار جو نيپاج ڪجِ. مون چيو، ڌيءَ ڇو؟ هن کلندي جواب ڏنو هو ”ڌيءُ ڏاڍي پياري ٿيندي آهي ۽ ماءُ جي ڪن وزير ٿيندي آهي.“ هن جي جواب تي مان بہ کلي ڏنو هو.

سانجني اڃا اهو سڀ سوچي ئي رهي هئي تہ فون جي گهنٽي وڳي فون ممبئيءَ مان سانجنيءَ جي پيا جو هو، چيائين ”هلو! پٽ سانجني! مونکي معاف ڪر. مان اڳ پنهنجي آپي ۾ ڪونہ هوس. پٽ، توسان ملڻ لاءِ مان ۽ تنهنجي ممي تڙپي رهيا آهيون. نهن ڪان ماس بہ ڪڏهن وڇڙندو آهي ڇا؟ تون جلد پنهنجي گهوٽ سان ممبئيءَ هلي اچ. اَسان بي صبريءَ سان توهانجو انتظار ڪري رهيا آهيون. ماڻهو برابر گهٽو ڪجهہ چوندا. ماڻهن جو ڇا! هڪ دفعو چئي چپ ڪري ويهندا. سانجنيءَ ٿڌو شوڪارو پريو ۽ چيو Thank You Papa، مان ۽ جارج فيصلو ڪيو آهي تہ ممبئي پهچي ڪنهن اناٿ آشرم مان هڪ ٻالڪي گود وٺنداسين. پڻس وچ ۾ ڪٽيندي چيس ”سانجو! تون ڀُليل آهين ڇا؟ ڪجهہ سوچ تہ سهين. ماڻهو ڇا چوندا!“

❦ ❦ ❦

ماءُ پيءُ هئا. آفيس هئي، دوست هئا. صحت جو خيال رکندي هيس؛ جيون جي گاڏي پنهنجي ئي سست چال سان هلي رهي هئي ڪنهن اڻ ڄاتل منزل ڏانهن. ڪڏهن ڪڏهن اخبارن ۾ آمريڪا ۽ جرمنيءَ لاءِ نوڪرين جا اشتهار پڙهندي هيس. دل چوندي هئي ته ڪا وڏي ڇلانگ ماريان. وديش ۾ ڪا وڏي نوڪري حاصل ڪريان. پر پپا ۽ مميءَ کي ڏسي من ماري ڇڏيندي هيس. پيئي سوچيندي هيس، ته مون بن هيءُ پيئي ويڳاڻا ٿي پوندا. هو خوش آهن ته مان خوش آهيان. هنن لاءِ ٿيءُ به مان آهيان ته پٽ به مان آهيان.

هڪ ڏينهن جيئن مان آفيس کان گهر آيس، ته پپا جي ڪمري مان آواز ٻڌم. هوُ ڪنهن کي چئي رهيو هو ”ها! ها! سڄني لاءِ ڪو گهر ڳولهه. ڏيتي ليتيءَ جي چنتا نه ڪر. منهنجو پيو ڪير ويٺو آهي ڪائڻ وارو. هڪ ڌيءُ ته آهي. ضرورت پيئي ته هيءُ مڪان وڪڻي ڇڏيندس. اسان پيئي زال مڙس هردوار هلي ويندا سين.“ مان ته پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويس. اُن رات کاڌي کائڻ وقت کانئس پڇيم ته شام جو ڪنهن سان منهنجي مٿي مائٽي جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا؟ پپا ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. آهستي چيائين ”پٽ جنهن اڱڻ ۾ پير جو وڻ هوندو اُتي پٿر ته لڳندا ئي نه! سيتا ماءُ مائٽين واري تنهنجي لاءِ رشتو ڪٽي آئي هئي.“

مون توهانکي چيو آهي، ته مونکي شادي ڪرڻي ڪونه آهي. ان جو سبب توهان ڄاڻو ٿا. پوءِ هُن سيتا ماءُ سان ڳالهائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟

پپا وراڻيو ”پٽ سبب جي ڄاڻ ته مونکي ڪونه آهي! پر هن لوڪ جو ڇا ڪريان! ماڻهن کي ڪهڙو جواب ڏيان! هرڪو ٿو چوي ڪڏهن ٿو ڌيءُ پرڻائين؟ ليک کي ڪهڙي ميک آهي. متان ڪو سٺو ڇوڪرو ملي وڃي! اسان جي ضرورتن کي سمجهي ۽ رشتي لاءِ ها ڪري.“

اُن رات مونکي ننڊ ڪونه آئي. من پيو چوي ته منهنجو ابوجهه پپا هڪ ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن سيتا ماءُ جي ور چڙهي ويندو. پنهنجو سڀ ڪجهه داوَ تي لڳائي ڇڏيندو. ڪونه ڪو ٽن جو لوڀي آڻي منهنجي سامهون ويهاريندو. مان هن جو مرم رکندي. ڪيس نه ڏکائيندي اُن سان شاديءَ لاءِ ها ڪري ئي ويهندس. بهتر اهو ٿيندو ته مان هن وقت ئي هيءُ پڙ ڇڏي وڃان. دور ديس وڃي رهان ان ۾ منهنجي به ڀلائي آهي ته پپا جي به ڀلائي آهي. بس، اُن رات

آهي. مٿن تي ڪم ڇڏي ڏيو. آزمودگار ۽ ذهين آهي. هوشيار آهي. اوهان کي ڪا تڪليف ڪانه ٿيندي. منهنجي ته اوهان کي صلاح آهي ته نوڪريءَ جا باقي سال هٽ آرام سان گذاريو. سرڪاري نوڪريءَ ۾ رکيو ڇا آهي؟ ڪير اوهانکي گولڊ ميڊل ته ڪونه ڏيندو. پوءِ هيڏي پٽ ڇن ڇو! هيءُ سونو موقعو اوهان کي مليو آهي. اوهان کي پورو فائدو وٺڻ گهرجي. هٽ سڪ سان ڪيسو گرم ڪرڻ وارا ۽ هٽ جا شاهه به انيڪ آهن. اوهان کي بس سيني سان رلي ملي هلڻو آهي.

شري سولنڪي ته پنهنجي صلاح ڏيئي هليو ويو. هر ڪنهن جا پنهنجا ويچار آهن، پر مون لاءِ نوڪري عبادت آهي. رت ڪٽورو ڏبو تڏهن ته پٽ ڪٽورو ملندو. جي نوڪري ڪرڻي آهي ته محنت کان منهن ڪيئن موڙي سگهبو. سڦل عملدار اُهو آهي جنهن کي سچائيءَ سان گڏ سالم دل ۽ دماغ آهي. ٽيبل تي اَنيڪ فائيل موجود هئا. هرهڪ فائيل کي پڙهڻو هو. ويچار ڪري پنهنجا آرڊر ڏيڻا هئا. اَڃا پهريون فائيل هٿ ۾ کنيم ته آفيس جو هيڊ ڪلارڪ پمناڻي صاحب هٿ ۾ هڪ فائيل لوڏيندو چيمبر ۾ آيو. چيائين، ”سائين ڪمال ٿا ڪريو! پهرين ڏينهن آفيس ۾ ڪو ڪم ڪندو آهي ڇا! پڇ جو شهر ته ڏسو اوهان جي لاءِ ڪار جو بندوبست ڪيو اَٿم. ڏرم پتنيءَ کي وٺي گهمي ڦري اَچو. رات جي ماني گڏجي تاج هوٽل ۾ کائينداسين. سائين مون تي وشواس رکو. هن آفيس ۾ ويهه سال نوڪري ڪئي اَٿم. هت انيڪ آفيسر آيا آهن. ڪنهن به منهنجي ڪم جي شڪايت ڪونه ڪئي آهي. ها، هيءُ فائيل ضروري آهي. ٺيڪي جا آرڊر اَڄ ئي جاري ڪرڻا آهن. مون پوري چڪاس ڪري، حڪم نامو تيار ڪيو آهي. اوهان صحي ڪريو ته آرڊر اَڄ ئي روانو ڪيو ويندو.“ پمناڻيءَ صحيءَ لاءِ فائيل منهنجي سامهون رکي ڇڏيو. مونکي پمناڻيءَ جي مٺ پنهنجائپ مان چاپلوسيءَ جي بانس ۽ بد نيتيءَ جي ڏپ اَچي رهي هئي. مون هٿ وارو قلم هيٺ رکي ڇڏيو. پنهنجي آواز کي نرم پر محڪم ڪندي چيو، ”مسٽر پمناڻي! منهنجي ڪم ڪرڻ جو ڍنگ نرالو آهي. پيپر بنا پڙهڻ جي صحي ڪونه ڪندو آهيان. فائيل رکي وڃو. مان فائيل

# اَچا بہ آهين!

چوٽي آهي تہ اُٺ ٽڏهن پئي رنا، جڏهن ٻورا پئي سبيا. جڏهن کان سرڪاري نوڪريءَ ۾ پير پاتو اٿم، هر ٻن سالن ۾ ٽرانسفر. هڪ شهر کان ٻئي شهر بدليءَ جو آزار پريشان ڪندو رهندو آهي. اَڃا هڪ شهر ۾ آشيانو اڏيندس مس، ڪجھہ ساعتون ساهہ پٽيندس مس تہ سرڪاري فرمان جاري ٿيندو. وري ڪنهن شهر ڏانهن بدلِي. سرڪاري حڪم جڏهن ٽرمپٽنيءَ جي هٿن ۾ ڏيندس تڏهن هوءَ نيڪ عورت هڪ ٺٺو شوڪارو ڀريندي مون ڏانهن بيوسيءَ مان نهاريندي. مان هن اڱيان پاڻ کي ذليل ۽ خوار محسوس ڪندس. وري پنهنجا خيما اُکوڙي اَڳي پهچنداسين هڪ نئين شهر ۾. هن دفعي منهنجي بدلي ممبئي نگر کان گجرات جي شهر ڀُڄ ۾ ٿي. هتو هيم تہ گانڌي ڌام، ٻني ۽ ڪنڊلا بندر ويجھو هئڻ سببان ڀڄ ۾ زندگي سنڌ جيان آهي. سنڌ جي سيما بہ هتان ڪجھہ ئي ڪلوميٽر پري آهي.

خير! ڀڄ آفيس جي چارج شري سولنڪيءَ کان ورتم. عملي سان حالي اَحوالي ٿيس. چارج ڏيندي شري سولنڪيءَ چيو، ڀڄ آفيس ۾ ٽرنسفر ٿئي تہ هرڪو روئندو اَچي ۽ وري هتان بدلي ٿئي تہ روئندو وڃي. ڳالهہ کي صاف ڪندي چيائين: جڏهن ڀڄ ۾ بدلي ٿيندي آهي تڏهن سمجھبو آهي تہ ڪهڙي اوجهڙ ۾ ڦٽو ڪيو ويو آهيان. هت رڻ ۾ زندگي ڪيئن گذرندي! هت ممبئيءَ جهڙا سک ڪٿي ملندا! مطلب تہ سور پئي نوڪري ڪرڻي آهي. پر هن آفيس ۾ ڪم ڪرڻ کان پوءِ اوهان کي محسوس ٿيندو تہ هت ڪيترو نہ آنند آهي. ممڙا سک اوهان کي ڪٿي ڪونہ ملندا. ڪم ڀل گهٽو آهي، پر هتان جو عملو محنتي ۽ هوشيار آهي. اوهان کي نور نچوئڻ جي ضرورت نہ آهي. آفيس جو هيڊ ڪلارڪ سنڌي ڀائي. ڀمناڻي

مان صوفا تي ويهي رهيس. آفيس ۾ منهنجو پهريون ڏينهن، سولنڪيءَ کان چارج وٺڻ، سولنڪيءَ جي بي مطلب صلاح، پمناٽيءَ جو فائيل تي صحي وٺڻ لاءِ اچڻ، منهنجو هن کي جواب ڏيڻ؛ سڀ جو سڀ منهنجي اکين اڳيان ڦري رهيو هو. پمناٽيءَ آپگهات ڇو ڪيو! هن خط ۾ ڇا لکيو هوندو! ڇا هن ڏانهن منهنجو وهنوار سخت هو! ڇا مان غلط هوس! اِهي سڀ سوال مون کي پريشان ڪري رهيا هئا. اِنهن سوالن جا جواب مون وٽ ڪونه هئا. مان هت پيچ ۾ اَچڻ لاءِ پاڻ کي ملامت وجهي رهيو هوس.

پوليس اسٽيشن تي انسپيڪٽر سبنس صاحب منهنجي انتظار ۾ ويٺل هو. پنهنجي ميز جي خاني مان هڪ اَڇي رنگ جو لفافو ڪڍيائين ۽ منهنجي هٿن ۾ ڏنائين. لفافو سيل بند هو. لفافي مٿان منهنجو نالو ۽ سرنامو لکيل هو. اکر برابر شري پمناٽيءَ جا هئا. سبنس صاحب مونکي لفافو کولڻ ۽ مضمون پڙهڻ لاءِ چيو. خط جو مضمون هن ريت هو.

”منهنجا سائين ! ڪاش توهان پيچ جي آفيس ۾ نہ اَچو ها! اوهان جي سچائي ۽ ايمانداريءَ جي ساک هت پهتل هئي. اها بہ سيني کي ڄاڻ هئي تہ اوهان انتظام جا مجسم آهيو. اوهانجو آفيس جي ڪم تي مڪمل ضابطو رهندو آهي؛ پر تنهن هوندي بہ مونکي وشواس هو تہ منهنجو ويهن سالن جو آزمودو بيڪار ڪونہ ويندو. آفيس ۾ حڪم تہ منهنجو هلندو ۽ هر آفيسر کي مون سان سمجهوتو ڪرڻو ئي پوندو؛ نہ تہ بسترو گول ڪري هن کي هتان وڃڻو پوندو. اوهان تہ پهرين ڏينهن ئي منهنجي لنڪا ۾ باهہ لڳائي ڇڏي. منهنجي اُميدن جو شيش محل چڪناچور ڪري ڇڏيو. اوهان جي ايمانداري منهنجي لاءِ ڦاسيءَ جو ڦندو ثابت ٿي. ههڙي ذلت مون ڪڏهن ڪونہ سٺي آهي. مون سمجهيو هو تہ ’تون بہ ڪاءُ مان بہ ڪاوان‘ جي اُصول کان اوهان بہ آجا نہ هوندا. اِهو تہ سيني آفيسن ۾ هلندو پيو اَچي. اِن کي ئي تہ آفيسر جي قابليت چئبي آهي. قتل بہ ڪاڄي ۽ ٻاهر بانس بہ نہ اَچي. اِهو ئي انتظام آهي. پنهنجي ويهن سالن جي نوڪريءَ ۾ خبر نہ آهي ڪيترن آفيسرن جا ڪيسا ڀريا اَٿم ۽ پاڻ بہ سک ماڻيو اَٿم. جي ٺيڪيدار ڏيڻ لاءِ راضي آهن تہ اَسان کي وٺڻ لاءِ ڇو شرمائڻ گهرجي!

ڏسي آرڊر پاس ڪندس. ڪابہ جلد بازي مونکي پسند نہ آهي. ها! مان هت ڪم لاءِ آيو آهيان. ياچ جي سير سپاٽي لاءِ يا تاج هوٽل ۾ ماني کائڻ لاءِ ڪونہ آيو آهيان. مان چاهيندس تہ پورو عملو آفيس ٽائيم ۾ پنهنجي ڪم ۾ رُڌل رهي. اُنهن تي نظر رکڻ اوهان جي جوابداري آهي.“ پمناٽي صاحب جو تہ منهن ئي لهي ويو۽ پويان پير ڪندي چيمبر مان نڪري ويو.

مون پمناٽيءَ جي ڏنل فائيل جي باريڪيءَ سان چڪاس ڪئي. هت دال ۾ ڪارو نہ هو، پر پوري دال ئي ڪاري هئي. تفصيلن سان هٿ چراند ڪئي ويئي هئي. ساچ تي پردو وڌو ويو هو. ڪوڙ جي آڌار تي آرڊرس تيار ڪيا ويا هئا. حقيقت ۾ ٺيڪي تي حق راجا رام ڪمپني جو هو: پر ٺيڪو چندريان ڪمپنيءَ کي ڏنو ٿئي ويو. سرڪاري خزاني مان هڪ لک رپيا وڌيڪ ڏنا ٿئي ويا. مون ٺيڪو راجا رام ڪمپنيءَ کي ڏيڻ جو حڪم جاري ڪيو. آفيس جون هيءُ حالتون ڏسي من کي ٺيس تہ ضرور لڳي، پر وشواس هوم تہ اِڳتي هلي سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. هن قسم جو پرشٽاچار ۽ سرڪاري خزاني جي لوٽ مار ضرور بند ٿيڻ گهرجي. ڏوهارين کي سخت سزا ملڻ گهرجي. گهر پهتس تہ من ملول هو. منهنجي ڌرمپتني، سدا منهنجي شڪل ڏسي پانپي ويئي تہ صاحب کي آفيس جون حالتون راس نہ آيون آهن. ان سببان هن بہ پنهنجي گهر جا روئڻا ڪونہ رُنا.

صبح جو چار بجا ٿيا هئا. گهر جي ٽيليفون جي گهنٽي زور سان وڄي رهي هئي. خدا خير ڪري. ٽيليفون، پوليس اسٽيشن وٽان هو. پوليس انسپيڪٽر شري سبنس چيو، سائين معاف ڪجو! هڪ بُري خبر آهي. اوهانجي آفيس جي هيڊ ڪلارڪ شري پمناٽيءَ آپگهات ڪيو آهي. هن پاڻ کي پنهنجي گهر جي عمارت جي ستين منزل تان ڪيرائي پنهنجو اَنت آندو آهي. هن جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ موڪليو ويو آهي. اوهان ڏانهن لکيل پمناٽيءَ جو سيل بند خط هن جي گهر جي ميز تان مليو آهي. اهو خط پمناٽيءَ جو ڊائنگ ڊڪليئرشن ٿي سگهي ٿو. اهو خط اوهان جي سامهون کولڻو آهي. اوهان کي هينئر ئي پوليس اسٽيشن تي اَچڻو آهي. فون تہ ڊسڪنيڪٽ ٿي ويو. پر منهنجي اکين اڳيان اونده اَچي ويئي.

اَنت آٽي ڪيل گناهن جو باب بند ڪريان. اِهو ئي منهنجو پراشچت ٿيندو. اوهان نيڪ اِنسان آهيو. اوهان کي مان پنهنجي ڌيءَ آشا سپرد ڪريان ٿو. آشا جي شادي هاڻ اوهان جي جوابداري آهي. منهنجي ڌيءَ جو ڪنيادان هاڻي اوهان کي ڪرڻو آهي. اِها منهنجي انتم اِڇا به آهي ته منهنجي التجا به آهي. منهنجو ننگ رکجو!

انسپيڪٽر سبنس ته خط مونکان واپس وٺي پنهنجي ميز جي خاني ۾ واپس رکي ڇڏيو. مون کيس عرض ڪيو، ته هن خط جو مضمون ڪنهن به صورت ۾ پريس ۾ نه اَچڻ گهرجي. پمناڻي صاحب جي آپگهات کي پوليس هڪ دُرگهٽنا ظاهر ڪيو. پمناڻي صاحب جي چائٽي ڏينهن مون سيٺ هوندراج، آشا جي ٿيندڙ سهري سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. مون کيس ٻڌايو ته مونکي آشا جو سنياليندڙ مقرر ڪيو ويو آهي ۽ شاديءَ جو سمورو خرچ مان پنهنجي کيسي مان ڪندس.

هن نيڪ اِنسان چيو ته شاديءَ ۾ اَڊمبر ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. شادي ته ٻن دلين جو ميل آهي. هن وڌيڪ چيو ته پمناڻي صاحب کي هو ڏيک ڪرڻو ۽ پاڻ کي سماج ۾ شاهوڪار ثابت ڪرڻو. هو ته ڏه لک رپيا ڪنيادان ۾ ڏيئي رهيو هو ۽ پيڪي سان شادي ڪرائڻ لاءِ سوچي رهيو هو. اَسان کي توهان وٽان ڪاجهه به نه گهرجي. اَسان کي گهرجي فقط هڪ ئي جوڙي ۾ اَسان جي سون جهڙي نونهن آشا. منهنجي اَندر مان آواز آيو، ته اَچا به هن جهان ۾ نيڪ ۽ ايماندار اِنسان آهن!

داتا ڏي، تہ پنداري چو ڪُرڪي. اوهان جي اَچڻ کان اڳ مونکي آفيسرن رشوت وٺڻ لاءِ ايترو تہ اُتساهيو ۽ منهنجي لالچ کي جاڳايو آهي جو منهنجي اندر وارو ايمان مري چُڪو آهي.

گذريل هفتي منهنجي ڌيءَ آشا جو مڱڻو ٿيو آهي. گهوٽيتن کي ڏهہ لک رپيا شاديءَ رات ڏيڻ جو انجام ڪيو اَٿم. هيءَ ڪا وڏي رقم ڪونہ آهي. فقط ٻن ٺيڪيدارن مان اِها رقم ملي ويندي. سوچيو هيم آشا جي شادي ڌام ڌوم سان ڪندس. نياڻي وجي شينهن ڪلهي چڙهندي. منهنجو ٻہ پنهنجي سماج ۾ ڪنڌ مٿي ٿيندو. متان سيٺن کي گمان ٿئي تہ هو ڪنهن ڪلارڪ سان سڱ ڳنڍي رهيا آهن. بلڪل نہ! مان ڪين ايترو تہ ڏيب ڏيندس جو جڳ پيو ريسون ڪندو ۽ سڀ پيا واه واه ڪندا. هيءُ هڪ ريس آهي. مڱڻي ڏينهن چندرپان ڪمپنيءَ کان ٻہ لک رپيا وٺي گهوٽيتن کي سڱڻ جا ڏنا. منهنجي قسمت خراب هئي جو آرڊرس صحي ڪرڻ کان اڳ ئي سولنڪيءَ اوهانکي چارج سپرد ڪري ڏني ۽ مان رڻ ۾ رلي ويس.

اوهانجي چهري تي سچائي ۽ ايمانداريءَ جي لڳل ٽپي کي پڙهي مونکي پڪ ٿي ويئي تہ اوهان منهنجو ساٿ ڪونہ ڏيندا. اوهان جي رُکي جواب تہ منهنجي تن بدن کي جلائي رک ڪري ڇڏيو. راجا رام ڪمپنيءَ کي ٺيڪو ڏيئي، اوهان تہ منهنجو منهن ڪارو ڪري ڇڏيو. هاڻي چندرپان ڪمپني جنهن کان ٻہ لک ورتا اَٿم تنهن کي ڪهڙو منهن ڏيکاريان! اوهان تہ منهنجا سڀ سپنا چڪنا چور ڪري ڇڏيا. سڀ دروازا بند ڪري ڇڏيا. سموري شام منهنجي اَندر ۾ ويچارن جي لڙائي هلي رهي هئي. اوهان جو خون يا پنهنجو آپگهات. اوهانجا ستارا تيز آهن. ويچارن جي ساهميءَ ۾ اوهانجو پڙ ڳورو هو. اوهان جي خون ڪرڻ سان مونکي ڇا ملندو! شايد ڦاسيءَ جي سزا! منهنجي ڌيءَ آشا جو ڇا ٿيندو؟ ڪير ڪرائيندو خونيءَ جي ڌيءَ سان پنهنجي پٽ جي شادي! بهتر اِهو ٿيندو، تہ مان ئي پڙ ڇڏي وڃان. مونکي پڪ آهي، تہ هينئر توهان جي ايمانداري توهان کي سُک سمهڻ نہ ڏيندي. اوهان سڀ جهونا فائيل وري کوليندا. منهنجا ڪيل ڏوهہ عدالت تائين پهچائيندا. مونکي ذليل ڪندا. پوءِ هاڻي ئي ڇو نہ پنهنجو

جي ٻولها ۾ بمبئي وچي رهي آهي، گريجوئيٽ آهي. شارٽ هئنڊ ۽ ڪمپيوٽر جو ڪورس بہ ڪيو اٿائين. هن جي ٽڪيٽ توسان گڏ بوڪ ٿيل آهي. تون بمبئيءَ ۾ وڏي عهدي تي آهين. هن جي نوڪريءَ لاءِ ڪوشش ڪج. سدا هوشيار ڇوڪري آهي.''

سدا هٿ ملائي مون سان ملي. هوءَ شڪل جي گوري، قد جي ڊگهي بدن جي سنهي، گول چهرو، ٻالهائينڊڙ سندر پوريون اکيون. ڪلهي تائين ڪٽا ڪٽ وار، اسڪرٽ بلائوز، ڪڙيءَ سان سئنبل ۾ اَڄ جيءَ گ جي همت واري ڇوڪري پئي لڳي. دهلي کان بمبئيءَ تائين سفر ٻالهين ڪندي ۽ هڪ ٻئي جي ڪمفرٽس جو خيال رکندي لنگهي ويو. اسان ٻيئي هڪ ٻئي جي ويجهو اَچي وياسين. سدا پنهنجي رهڻ جو بندوبست وومين هاسٽل ۾ ڪيو هو. هڪ هفتي اَندر ئي سدا منهنجي آفيس ۾ ڊئريڪٽر جي سيڪريٽري مقرر ٿي ويئي. ٿوري ئي وقت ۾ هن پاڻ کي تمام هوشيار ۽ قابل سيڪريٽري ثابت ڪيو. اَسان هر شام هڪ ٻئي جي پاهوه ۾ گذاريندا هئاسين. ماني ڪنهن هوٽل جي ڪئنبل لائيٽ ۾، پريت جي ترنم ڀري وارتاورڻ ۾ کائي هڪ ٻئي سان وري ٻئي ڏينهن آفيس ۾ ملڻ جو واعدو ڪري هاسٽل جي گيٽ تي موڪلائيندا هئاسين.

مونکي آرتوار جي اُها شام بہ ياد آهي. اَسان ٻيئي مهالڪشمي جي مندر ۾ ماتا جو درشن ڪري، من ئي من ۾ جيون جي انيڪ اِڇائن جي پورتي لاءِ آراڌنا ڪري، اَچي ساگر جي ڇولين جي ديدار لاءِ مندر جي پٺيان وڏن پٿرن تي ويٺاسين. سونهري شام هئي. سج لهڻ وارو هو. آسمان ۾ لالائي هئي. ساگر شانت هو. سيتل هوا هئي. لهر لهر ۾ گيت هئا. پکي ولر ڪري پنهنجن آکيرن ڏانهن وري رهيا هئا. سدا جي چهري تي من موهينڊڙ ڪشش هئي. سدا جو هٿ منهنجي هٿ ۾ هو. هوءَ منهنجي پاسي ۾ ويهي پرڪرتيءَ جي وراٽ سندر روپ جو درشن ماڻي رهي هئي. پر منهنجي من جي وڏي مڪڙي پاونا جي ڇولين ۾ جڪڙيل هوندي ڪناري جي کوج لاءِ پريشان هئي. پاونائن جي هڪ تيز ڇولي اُڀري. مون پاهوه مان سدا کي چيو ''سدا I Love You!. مان توکي پنهنجو جيون ساٿي

# همسفر

ڏياريءَ جون موڪلون هيون. اٺ ڏهه ڏينهن پنهنجي ڀيڻ سان ملڻ لاءِ دهليءَ وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو هوم. راڄڌاني ايڪسپريس ۾ چيئر ڪار لاءِ ٽڪيٽ بڪ ڪرائي هئم. اسٽيشن تي جڏهن پهتس ته ريل گاڏيءَ کي سگنل ملي چڪو هو. گارڊ هڪ سيٽي به وڄائي هئي. پنهنجي گاڏي ۾ پهچي ۽ رزروڊ سيٽ تي پريان ئي نظر وڌم ته دنگ رهجي ويس. پاسي واري سيٽ تي سڌا ويٺي هئي. ڇا ڪريان! پير رڪجي ويا. گاڏي هلي چڪي هئي. منهنجا قدم پاڻ مرادو اَڳي رزروڊ سيٽ تائين پهتا. سڌا مسڪرائي گهرايل آواز ۾ چيو ”سونو! دير ڪئي اَٿيئي. سڀ ٺيڪ ته آهي نه؟ مونکي چنتا ٿي پيئي هئي؟“

”تون هت؟“

”ها اما ڏانهن مٿرا وڃي رهي آهيان. رزرويشن چارٽ تي پنهنجي پاسي واري سيٽ تي تنهنجو نالو پڙهيم. سوچيم سفر سٺائو ڪٽبو.“

دل ۾ آيو، چئي ڏيانس ته زندگيءَ جو سفر سٺائو نه ڪٽيو: جي ريل جو سفر سٺائو ڪٽيو ته ڇا ٿيو! سڌا منهنجي ڌرم پتني آهي، نه! هئي! ٻه سال اڳ اَسان جي طلاق ٿي هئي. هن سان منهنجي پڇاڙيءَ جي ملاقات ڪورٽ ۾ ئي ٿي هئي، جڏهن جج صاحب وٽ طلاق نامي تي صحي ڪرڻ سان اسان جو پتي پتنيءَ وارو رشتو ٽٽي پيو هو.

سڌا سان منهنجي پهرين گڏجاڻي به دهليءَ جي ريلوي پليٽفارم تي ٿي هئي. مان موڪل پوري ڪري بمبئي وڃي رهيو هوس. منهنجي ڀيڻ چيو ”سونو! هيءَ سڌا آهي منهنجي ساهيڙيءَ جي ڌيءُ. سڌا نوڪريءَ

سمجهيو، تہ گهر ۾ آفيس جي ڪم سببان بر تي پيئي آهي، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. پر ائين ڪونہ ٿيو. جيئن ٿڌ تيئن وڌ. سدا جڻ تہ مونکي ذهن نشين ڪرائڻ ٿئي چاهيو تہ هوءَ آزاد ويچارن جي آهي ۽ مان اوچن خيالن جو. آفيس ۾ هر هڪ آفيسر سان گهرائپيءَ سان لهہ وچڙهہ ۾ اچڻ، هٿ ڦاڙي خرچ ڪرڻ، پنهنجي ڪمائيءَ تي پنهنجو حق جتائڻ . گهر ڏانهن لاپرواه رهڻ. سدا جڻ هڪ اَنڌ جي گهوڙي تي سوار هئي. هن جي اها هلت آفيس ۾ چوڀولي جو وشيہ بڻجي پيئي. هينئر اها حالت منهنجي سهڻ کان ٻاهر هئي، مون پنهنجي عهدي تان استعفيٰ ڏيئي ڇڏي. ٽن مهينن جي جاکوڙ کان پوءِ ٻي آفيس ۾ نوڪري حاصل ڪئي. اسان ٻيئي گهر جي هڪ ڇت هيٺان رهندي بہ هڪ ٻئي لاءِ ڌاريا ٿي پياسين. اسان لاءِ فقط هڪ ئي ٻنڌن نالي ماتر رهجي ويو هو: سو هئو سدا جي ڳلي ۾ منهنجو منگل سوتر. اسان جو رشتو ٽٽڻ جي حد تائين تڏهن پهتو: جڏهن هڪ ڏينهن ڊاڪٽر ميرچندانيءَ جو مونکي سڏ ٿيو. چيائين ”سدا ڏينهن سان آهي پر هوءَ گرڀ پات ڪرائڻ ٿي چاهي. توهان پاڻ فيصلو ڪريو. سياڻي اَچي فارم تي صحي ڪري وڃجو.“ اُن رات سدا کي مون ڪيترو ئي سمجهايو تہ ايشور ٻار ڏنو آهي تہ اسانکي ايشوري اِڇا جو نرادر ڪرڻ نہ گهرجي. ٻار جي اچڻ سان سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. تون گرڀ پات لاءِ ضد نہ ڪر. پر سدا ننو اَکر نہ واري ويٺي. چي، مونکي هن وقت ٻار جي ضرورت نہ آهي، ٻار منهنجي آزاديءَ ۾ رخنو وجهندو. مان گهر جي چئن ديوارين ۾ قيد ٿيڻ نٿي چاهيان. توهان چاهيو ٿا تہ مان نوڪري ڇڏي توهانجي محتاج ٿي ڪ هر جي داسي بڻجي رهان. مان اهو ٿيڻ ڪونہ ڏينديس.

منهنجي پروانگيءَ کان سواءِ ئي سدا ائبارشن ڪرائي ڇڏيو ۽ وڃي وومن هاسٽل ۾ رهي، ٻن چئن ڏينهن کان پوءِ سدا جي طرفان وڪيل جو نوٽس آيو. جنهن ۾ ڄاڻايل هو تہ مان سدا مٿان ظلم ڪري رهيو آهيان. هوءِ شاديءَ جي ٻنڌن کان مڪت ٿيڻ ٿي چاهي ۽ هن کي طلاق گهرجي.

شاديءَ جو رشتو تہ فقط پيار جي پائي تي بيٺل ٿئي ٿو. جڏهن پيار جو پائو ئي ٽٽي پيو تہ رشتو ڪهڙي آڌار تي ٽڪي! جڏهن سڪ

ٻڌائڻ چاهيان ٿو. سڌا تون منهنجي آهين. سڌا! مونکي نہ،نہ ڪاڇ.'' سڌا
جون نظرون منهنجي چهري تي هيون. هن جي اکين مان پيار جا آنسو
ڳڙي رهيا هئا. هن جا چپ ڪليل هئا، ڄڻ ڪجهہ چوڻ جي ڪوشش ڪري
رهي هئي. سڌا منهنجي گوڏن تي جهڪي ويئي. خبر نہ آهي ڪيترو
وقت اَسان ان مدرا ۾ ويٺا رهياسين ۽ سڌا جي اکين مان ڳوڙها ڳڙندا رهيا.
هڪ هفتي اَندر ئي رجسٽرار جي آفيس ۾ اَسان جي شادي ٿي ويئي.

شاديءَ جو هڪ سال خبر نہ آهي ڪيئن گذري ويو. سڌا نہ فقط
آفيس ۾ قابل سيڪريٽري هئي، پر گهر ۾ پڻ هڪ قابل گهر ڌياڻي پڻ هئي.
هڪ ڳالهہ جا منهنجي نظرن کان ڇپي نہ سگهي، سا هئي سڌا جي صحت.
سڌا ٿوري ڪمزور ۽ موڳي ٿيئي لڳي. پڇڻ تي هن جو جواب اهو ئي هو
تہ گهر ۽ آفيس جي ڪم سببان ٿڪاوٽ ٿي محسوس ڪريان. هوءَ ڊاڪٽر
وٽ هلڻ لاءِ تيار ڪونہ هئي. شاديءَ جي پهرين سالگره تي اَسان آفيس جي
سموري عملي کي هوٽل ۾ دعوت ڏني. سڀني جي دعائن سان اَسان وواهت
زندگيءَ جي ٻئين سال ۾ قدم رکيو. مون چاهيو ٿي تہ سڌا هاڻ نوڪري
ڇڏي پنهنجي گهر گرهستي سنڀالي. گهر ۾ ٻار هجن، هڪ پٽ هڪ ڌيءُ.
گهر ٻارن جي توتلين ٻولين سان گونججندو رهي. هوءَ آفيس جي ڪمپيوٽر
تان نظر هٽائي گهر جي سجاوٽ ڏانهن ڌيان ڏي. اسڪرٽ بلائوز کي
تلانجلي ڏيئي ساڙهيءَ کي اَپنائي. هوٽلن جي کاڌي کي ڇڏي پنهنجي
رسوئي گهر جي راڻي ٿئي. مان سڌا کي سمپورڻ ڀارتيہ ناريءَ جي روپ ۾
پائڻ ٿئي چاهيو. مون پنهنجن ويچارن کان سڌا کي واقف ڪيو. سڌا تہ
جو الا مکيءَ جيان ڦٽي پيئي، چي، مونکي خبر ڪونہ هئي تہ تنهنج
ويچار ناري جاتيءَ ڏانهن اَهڙا اوڇا آهن. مان اَڄ جي يگ جي پڙهيل ڳڙهيل
عورت آهيان. مونکي پنهنجا ويچار آهن. مان ڪيئن رهان، ڪهڙو لباس
پهريان، ان جو فيصلو خود مونکي ڪرڻو آهي. ڇا مون رنڌڻي ۾ هٿ
ڪارا ڪرڻ لاءِ ڪاليج ۾ نور نچويو هو! مان ڪا توهانجي ٻانهي ناهيان
جو نوڪري ڇڏي اَچي توهانجي ٻارن جا مُٽ ميڙيان. اهو سڀ مون کا
ڪونہ ٿيندو. مان سڌا کي ڪڏهن بہ ان روپ ۾ ڪونہ ڏٺو هو. مو

۾ نٿو اَچي“.

”هڪ ڏينهن گهر ۾ اڪيلي هيس، ساهه کڻڻ ۾ تڪليف محسوس ڪيم. باٿ روم ۾ ويس ته اُلٽيءَ ۾ خون آيم. توکي ٻڌائڻ کان سواءِ اسپتال ۾ پنهنجي جاچ ڪرايم. ڊاڪٽر رپورٽ ڏني ته مونکي بلڊ ڪينسر آهي. منهنجي باقي زندگي ٽي چار سال ئي آهي. سوچيو جي ڪُپڙيءَ ۾ ڪٽا پورا ٿيا آهن ۽ باقي زندگي پوڄيندي گذارڻي آهي ته توکي ڇو خوشين کان محروم رکان! توکي پاڻ کان دور رکڻ لاءِ هڪ تجويز خيال ۾ آئي. ’آزاد ناريءَ جو ناٽڪ‘، جڏهن ڏينهن چڙهيم. ته پنهنجي بيماريءَ سببان ٻار جي زندگيءَ کي خطرو ڏسي گرڀ پات لاءِ مجبور ٿيس. توکان طلاق ورتم. سوچيو هوم ته تون ٻي شادي ڪري سک سان زندگي گذاريندين! بس، هاڻ ته موت جو انتظار آهي. باقي ڪجهه ڏينهن، منهنجو ته اهو ئي اصول آهي، ته سک سپ سان ونڊجن ورهائجن ۽ ڏک پنهنجو پاڻ وٽ رکجن.

سدا ڳالهائي ٿڪجي پيئي آهي. اکيون ٻوٽي ليٽي رهي آهي. سدا جو هٿ منهنجي هٿن ۾ آهي. مان سوچي رهيو آهيان، سدا تون ڪيتري نه مهان آهين. سدا جي هٿ کي ٿورو زور ڏيندي مون چيو، سدا! تو ائين ڇو ڪونه سوچيو ته زندگي پيار جو آلاپ آهي. ٻن پريمين کي هٿ هٿ ۾ ڏيئي گنگنائيندي هيءُ زندگي جو سفر طئه ڪرڻو آهي. تو پنهنجو هٿ ڇڏائي ڇڏيو. هاڻ ڀيهر تنهنجو هٿ منهنجي هٿن ۾ آهي؛ وري ڇڏائڻ جي ڪوشش ته ڪونه ڪندينءَ؟ سدا جو چهرو ٻهڪي اُٿيو! سدا جي چپن تي انوکي مشڪ اُڀري آئي!

جو سروور ئي سگهي ويو. تڏهن ان مان پياس مٽائڻ جي تمنا ڪرڻ ناداني ٿيندي. منهنجي وڪيل پڻ صلاح ڏني ته پيئي ڏريون ڪورٽ ۾ طلاق جي درخواست وجهو ته بنا هڪ ٻئي مان مين ميک ڪيڻ يا توڙيو وسائڻ جي طلاق بحال ٿي ويندي. ٿيو به ائين. جاج صاحب طلاق نامي تي پنهنجي صحي ڪئي. منهنجي وڪيل ٻنهي کي واڌايون ڏيندي چيو، ''هاڻي توهان پيئي آزاد آهيو. هڪ ٻئي سان هٿ شيڪ ڪري موڪلايو.''

منهنجو من پريشان هو. سدا جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. هٿ ملائيندي چيائين، ''جيڪي ٿيو سو ٿيو، مان ته توهان سان نيائي ڪونه سگهيس. جلد ئي شادي ڪري ڇڏجو، زندگي سکي ٿي پوندو.''

مان سدا جي ان پور کي سمجهي ڪونه سگهيس. وقت گذرندو رهيو. مان سدا کي وساري ڪونه سگهيس. ٻه سال گذري ويا ڳلي اڄ سدا منهنجي سامهون آهي. بمبئي کان دهليءَ جي سفر ۾ هوءَ منهنجي هم سفر آهي. ''سدا تنهنجي صحت ته ٺيڪ آهي نه؟ تمام لهڪاريل ٿي لڳين!'' منهنجون اکيون سدا جي چهري تي هيون. سدا ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. اوچتو اچي سڏڪن ۾ ڇٽڪي. ''سدا تون روئي ڇو رهين آهين! سڀ ٺيڪ ته آهي نه؟ مونکي نه ٻڌائڻ چاهين ته ٻي ڳالهه آهي!''

''توکي نه ٻڌائيندس ته ڪنهنکي ٻڌائيندس. منهنجو هن جهان ۾ تو بن ڪير آهي!'' سدا روئندي جواب ڏنو.

''تو ته مون سان سڀ رشتا ناتا توڙي ڇڏيا. هاڻ ڪهڙي رشتي جو پلاند پڪڙيو اٿيئي!'' مون چيو.

''مرد آهين نه! ڪجهه به نه پليو آهين: پر سمجهڻ ۾ پل ڪئي اٿيئي. مان ڪيئن تو سان رشتا ناتا توڙيندس. مان ته هر پل تنهنجي خوشين بابت ئي سوچيو آهي. توکي خوش ڏسڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي توکان دور رکيو اَٿم. تنهنجي گهر کي آباد رکڻ لاءِ توکي طلاق ڏني اَٿم. هاڻ ته اُپ اکين پيو ڏسجي. جيون جو انت اَچي ويو آهي. من چوي ٿو، ته توکي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيان.''

''سدا هيءُ ڪهڙين پرولين ۾ ٿي ڳالهائين. مونکي ته ڪجهه به سمجهه

آهي. ڪڏهن لفٽ لاءِ ترسندو نہ آهي. فٽافٽ ڏاڪڻيون چڙهي ويندو آهي. چوڪيدار کي گيٽ وٽ پيل ڪرسيءَ تي ويٺو ڏسندو تہ ڪيس آڱر جي اِشاري سان اُٿي بيهڻ جي هدايت ڪندو. مون ڏٺو تہ هن نؤجوان ۾ اَنوشاسن آهي. هن سان منهنجي ڳالهہ ٻولهہ ڪڏهن ڪونہ ٿي آهي. لڳي ٿي رکو روح آهي.

توهان ڏٺو هوندو تہ رستي تي جتي ڪچرو پيو هوندو، اُتان ٻيا ڪچرو هٽائيندا نہ، پر پنهنجي گهر جو ڪچرو بہ اُتي ئي ڦٽو ڪري ويندا. بس، پوءِ ويندو اُتي ڪچري جو ڍير ٿيندو. اها جڳهہ ڇڻ تہ پاڙي اوڙي لاءِ هڪ ڊمپنگ گرائونڊ ٿي پوندي. اَهڙو ئي ڊمپنگ گرائونڊ اَساناجي ڪرشنا ڪنج جي سامهون ڪنڊ ۾ بہ ٿي پيو. وارڊ آفيسر کي چار خط بہ لکيم، پر سرڪاري کاتي ۾ ڏنو پٽ چٽي جو آهي. منهنجي ڪير ٻڌنتو! تنهن ڏينهن وارڊ جي آفيسر کي پنهنجي گهٽيءَ ۾ ڏٺم. اِهو ڊمپنگ گرائونڊ ڏيکاريو مانس. هٿ جوڙي عرض ڪيو مانس تہ سائين! هيءُ آزار هتان هٽايو. ماڻهن جي صحت جو سوال آهي. ساڄي گهٽيءَ ۾ ڊپ ٿي پيئي آهي. آفيسر گند جي ڍير کي ڏسندو رهيو. ڇڻ اَنڌي اکيان آرسي هجي. ڪو جواب نہ! ٿيو ائين جو اُن وقت ڪرشنا ڪنج جي در وٽ هن نوجوان جي ڪار اَچي بيٺي. هيٺ لٿو ۽ اَچي منهنجي پاسي ۾ بيٺو. اَکين تان اُس جو چشمو لاٿائين. آفيسر جي اکين سان اکيون ملائي، محڪم آواز ۾ هن کي چيائين، ”ڊو يو نو هوُ ايم آءِ؟“ توکي خبر آهي. مان ڪير آهيان. هي منهنجو سيل فون وٽ. ميونسپل ڪمشنر جو نمبر لڳائي ڏي. اَڄ ئي تنهنجو سسپينڊ آرڊر ٿو ڪڍايان. بس، آفيسر پنهنجون اکيون جهڪائي ڇڏيون. کيسي مان رومال ڪڍي پنهنجي چهري تان پسينو اُگهيائين. پڻ پڻ ڪندي چيائين، هيءُ سڀ اَڄ ئي صاف ٿي ويندو. برابر شام جو ڪچري جو ڍير هٽايو ويو. ڪچرو نہ ڦٽي ڪرڻ لاءِ ميونسپل طرفان اُتي هڪ تختي بہ لڳائي ويئي.

بس اُهو ڏينهن، اُهو شينهن. هيءُ ڇوڪرو سيني لاءِ ڀائي صاحب ٿي ويو. ڪرشنا ڪنج جو سيڪريٽري بہ هن کي رام رام ڪندو هو تہ

# کاش!

اَسان جي سنڌ ۾ اوڙي پاڙي جي وڏي اَهميت هوندي هئي. پاڙ
آهي اَبو اَمڙ. پاڙي بن نہ ڪو روئندو سونهي، نہ ڪو کلندو سونهي. پ
هت ممبئيءَ ۾ خاص ڪري فلئٽ سسٽم ۾ ريت ئي نرالي آهي. نہ ڪنه
جي هري رام، نہ ڪنهنجي ستنام! هرڪو پنهنجيءَ ۾ پورو! اَسان جي
’ڪرشنا ڪنج‘ جي ئي ڳالهہ وٺو. ست ماڙ عمارت آهي. هر ماڙي تي چا
گهر. مونکي خبر نہ آهي تہ هت پنجين ماڙي تي جت مان رهان ٿو، پ
ڪير ڪير رهندڙ آهن. هڪ گهر جي ڄاڻ اَٿم تہ اُهو گهر سنڌيءَ جو آهي
گهر جي مالڪ جو نالو ايشور ڪلناڻي آهي. اهو هن جي در تي لڳل تختي
تي پڙهيو اَٿم. ڪڏهن ڪڏهن هو لفٽ ۾ ملي ويندو آهي. بس، ميل
ڪندي مسڪرائيندو آهي ۽ اڪيون هيٺ ڪري ڇڏيندو آهي. عمر اَٽڪ
سٺ سال اَٿس. اَڇو ڪڙتو، اَڇي ڌوتي ۽ پيرن ۾ چمپل پائيندو آهي
منهنجي گهر ۾ ڪم ڪرڻ واري ٻڌائيندي آهي تہ ڪاڪي جي زال اَٽڪ
ڏهہ سال اڳ گذاري ويئي هئي. ڪاڪو گهر ۾ اڪيلو رهندو آهي. اما جم
ئي هن جي گهر جا ٿانو ٻهاري ڪندي آهي. ڪاڪي جو ٽفن ڏينهن ۾ هڪ ويل
ڪٽان ايندو اَٿس. ڪاڪو صبوح جو يارهين بجي گهر کي تالو پائي ڪٿ
ويندو آهي تہ وري نما شام جو گهر واپس ورندو آهي.

ويجهڙائيءَ ۾ هن جي گهر ۾ ڪو مهمان آيل آهي. ڪاڪي ج
مسو اڙي بہ ٿي سگهي ٿو. پنجويهہ ٽيهہ سالن جو نوجوان آهي. لڳي ٿو
ڪنهن آفيس يا ڪنهن ڪال سينٽر ۾ ڪم ڪندو آهي. آفيس جي ڪ
هن کي وٺڻ ايندي آهي ۽ ڇڏڻ بہ ايندي آهي. ڇوڪرو ملڻ چلڻ ۾ ڦڙ

ئي اَندر ۾ سؤبار پٽيو هوندائين. ڊاڪٽر اَچڻ ۾ پندرهن منٽ لڳايا. مريض کي تپاسي چيائين، مان دوا ڏيان ٿو. مريض کي سياٽي او پي ڊي ۾ وٺي اَچجوس. وڌيڪ جاچ ڪئي ويندي. مون چيو ٺيڪ آهي. ڊاڪٽر صاحب دوا ڏيو. مان هن کي سياٽي وٺي ايندس. مهرباني!

پائي صاحب، جو ان وقت تائين اَمرجنسي ڪمري جي در وٽ بيٺو هو، سو اَندر آيو. ڊاڪٽر کي چيائين، ڇو اَچا تنهنجي ننڊ پوري نہ ٿي آهي ڇا؟ ڊو يو نو هوُ ايم آءِ؟ هيلٿ منسٽر کي فون ڪريان يا چيف منسٽر کي فون ڪريان؟ هيءَ عورت سور ۾ ڪڙهي پيئي ۽ تون ٿو چوين تہ هن کي سياٽي او پي ڊي ۾ وٺي اَچوس. پائي صاحب پنهنجي کيسي مان هينڊ سيٽ ڪڍيو ۽ ڪو نمبر ڊائل ڪرڻ شروع ڪيو. ڊاڪٽر تيڏي اَڪ سان سيءِ ڪاڇهہ ڏٺو ۽ تمام نرم آواز ۾ چيائين، توهان فون ڇو ٿا ڪريو. مون لاءِ توهان جو حڪم ئي ڪافي آهي. نرس، هن عورت کي اَيڊمٽ ڪري گلوڪوز چاڙهيس. مان سُئي ٿو تيار ڪريان. سائين توهان ويٽنگ روم ۾ آرام ڪريو. بس چئن ڏينهن ۾ منهنجي ڊرم پٽني نؤبني ٿي اَچي گهر پهتي. مان گروءَ جي مورت اڳيان گيهہ جو ڏيئو ٻاريو ۽ گروءَ جا شڪرانا مڃيا. جنهن اوکيءَ ويل اَچي پت رکي ۽ منهنجي ڊرم پٽني روپا، سک سان اَچي گهر پهتي.

روپا مونکي آراڏنا ڪندو ڏسي مسڪرايو. چيائين، گروءَ جا شڪرانا مڃي رهيا آهيو. سٺو آهي، پر اُن جا بہ شڪرانا مڃڻ گهرجن؛ جنهن اَڌ رات جو پنهنجي ننڊ ڦٽائي توهان جو ساٿ ڏنو. ڊاڪٽر جي ڪن مهٽ ڪئي ۽ ڪيس علاج ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. توهان تہ ڊاڪٽر جي اڳيان گونگي ڳانءِ ٿي وياهئا. هو پائي صاحب نہ هجي ها تہ پيٽ سور مان ڪونہ بچان ها. وڃو وڃي پهريائين پائي صاحب جا شڪرانا مڃي اَچو. هن کي سيان جي مانيءَ جو نوتو ڏيئي اَچو. اِنسان کي ڪنهن جو بہ بي شڪرو ٿيڻ نہ جڳائي.

روپا! مون تہ هن ڏانهن دوستيءَ جو هٿ گهٽو ئي اڳ وڌايو هو. هن ماٺهوءَ جي همت لاءِ مونکي وڏي عزت آهي؛ پر هو اَهڙو تہ رکو روح

بلڊنگ جو چوڪيدار ۽ لفٽ مئن بہ هن کي سلام ڪندا هئا. ان خبر منهنجم
گهر ۾ چوڻپولو ڪڙو ڪري ڇڏيو. منهنجي ڌرم پتنيءَ طعنو هڻندي چيو، ڇ
وريو توهانجي اَچڻ ڪارن ڪرڻ مان ۽ ميونسپل جي آفيس ۾ جتيون گسائ
مان! هن پائي صاحب جي هڪ ئي دپ سان آفيسر جو هوش ٺڪاڻي اَچ
ويو. هن جو هڪ ئي سوال هو. ''ڊو يو نو هوُ ايم آءِ ؟'' سِکو ڪاجهہ م
ڪان! منهنجي تہ مِٺي بہ ماٺ، مُٺي بہ ماٺ. تلوار جي گهاوَ ڪان بہ طعن
تِکو.

هڪ ڏينهن گيٽ وٽ هيءُ پائي صاحب آمهون سامهون ملي ويو. ن
دعا نہ سلام. بس منهن ڦيري هلڻ لڳو. مون سمجهيو، تہ شايد نہ ٿو سڃاڻي
اِڪيان وڌي ڪري چيو مانس، پائي صاحب نٿا سڃاڻو ڇا؟ مان پنهنجين ماڙ
تي توهان جو پاڙيسري آهيان. اَچو ڪڏهن منهنجي گهر: گڏجي چانه
پئينداسين. هلندي هلندي چيائين، ڪنهن کي وقت رکيو آهي! بس هليو
ويو. ههڙو رکو ماڻهو مون ڪڏهن بہ نہ ڏٺو. وري ڪڏهن هن سان رام رام ن
ڪرڻ جو دل ئي دل ۾ فيصلو ڪيم.

پاڙو آهي اَبو امڙ. هڪ ٻئي ۾ ڪم تہ پوندو ئي نہ! هڪ رات
منهنجي ڌرم پتنيءَ جي پيٽ ۾ اوچتو سخت سور اَچي پيو. ڦڪين ئ
فرق ئي نہ ڪيو. ضروري هو تہ هن کي اسپتال وٺي وڃڻ گهرجي. رات ج
ٻہ ٻجا هئا. اڪيلو ڪيئن وڃان. ٻہ تہ ٻارهن. ڇا ڪريان. سوسائٽيءَ جي
سيڪريٽريءَ کي فون ڪيم. اُميد هئي تہ ڊڪندو ايندو. پر نہ! جو ٽس ئ
چيو. هن جي صحت ٺيڪ نہ آهي. مان هنن کي ننڊ مان اُٿارڻ نہ چاهيندس
معاف ڪجو. هن بلڊنگ ۾ مان ٻئي ڪنهن کي سڃاڻان بہ ڪو نہ. ڪنه
جو در ڪڙڪايان. ڇو نہ ايشور ڪلناڻيءَ جي در تي دستڪ ڏيان. ڪاڪ
ضرور پال پلائيندو. هن جي در جو بيل وڄايم. در پائي صاحب ئي کوليو
هن کي عرض ڪيم. چيائين ٽئڪسي گهرايو، مان هيٺ اَچان ٿو. بس
سرڪاري اسپتال ۾ پهتاسين. اِمرجنسي ڪمري ۾ نرس آرام سان ڪرسي
تي ويٺي ڪو نگهرا هڻي رهي هئي. ڊاڪٽر ضرور ڪٿي وڃي سمهي پي
هوندو. اَسان جي اَچڻ جي آهٽ تي نرس ٽپ ڏيئي اُٿي تہ سهين پر اَند

# تند بنا تار

منهنجي ڏاڏي سرسوتي ديوي چوندي آهي تہ سال 1947ع دوران ممبئيءَ جي پسگردائيءَ ۾ چيمبور هڪ ننڍي ٻوٽ جيان هو: جتي پاڪستان مان آيل شرنارٿين کي ڀين مهاڀاري لڙائي وقت ٺهيل ملٽري بئرڪن ۾ رکيو ويو. هاڻ تہ چيمبور بلي بلي آهي. ممبئيءَ جو مکيہ اُديوگ مرڪز آهي ۽ وديانگري آهي.

اَسين چيمبور ۾ سنڌي ڪئمپ جي ويجهو ماهول روڊ تي سرسوتي بنگلي ۾ رهندا آهيون. هيءُ بنگلو منهنجي ڏاڏيءَ جي نالي تي آهي. بنگلي جي اڳيان هڪ تاختي لڳل آهي جنهن تي لکيل آهي '303، سرسوتي بنگلو. سنڌر ۽ عاليشان بنگلو آهي. بنگلي جي چوڌاري سنڌر باغيچو آهي. هت ڪي بہ وڏا وڻ ڪونہ آهن. بس جدا جدا گلن جا ٻارا آهن ۽ وچ تي ڇپر وڇايل آهي. باغيچي جي ديک ڀال لاءِ هفتي ۾ بہ دفعا مالهي ايندو آهي. منهنجي ڏاڏيءَ جي رهنمائيءَ هيٺ باغ جي سجاوٽ ڪندو آهي. منهنجي ڏاڏيءَ کي جدا جدا ٻوٽن، گلن ڦلن ۽ خاص ڪري گلاب ۽ موگري جي گلن سان ڏاڍو موہ آهي. شام جو ڪرسي وڇائي ڪلاڪن جا ڪلاڪ باغ ۾ ويٺي هوندي. پيئي گلن ڦلن سان ڳالهيون ڪندي. ڪنهن کي همٿ آهي، جو هن جي هوندي ڪو اَسان جو باغ مان هڪ بہ گل پٽي سگهي!

منهنجي ڏهين جنم ڏينهن تي منهنجي پتا گهرجي باغيچي ۾ ئي هڪ ننڍي پارٽي رکي هئي. اسڪول جي پرنسپال، شري بدلاڻيءَ کي نوتو ڏيڻ جي جوابداري مون تي رکي ويئي هئي. پرنسپال صاحب نينڊ بہ قبول ڪئي ۽ چيائين تہ وقت سر ڊاڪٽر چڪرورتي جي بنگلي ۾ پهچي ويندس. مون کيس چيو، سائين ڊاڪٽر چڪرورتي بنگلي ۾ نہ، پر پوسٽ آفيس جي

آهي جو چانهه لاءِ ڏنل منهنجي نوٽي کي ٺڪرائي هليو ويو. عجيب ماڻهو آهي. هن کي سمجهڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. خير! تون چئين ٿي تہ مان سياڻي هن جي در تي وڃي سندس شڪرانا مڃيندس ۽ هن کي مانيءَ جو نوتو بہ ڏيئي ايندس.

ٻئي ڏينهن ڏٺم تہ ڪلناٽي صاحب جي گهر کي تالو لڳو پيو هو. مون سمجهيو ڪٿي ٻاهر ويا هوندا. شام تائين اَچي ويندا. گهر ۾ ڪم ڪندڙ مائي جمنا کان بہ ڪاڪي لاءِ پڇيم. پر هن کي انهن بابت ڪا خبر ڪونہ هئي. ٻہ ڏينهن گذري ويا. گهر تي اُهو ئي تالو. ڪنهن کي ڪا بہ خبر ڪونہ. هڪ ڳالهہ ضرور ٿي تہ ڪاڪي جي گهر مان عجيب قسم جي بانس اَچي رهي هئي. اِها شڪايت ٻين بہ سوسائٽيءَ جي سيڪريٽريءَ سان ڪئي. آخر ٽئين ڏينهن پوليس ۾ رپورٽ ڪئي ويئي. ڪاڪي جي گهر جو تالو ڀڳو ويو. اندر هو ڪاڪي ايشور ڪلناٽيءَ جو لاش. ڪاڪي کي گُهٽو ڏيئي ماريو ويو هو. گهر مان پوليس کي اَنيڪ ثبوت مليا. تہ گهر ۾ ڪو آتنڪوادي رهيل هو. هڪ پستول، ڪجهہ گوليون، ڪجهہ دستاويز ۽ فوٽا ڏسي پوليس جي ننڊ حرام ٿي ويئي. پوليس سڀني کان پڇا ڳاڇا ڪئي پر ڪير جواب ڏي. ڪنهن کي ڪجهہ ڄاڻ هجي تہ جواب ڏي نہ! پوليس جي جاچ تہ جاري رهندي. مان پنهنجي گهر جو دروازو بند ڪري پئي پاڙ کان پڇيم. پئي پنهنجي ڏرمپتني روپا کان پڇيم تہ پائي صاحب جهڙو ماڻهو ڇا آتنڪوادي ٿي سگهي ٿو. روپا جو هڪ ئي آلاپ آهي تہ چڱايون ۽ برايون هر انسان ۾ ٿين ٿيون: پر پائي صاحب جا ڪرتوت ڏسي منهنجو تہ اِنسانيت مان وشواس ئي نڪري ويو. ڪنهن تي وشواس ڪجي! حال تہ ويچارو ڪاڪو راهہ ويندي ڦُسجي ويو. مان بہ حيران پريشان آهيان. ڪاش مان هن جي گفتي کي سمجهي سگهان ها. جڏهن هو سڀ کان سوال ڪري رهيو هو. ”بو يو نو! هوُ ايم آءِ!“

اَڄ جي هو منهنجي اڳيان اَچي تہ مان ڪيس ضرور جواب ڏيان تہ نالائق مان توکي سڃاڻان! تون آتنڪوادي آهين! تون خُوني آهين! تون ديش دروهي آهين! هن ديش ۾ تنهنجي ڪا بہ جڳهہ نہ آهي!

جا ڳيت. ’نالي الک جو پيڙو تار منهنجو‘ ڳيت ٻڌندي ۽ ڳنگنائيندي هن کي ننډ اَچي ويندي آهي. ٽيپ رڪارڊ هلندو پيو ۽ پوءِ پپا اَچي رڪاربر بند ڪندو آهي.

منهنجي پيرن جي آهٽ تي هن اکيون کوليون. ڪنڌ ورائي چيائين، ورون پٽ! اسڪول وڃي رهيو آهين! ڇُٽ پُٽ ڇُٽ! مون چيو، دادي مان اسڪول مان ٿي آيو آهيان. تنهنجو حال احوال پڇڻ آيو آهيان. بابلا، مون ٻڍيءَ جو ڪهڙو ٿو حال پُڇين! سڀ پورو ٿيو! هاڻ هلبو! تنهنجو ڏاڏو سائين سرڳ مان سڏي رهيو آهي. چوي ٿو، هاڻ جلد اَچ! نہ دادي، توهان سوَ سال جيئندا! اَسان کي ڇڏي ڪيڏانهن ويندا!

مونکي سُجهي آيو تہ ڇو نہ داديءَ کان پُڇي وٺان تہ ڊاڪٽر چڪرورتي ڪير هو؟ سو بنا ڪنهن پو مڪا جي داديءَ کان پڇيم. دادي! ڇا ڪڏهن اَسان جي بنگلي جو نالو چڪرورتي بنگلو هو؟ منهنجو سوال ٻڌي دادي آرام ڪُرسيءِ تان اُٿي کڙي ٿي. وڃي پنهنجي پلنگ تي ليٽي. ڪاجهہ وقت يڪ ٽڪ ڇت ڏانهن نهارڻ لڳي. شايد ڪاجهہ ياد ڪري رهي هئي. چيائين، پُٽ! هيءَ پنجاه سال اڳ جي ڳالهہ آهي. سال 1947ع ۾ ديش جي ورهاڱي کان پوءِ اَسين چيمبور ڪئمپ ۾ رهياسين. مان انڪل پندرهن سالن جي هئس. منهنجي شادي 1950ع ۾ چيمبور ۾ ئي تنهنجي ڏاڏي سان ٿي. تنهنجو ڏاڏو ڏاڍو محنتي هو. پهريائين ڪٽلري مارڪيٽ ۾ هڪ دوڪان تي نوڪري ڪيائين ؛ پوءِ هڪ ننڍو دوڪان خريد ڪيائين. دال روٽي سکي ملي رهي هئي.

ورون پٽ! اسڪول ۾ اُستاد پهريائين سبق سيکاريندو آهي ۽ پوءِ امتحان وٺندو آهي، پر زندگي پهريائين اِمتحان وٺندي ۽ پوءِ اَسان کي سبق سيکاريندي آهي! اَسان سنڌين ڏاڍو ڀوڳيو آهي. سبق بہ وڏو پرايو آهي. شايد اِهو ئي سبب آهي جو اَسان سچار آهيون، هوشيار آهيون، محنتي آهيون ۽ هاڻ ڳهٽي پاڳي سکيا ستابا آهيون. 1948ع ڌاري هت ماهول روڊ تي هڪ بنگالي ڊاڪٽر چڪرورتيءَ هيءُ بنگلو ٺهرايو. ڪئمپ ۾ هڪ دواخانو بہ شروع ڪيائين. ڊاڪٽر وچين عمر جو هو. هن جي هٿ ۾ شفا هئي. دل ۾ سيوا ڀاوُ هيس. هن

سامهون 303 سرسو تي بنگلي ۾ اسين رهندا آهيون. پرنسپال صاحب مسڪرائي وراڻيو، پهريائين ساڳي بنگلي کي ڊاڪٽر چڪرورتي بنگلو سڏيو ويندو هو. مون کڏهن به ڊاڪٽر چڪرورتي جو نالو ڪونه ٻڌو آهي. مان ته ڇائو نپنو هن بنگلي ۾ آهيان. سوچيم، پپا کان ڪڏهن پڇندس.

منهنجي بابا سائينءَ جي هدايت آهي ته آءٌ اسڪول مان موٽي هر روز ڪجهه گهڙيون پنهنجي ڏاڏيءَ سان گذاريان. هن سان ڳالهه ٻولهه ڪريان. هن جي صحت بابت ڪانئس پڇان. هن لاءِ بزار مان ڪا دوا وٺي هجي ته وٺي اچان. مطلب ته مان پنهنجي ڏاڏي صاحبه کي خوش رکان ۽ هن جي حڪم جي تعميل ڪريان. تنهن ڏينهن به اسڪول مان موٽي، ماني کائي لنگهي ويس ڏاڏيءَ جي ڪمري ۾. هوءَ ته اکيون بند ڪري آرام ڪرسيءَ تي ليٽي پيئي هئي. شايد رام نام سمرڻ ٿي ڪيائين. ڏاڏيءَ کي گهڻي وقت کان ويسر جي بيماري ٿي پيئي آهي. اڳيون پراڻيون ڳالهيون ته سڀ ياد اٿس، پر ڪجهه پل اڳ ٿيل گهٽنا ڪيس ياد نه رهندي آهي.

سٺ سال اڳ سنڌ ۾ ڇڏيل پنهنجي گهر بابت، پنهنجي اسڪول بابت، سڀ وستار سان ٻڌائيندي؛ پر ڪجهه پل اڳ ڪنهجين جو ڇلو هن ڪٿي رکيو، سو کيس ياد ڪونه رهندو. پيئي سيني کي سڏ ڪندي ته ڪنهجين جو ڇلو ڳولهي ڏيو. بابا، دوا درمل به گهڻيئي ڪيا اٿس؛ پر ڊاڪٽر چون ٿا ته هيءَ ٻڍاپي جي بيماري لاعلاج آهي. هوءَ آهي ڳالهين جي ڳوٿ. شل نه ڪو هن کي ٻڌڻ لاءِ ملي وڃي. پوءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ سنڌ جون ڳالهيون ۽ هِتان هُتان جون ڳالهيون پيئي ڪندي؛ جنهن جو نه اُنڌ نه منڊ. ڪرشن راهيءَ جون سٽون سيني کي پڙهي ٻڌائيندي آهي ۽ پنهنجي وطن کي پل پل ياد ڪندي آهي.

وطن وڃائي کهڙو جيئڻ آ، پل پل دم دم زهر پيئڻ آ

روز جيئان ٿي روز مران، ڪيئن موٽي پنهنجي ملڪ وڃان.

منهنجي ڏاڏيءَ کي سنڌي سنگيت سان ڏايو لڳاءُ آهي. منهنجي پيءُ هن لاءِ هڪ سٺو ٽيپ رڪارڊ خريد ڪيو آهي؛ جو ڏاڏيءَ جي ڪمري ۾ رکيل آهي. ڏينهن جو هوءَ ماسٽر چندر جا گانا ٻڌندي آهي ۽ رات جو سنت ڪنوررام

واه دادي واه! توهان جي آس پڳي. مطلب تہ منهنجو ڏاڏو سائين اوهان کي ڏاڍيو پيار ڪندو هو. اِهو چئي مان اُٿي ڪڙو ٿيس. ويهندس تہ دادي خبر نہ آهي، اَجا ڪيتريون ڳالهيون ٻڌائيندي. مونکي پڙهائي بہ ڪرڻي هئي. داديءَ هٿ پڪڙيو. چيو، ڊاڪٽر چڪرورتي ڪيڏانهن ويو! نرس روميءَ جو ڇا ٿيو! اِهو سڀ ڪونہ ٻڌنديئن ڇا!

اڙي ها! مان اُنهن ٻنهي کي ڀلجي ويس. ها دادي اُنهن ٻنهي جو ڇا ٿيو؟ مون چيو. داديءَ گلاس مان پاڻيءَ جا ٻہ ڍُڪ پيتا. پُٽ! پنجويهہ سال اڳ جو داستان آهي. جيڪي مون ٻڌو هو. سڀ ياد اَٿم. چيتو تہ هاڻ ڇَٽُ ٿي ويو آهي. ڊاڪٽر صاحب ڪاجهہ مهينا بيمار ٿي پيو. هن جو دواخانو بند ٿي ويو. ڪڏهن ڪو مريض دوا درمل لاءِ هن جي بنگلي تي ويندو هو. ڊاڪٽر ڪنهن کي منع بہ نہ ڪندو هو. رومي دوا ٺاهي مريضن کي ڏيندي هئي. هڪ ڏينهن ڊاڪٽر جي نونهن ڪلڪتي مان آئي. ڊاڪٽر چڪرورتيءَ جي علاج لاءِ هوائي جهاز ۾ کيس ڪلڪتي وٺي ويئي. هاڻ بنگلي ۾ رهجي ويئي اڪيلي رومي. هن کي پڪ هئي، تہ ڊاڪٽر چڪروتي جلد ئي چڱو ڀلو ٿي واپس ورندو. وري اچي دواخانو شروع ڪندو. ڊاڪٽر، غريب شرنارٿين جي شيوا ڪانسواءِ رهي نہ سگهندو. هن لاءِ جنتا ئي جناردن آهي. هوءَ تہ آس لڳائي ويٺي هئي. هن جو بہ هن سنسار ۾ ڊاڪٽر کان سواءِ ٻيو ڪير هو. هن ڊاڪٽر سان گڏ پنهنجي جيون جا پنجويهہ سال گهاريا هئا. هوءَ ڊاڪٽر جي نوڪرياڻي نہ هئي، هن جي سڀ ڪاجهہ هئي. هوءَ ڊاڪٽر کي پيار ڪندي هئي. پنهنجو ايشور ڪري ماڃيندي هئي. ڊاڪٽر جي جدائيءَ هن کي پريشان ڪري ڇڏيو هو. هيڏو ساروبنگلو هن کي کائڻ ٿي آيو. پل پل هن کي پنهنجي سواميءَ جي ياد ستائي رهي هئي. هن ڊاڪٽر کي ڪلڪتي ۾ ڪيترا خط لکيا. هن جي گهر ۾ ور ور ڪري فون ڪيا. پر هن کي ڪوبہ جواب نہ مليو. هن لاءِ اوسيئڙو ڪرڻ بنا ڪو چارو بہ ڪونہ هو. ڊاڪٽر کي ڪلڪتا وئي ڇهہ مهينا گذري ويا.

جولاءِ جو مهينو هو. ممبئيءَ ۾ چوماسو پنهنجا رنگ ڏيکاري رهيو هو. هڪ ڏينهن منجهند جو موسلادار برسات وسي رهي هئي. گهنگور گهٽا ڇانيل هئي. ڪڏهن ڪڏهن ٻجلي ڪڙڪي رهي هئي. رومي، بنگلي جي در

جو دواخانو هلي پيو. صبح وَ شام هن جي دواخاني ۾ ڪافي رش هوندي
هئي. في بہ معمولي وٺندو هو. غريبن ۽ گهرجائن جي دوا درمل مفت ڪندو هو
ٽُنل قتل سنڌي بہ ڳالهائيندو هو. مريضن کي چوندو هو، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو
ڊاڪٽر جي نرس هئي هڪ ڪرسچن ڇوڪري، رومي. شڪل جي سهڻي
ڪلمڪ، رلٽي ملٽي، پراون پنهنجي!

دواخاني ۾ سڀ ڪم روميءَ جي هٿ ۾. ڪيس پيپر ڪيڻ، دوائون
ڏاهڻ، ملم پٽي ڪرڻ. سڀ ڪم ڦڙتيءَ سان ڪري ۽ سيني سان سنيهہ سان
ورتاءُ ڪري. ڪڏهن بہ هن جي چهري تي رنج نہ هوندو هو. هتڙ ۾ آيو تہ هو
ڊاڪٽر سان گڏ رهندي آهي. ڊاڪٽر جي ديک ڀال ڪندي آهي. ڊاڪٽر جو
پريوار ڪلڪتي ۾ رهندو هو. هن جو پٽ پنچگنيءَ ۾ اسڪول پڙهندو هو.
ڊاڪٽر سماج سيوا لاءِ چيمبور ۾ دواخانو کوليو هو؛ جيئن هو شرنارٿين جي
شيوا ڪري سگهي. تنهنجو ڏاڏو ۽ مان روز رات جو ماني کائڻ بعد ماهول روڊ
تي ٿورو پنڌ ڪندا هئاسين. ڊاڪٽر جي بنگلي وٽان لنگهندا هئاسين. ڊاڪٽر
جي باغ جي گلن جي مهڪ ٻاهرئين روڊ تائين ايندي هئي. دل ۾ هڪ تمنا جاڳي
اُٿندي هئي. ڪڏهن اَسانکي بہ پنهنجو اَهڙو بنگلو هوندو. سنڌ ۾ پنهنجي
بنگلي جي ياد ستائيندي هئي ۽ ساڻ ساڻ ڪئمپ جي ذليل زندگي پريشان ڪندي
هئي. تنهنجو ڏاڏو هو آشاوادي. هميشه ياد ڏياريندو هو:

ڪشٽ ڪشالا ڪٽبا ويندا هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي؛

درد خوشين ۾ مٽبا ويندا هڪ هڪ ٿي هڪ هڪ ٿي.

ورون پٽ! وقت، پنهنجي رفتار سان هلندو رهيو. مونکي اَجا بہ ياد
آهي. تنهن سال تنهنجي پيءُ مئٽرڪ جو اِمتحان پاس ڪيو هو. تنهنجو ڏاڏو
هڪ ڏينهن دوڪان تان جلد موٽيو هو. تمام خوش هو. هن جي هٿ ۾ مٺائيءَ
جو باڪس هو. اَچڻ سان چيائين، سرسوتي! ڊاڪٽر چڪرورتيءَ جو بنگلو
توکي پسند آهي نہ! اَڄ کان اُهو بنگلو تنهنجو! هيءُ وٺ بنگلي جون چاپيون!
اَڄ کان بنگلي جو نالو ٿيندو 'سرسوتي بنگلو'! بنگلي جون چاپيون منهنجي
هٿ ۾ هيون. مان سمجهي نہ ٿي سگهيس تہ اَهو منهنجي تمنا جو آواز هو. پرم
هو يا حقيقت! آسمان ڏانهن اکيون ڪري مالڪ جا شڪرانا مڃيم!

هئي، پنهنجو پاڻ ۾ سمايل. اَشوڪ بابوءَ جون ڳالهيون ٻڌندي رهي. ”رومي! توکي هيءُ بنگلو خالي ڪرڻو پوندو. نئين مالڪ کي چابيون ڏيڻيون آهن. مان تنهنجي لاءِ هت ڪئمپ ۾ گهر خريد ڪري رهيو آهيان. تنهنجي گهر خرچ لاءِ مان هر مهيني توکي ڪلڪتہ مان رقم موڪليندو رهندس. تون آرام سان زندگي گذار. بابا کي منهنجو وچن ڏنل آهي، جيڪو مان خوشيءَ سان پورو ڪندو رهندس. ڪا تڪليف ٿئي تہ ڪلڪتہ فون ڪجِ. مان اَچي حاضر ٿيندس.“

ڪمري ۾ نيم اونداهي هئي. اَشوڪ بابوءَ کي جيڪو چوڻو هو؛ چئي پورو ڪيائين. هن کي اِنتظار هو روميءَ جي جواب جو. هو پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿيو. ٽيوب لائيٽ جو سئچ آن ڪيائين. هن روميءَ جي طرف ڏٺو. سندس مٿي تي ڊُلار وچان هٿ ڦيريو. رومي توڙو ڪائي ڪري پيئي. پڪي پاڇري مان نڪري پرواز ڪري دور اُڏامي ويو. شرير رهجي ويو. آتما وڃي پنهنجي پياري جي آتما سان ملي.

”بابلا! اِهو هو ڊاڪٽر چڪرورتي ۽ روميءَ جو داستان. هن واقعي کي سال نبري ويا آهن، تڏهن بہ ڪن جو چوڻ آهي تہ روميءَ جو روح بنگلي جي باغ يا بنگلي جي در وٽ ڪرسيءَ تي ويٺل ڊاڪٽر صاحب جو انتظار ڪندي ڏٺو ويو آهي؛ پر مون هن جي روح کي پنهنجي اکين سان ڪونہ ڏٺو آهي.“

دادي داستان ٻڌائي، اکيون بند ڪري، سمهي پيئي. شايد ٿڪجي پيئي هئي. مان پير پير ۾ پائي ڪمري کان ٻاهر نڪري آيس. تنهن ڏينهن شام جو گهر جي باغ ۾ منهنجي جنم ڏينهن جي پارٽي هئي. منهنجون اکيون وري وري روميءَ جي روح کي هِتي هُتي ڳولهي رهيون هيون!

❦ ❦ ❦

وٽ ڪرسي پائي ويٺي هئي. شايد هن جي تند بنا تار پنهنجي سو اميءَ سان
جڙيل هئي. اوچتو در وٽ هڪ ٽيڪسي اچي رُڪي. رومي، ٽپ ڏيئي
ڪرسيءَ تان اُٿي ڪڙي ٿي. سمجهيائين، اوسيئڙا پورا ٿيا. هن جو جانب گهر
پيهي آهيو آهي. پر ائين نہ ٿيو. در وٽ ڊاڪٽر صاحب جو پٽ اَشوڪ بابو
بيٺو هو. روميءَ جي چهري تي نراشا جا رنگ اُڀري آيا. سمجهيائين، قسمت ۾
اَجا ڪا ڪاڻ آهي. هن جلد وچي رنڌڻي ۾ اشوڪ بابوءَ لاءِ چانهہ بسڪيٽ جو
بندوبست ڪيو.

اَشوڪ بابو چانهہ پي مٿي ڊاڪٽر صاحب جي ڪمري ۾ آرام لاءِ
هليو ويو. روميءَ ڊاڪٽر صاحب جي صحت بابت اَشوڪ بابو کان سو ال تہ
ضرور پڇيا، پر هن ڪو بہ جواب ڪونہ ڏنو. رومي سمجهي ويئي تہ ڪو
طوفان ضرور اَچڻو آهي. تنهن ڏينهن شام جو ئي اَشوڪ، روميءَ کي مٿي
ڪمري ۾ اَچڻ لاءِ سڏ ڪيو. رومي جڏهن مٿي ڪمري ۾ پهتي، تڏهن اَشوڪ
بابو ڪرسيءَ تي ويٺو هو. بنا ڪنهن پو مڪا جي هن روميءَ کي چيو، ”مان
هت بابا جو هيءُ بنگلو ۽ دواخانو وڪڻڻ آيو آهيان.“
”پر ڊاڪٽر صاحب!“

”هاڻ هو هن دنيا ۾ نہ آهي. ٻہ مهينا اڳ اسپتال ۾ هن جو ديهانت ٿيو.“ روميءَ
لاءِ ڄڻ بجلي ڪڙڪي. آسمان مان وڄ و اڪا ڪيا. روميءَ جو سڀ ڪجهہ،
سڄو وجود ختم ٿي ويو. هن جا هٿ پير ٿڌا ٿي ويا. هن جو بدن ٽڪي رهيو
هو. هن جي زبان مان ڪو اکر نہ اُڪليو. هوءَ بس ڪرسيءَ جو سهارو وٺي،
هيٺ زمين تي ويهي رهي. اَشوڪ بابو روميءَ جي حالت ڀانپي ويو. پيءُ کي
ياد ڪري هن جي اکين ۾ ٻہ ٻہ لڙڪ لڙي آيا. توتيءَ جي پلوَ سان لڙڪ اُگهي هن
بيحد ڪومل آو از ۾ چيو، ”رومي! مان تنهنجي دل جو درد سمجهي سگهان
ٿو. باباءِ تنهنجي وچ ۾ پوتر پيار جو رشتو هو. تنهنجو ذڪر بابا ديهانت
کان اڳ گهر جي سيني ڀاتين اڳيان ڪيو هو. اوهان جو رشتو اَٽوٽ هو. ٻنهي
جو هڪ ٻئي جي دل ۾ نو اس هو. بابا توکي ڏاڍو پيار ڪندو هو، اَنتم ويلي بہ
هن توکي ڀئي ياد ڪيو. هن جي زبان تي تنهنجو نالو هو!

رومي سڏڪا ڀري روئي رهي هئي. هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺي

ويندي. پيو منيب کي سُخن ڪيندو ۽ منيب منهن هيٺ ڪري ويٺو مسڪرائيندو.

لڇوءَ جي صحيح عمر سلڻ لاءِ دوڪان جا ملازم شرطون هڻندا هئا. ڪن جو چوڻ هو تہ لڇو پنجاهہ سالن جو آهي تہ ٻين جو چوڻ هو تہ لڇوءَ جا سمورا وار ڪارا آهن، هو پنجاهہ سالن کان گهٽ عمر جو آهي. ڪي تہ وري هن جي عمر جو اندازو اُبتي نموني لڳائيندا آهن. دوڪان جي مالڪ ڪمار سيٺ کي لڇوءَ هنج ۾ کڻي رانديون ڪرايون آهن. اڄ ڪمار سيٺ چاليهہ سالن جو آهي تہ لڇوءَ جي عمر گهٽي هوندي؟

لڇوءَ جو اَبو ڏاڏو بہ ڪنهن زماني ۾ سنڌ ۾ اَناج جا وڏا واپاري هئا. ماڃي مانيءَ وارا هئا. ڪمار سيٺ جي اَبي ڏاڏي سان هنن جو پريت جو پيچ هو. ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. ڪيترا گهرن کان بي گهر ٿيا. لڇوءَ جي پيءُ جو دوڪان لٽيو ويو. لڇوءَ جا ماءُ پيءُ پڻ ان وحشت جو شڪار ٿي ويا. لڇو هن جهان ۾ ڇنو ڇورو رهجي ويو. ڪمار سيٺ جو پيءُ ڪيس پاڻ سان گڏ هت ڀارت وٺي آيو ۽ ائين لڇو سندن ڪٽنب جو ڀاتي بڻجي ويو. اڄ لڇو اڻ پڙهيل هئو، پر ان لاءِ جيڪڏهن ڪير جوابدار هو تہ اُها هئي لڇوءَ جي قسمت ۽ گردش ڪندڙ حالتون. باقي لڇو تہ ذهين آهي؛ ڀل تہ ڪي هن جي بي علميءَ جو مذاق اُڏائين ۽ ڪيس آڱوٺا ڇاپ سڏين؛ پر لڇوءَ جي اُٿڻي ويهڻي ۽ دماغي سوچ کي ڪو بہ نظر اَنداز ڪري ڪونہ سگهندو.

ورهاڱي کان اڳ لڇوءَ جي پيءُ سيٺ ڳاڳن مل اُهو ئي سوچيو هو تہ پنهنجو ڏندو آهي؛ اَسان کي لڇوءَ کان ڪهڙي نوڪري ڪرائڻي آهي. پنهنجيءَ سانير ۾ ايندو ۽ اَچي گديءَ تي ويهندو تہ ڏنڌي جا سڀ هنر سمجهہ ۾ اچي ويندس، باقي حساب ڪتاب لاءِ هيءُ منيب دڪان تي ڇا لاءِ رکيا ويا آهن؟

لڇو ماءُ کي ڀلا پٽ هو سڪيلڌو؛ سو پنهنجي پٽ لاءِ رشتو بہ طئہ ڪري ڇڏيو هئو پنهنجي ساهيڙي سيتا جي اَٺن سالن جي ڌيءَ راجوءَ سان. ٻيئي جڏهن هڪ ٻئي سان رانديون ڪندا هئا، هڪ ٻئي سان رسندا پرچندا هئا تہ لڇوءَ ماءُ ٻلهار ٻلهار پيئي ويندي هئي. لڇو ۽ راجو جڏهن ٻيئي ڪتابن جي بيگ لوڏيندا اسڪول ويندا هئا، تڏهن لڇوءَ ماءُ کلي

# زندگي

اسان جي ڪهاڻيءَ جو مکيہ ڪردار لڇو، هڪ سيٺي واري جي دوڪان تي ملازم آهي. هو سادو سودو، هميشھ پائي اڇي سُٿڻ ۽ اڇي قميض. ڪيسي ۾ ٻاڙهو رومال، جنهن جي هڪ ڪنڊ ڪيسي کان ٻاهر هوا ۾ پيئي ڦڙڪندي. پيرن ۾ پائي گيتلو. هلندو تہ لف لف ڪري پيو هلندو. هن جي هلڻ جي اها لف لف پريان ئي سندس اچڻ جو پيئي سگنل ڏيندي. وارن ۾ وجهي هميشھ ڪوڙو تيل. سيٺي سان ڳالهائيندو مٺو. دوڪان تي گراهڪ آيو، چڻ تہ لڇو لاءِ ڀڳوان آيو. جيستائين گراهڪ پنهنجو آرڊر لکائيندو: تيستائين لڇو ڪيس پاڻي پري پياريندو ۽ هتان هتان جون ڳالهيون ڪندو. آرڊر ٿيلهيءَ ۾ ڀرجي ويندو تہ پوءِ ٿيلهي ڪلهي تي رکي پنهنجي مکني هاٿيءَ جي چال سان روانو ٿي ويندو مال پهچائڻ.

لڇو دوڪان تي ويٺو هوندو تہ سڀ جو سڏ هن لاءِ پيو پوندو. لڇو هيءَ شيءِ کڻي رکي اچيئي ۽ هوءَ شيءِ کڻي رکي اچيئي. لڇو هن جو مال پهچائي اچ. لڇو هن کان پيسا وٺي اچ. لڇو سيٺي کي پيو ها ها ڪندو. دوڪان جي سيٺي ملازمن سان لڇوءَ جو نيهن جو ناتو، پر هن جا گره دوڪان جي منيب سان ڪڏهن ملڻ ئي ڪونہ! منيب هن کي چيڙائڻ لاءِ سيٺ کي چوي، تہ سائين لڇو وڏ ور ٿي ويو آهي: ان جي شادي ڪرايو تہ وجي شينهن ڪلهي چڙهي، نہ تہ هڪ ڏينهن هيءَ مرمٽياٽي ڪملي هن کي ڀڄائي ويندي. پوءِ دوڪان جو هيڏو ڪم ڪير ڪندو. ڪڏهن لڇوءَ کي واندو ويٺل ڏسي منيب کيس چوندو، لڇو سيٺ ڪهڙو حال آهي. اسان کي شاديءَ جا لڏون ڪڏهن ٿا کارايو. ڪملي اڄ صبح جو دوڪان تي آئي هئي. توهان لاءِ پڇي رهي هئي. بس لڇوءَ کي باه وٺي

ڪوهاجي ويو. ڪمار سيٺ جي زال ڪيس چار سڏ ڪيا، پر هن جي ڪن تي ڪوبہ پر لاءُ ڪونہ پيو. ڪمار سيٺ جي زال کي بہ اچي ويئي تندي. چي، گهر جو ڪم ڪار ڪير ڪندو؟ بسترا ڪير وڇائيندو؟ تون هت آلبر ڏسڻ اچي ويٺو آهين. لڇوءَ جي هٿ مان آلبم کسي وٺي ڦٽو ڪيائين. لڇو اچي روئڻ ۾ ڇنڪيو. بس، پوءِ ڏينهن ڪمار سيٺ هن جي رهڻ جو بندوبست جدا ڪري ڇڏيو.

نئين بستيءَ ۾ لڇوءَ جو من ئي نٿي لڳو. ڏينهن تہ دوڪان تي گذري ٿئي ويس پر شام جو جڏهن راتي جي داهي تان ماني کائي پنهنجي کوليءَ جو در کوليندو هو تہ کيس پنهنجي ئي گهر ۾ گهڙڻ جي همت ڪونہ ٿيندي هئس. ڪجهہ هوٽلن جي کاڌي سبب ۽ ڪجهہ اڪيلائيءَ جي سورن سبب لڇو هڪ ڏينهن بستري داخل ٿي ويو. هن جي سار لڌي تہ سندس پاڙيسري شنيوءَ جي ڌيءُ ڪمليءَ. شنيو، بازار ۾ مال ڍوئيندو هو. شام جو شراب ۾ ڌت ٿي اچي پنهنجي گهر ٻاهران پٽاجي رهندو. هن جي گهر ۾ هئي فقط هن جي ڌيءُ ڪملي. شنيوءَ کي پنهنجن ئي پريشانين سببان ۽ نشي خوريءَ سببان ڪڏهن اهو خيال ۾ ئي ڪونہ آيو تہ ڪملي پنهنجي جوانيءَ جا ڏينهن کائي اڄ چاليهن سالن تائين پهتي آهي. لڇوءَ جي بيماريءَ ۾ ڪملي هن لاءِ ڊاڪٽر وٺي آئي. هن کي چانهہ ٺاهي پيئاريائين. دڪان تي هن جي بيماريءَ جو نياپو پهچايائين. ٽن ڏينهن کان پوءِ لڇو جڏهن دوڪان تي وڃڻ لائق ٿيو. تڏهن ڪمليءَ لڇوءَ کي هڪ التجا ڪئي. بابو جي، ميرا ڪهنا مانو! آپ هوٽل ڪا کانا بند ڪردو! مئن آپ ڪي ليئي روز کانا بنائونگي.

لڇو هاڻ بہ ويلا ماني گهر ۾ ئي کائيندو هو. لڇوءَ جي ويران من ۾ بهار جو جهونڪو آيو. پر پنهنجو آشيانو اڏڻ جو خيال هن جي من ۾ ڪونہ آيو. هو پراڻين يادگيرين کي ڀلائي ڪونہ سگهيو هو. اهي يادگيريون هن کي پنهنجي ماءُ پيءُ وٽان مليل سوغات هيون، جي هن ساه سان سانڍي رکيون هيون.

هڪ ڏينهن ڪمار سيٺ لڇوءَ کي سڏ ڪري چيو، تون بيبيءَ جي اسڪول وڃ. اڄ بيبيءَ جو جنم ڏينهن آهي. هيءَ چٺي پرنسپال کي ڏيئي بيبيءَ جي اڌ ڏينهن جي موڪل وٺي اچ. لڇو جيئن پرنسپال جي

کلي سيني کي چوندي هئي، ته مان پنهنجي پٽ کي ڊاڪٽر ۽ نونهن
نرس بڻائيندس. منهنجو پٽ سموري پاڙي جو علاج مفت ۾ ڪندو. ه
ڏينهن ٿيو اِئين، جو راجوءَ کي ڪلاس ٽيچر لڇائي ڪرڻ سببان زور س
ڳل تي هڪ چماٽ وهائي ڪيي. اسڪول پوري ٿيڻ کان پوءِ راجو ڪلا
جي در وٽ ڳل تي هٿ رکي روئي رهي هئي. لڇو پنهنجي ڪلاس
ٻاهر نڪتو. راجوءَ کي روئندو ڏسي ڪائنس سوين سوال ڪيا. راجوءَ
مار جو ٻڌي لڇو آپو وڃائي ويٺو ۽ اسڪول ٻاهران هڪ پٿر کڻي راج
جي ماسترياڻيءَ کي زخمي ڪري ڇڏيائين. لڇوءَ کي اسڪول
رسٽيڪيٽ ڪيو ويو.

لڇوءَ جي پيءُ جو پڻ ننيڙي راجوءَ ۾ ڏاڍو موه هوندو هو. چو
مان هر آرتوار تي ٻنهي ٻارن کي بگيءَ ۾ چاڙهي ڪين گهمائڻ وٺي ويندو ه
بندر روڊ تي غلام رسول جي اسٽوڊيو ۾ هر بار ٻنهي جو گڏ فوٽو ڪڍائين
هو. هر فوٽي جون ٻه ڪاپيون ڪڍائيندو هو. هڪ ڪاپي راجو پنهنج
گهر کڻي ويندي هئي ته ٻي ڪاپي لڇو سڄي پاڙي کي ڏيکاري پيو خو
ٿيندو هو.

ورهاڱي کان پوءِ راجوءَ جو ماءُ پيءُ هندوستان پهتا يا نه ۽ ديش ج
کهڙي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي وسيا: تنهنجي ڄاڻ فقط الک کي هئي. زندگ
جي ان باب کي لڇو وساري ڪونه سگهيو هو. وقت جي گردش لڇوءَ جي
۾ راجوءَ جي يادگيرين تي ڪيتري تورڙ چاڙهي ڇڏي هئي، ڇئي نٿو سگهج
پر هڪ ڳالهه جي پڪ آهي ته سنڌ ۾ پاڻ سان کڻي آيل فوٽن جو آلبم هو پنهنج
ساه سان سانديندو آهي. هر روز رات جو سمهڻ کان اڳ هڪ دفعو آلبم ضرو
ورائي ڏسندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ان آلبم کي ڏسندي هن جي اکين مان ڳوڙه
ڙهي پوندا آهن.

لڇو پهريائين ته ڪمار سيٺ جي گهر ۾ ئي رهندو هو. ڪيج
گهر جو ۽ دوڪان جو ڪم ڪار ڪندو هو: پر هاڻ لڇوءَ کي هڪ غري
بستيءَ ۾ جدا جڳهه وٺي ڏني ويئي آهي. ان جو سبب ڪمار سيٺ
ڪاجهه به ڏئي پر ٿيو ائين جو هڪ رات لڇو ماني کائي پنهنجو آل
کڻي ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ وڃي ويٺي. الائي ڪهڙين يادگيرين

# تيرا ڪيتا جاتو ناهين!

مان روز صبح جو پنهنجي ڪالونيءَ جي گرُ مندر ۾ ويندو آهيان. اُتي روز صبح جو ستسنگ لاءِ ٽيهه چاليهه ماڻهو ايندا آهن. شايد سنت ڪنور رام جي ٻولن سان ''اُٺي اَسُر جو رام ريجهاءِ بندا'' سان نيائيندا آهن.

تنهن ڏينهن ڀنيرڪي جو ڀڳت لڇمڻداس، راڳ رامڪليءَ ۾ ستگر جو شبد ''تيرا ڪيتا جاتو ناهين'' ڳائي رهيو هو. ساري سنگت منتر مگڌ ٿي جهومي رهي هئي ۽ ڀڳت ڪي سُرَ ۾ سُرُ ونائي رهي هئي. پر الائي ڇو منهنجو من اِستر ڪونه هو. پل پل ماضيءَ جون تصويرون ذهن ۾ فلم جيان اُڀري ٿي آيون. مان نديءَ جي وهڪري ۾ ترندڙ هڪ پن جيان هوس، جنهن ڪي ماضيءَ جو تڪي لهر لوڙيندي ٿي ويئي. ان وهڪري جي نه هئي ڪنتي، نه ڪنارو. انيڪ دفعا گرو گرنٿ صاحب ڏانهن منهن ڪري من شانتي لاءِ ٻاڏايم. ڀڳت جي سرن ۾ کوهجي وڃڻ جي ڪوشش ڪيم، پر من نيڀڳو وس ٿيو ئي نٿي. ٺيڪ اُن وقت منهنجو ڌيان مندر کان ٻاهر ايو ان ۾ لڳل سنگمرمر جي فرش تي ٿيندڙ ٺڪ ٺڪ ڏانهن ويو. ڪو ويساڪين جي سهاري گرُ مندر ۾ اَچي رهيو هو. منهنجون نظرون مندر جي در ۾ کپي ويون. اُهو ڏسڻ لاءِ ته مندر ۾ ويساکين جي سهاري ڪير اَچي رهيو آهي. دل ۾ اُتسڪتا جاڳي. ايندڙ شخصيت هڪ عورت هئي. گلابي سلوار ڪڙتو، مٿي تي گلابي رنگ جي پوتي، اکين تي ٿلهو چشمو، چمڙيءَ ۾ ڪاجهه گهنج، ڪنڌ نميل، بدن ٿورو پريل ۽ ٻنهي ڪلهن هيٺان ويساکيون. هوءَ مندر جي اَندر آئي ۽ پريان ويٺي ئي گرو گرنٿ صاحب ڪي سيس نمائيندي. هڪ ڪنڊ ۾ پنهنجي لاءِ جڳهه ٺاهي ويهي رهي. مان ان ڪي پوريءَ طرح ڏسي نٿي سگهيس. ڪنڌ ورائي ڇڏيم ۽ چت گرو چرنن ۾ ڪرڻ جي وري به بي سود ڪوشش ڪيم.

وري خيال آيو ، هوءَ اَسان جي ڪالونيءَ جي ته ڪونه آهي. اِڳي ڪڏهن

ڪمري ۾ گهڙيو تہ پرنسپال جي نظر ڪنهن فائيل تي هئي. للچوءَ کي
ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ هٿ جو اشارو ڪيائين. للچو ان عورت جي چهري
ڏانهن نهاريندو رهيو. من جي دماغ ۾ هڪ ڇاتل سڃاتل چهرو ڦري رهيو
هو. هو فيصلو نہ ڪري سگهيو تہ ڪرسيءَ تي ويهي يا نہ. پرنسپال
ڪنڌ مٿي ڪنيو. للچوءَ ڏانهن نهاري هن هڪ ڇرڪ ڀريو. للچوءَ بنا ڪاجهہ
ڳالهائڻ جي هن جي هٿ ۾ خط ٿمايو. پرنسپال پڇيو، ٻار سان اوهان جو
ڪهڙو رشتو آهي. للچوءَ وراڻيو منهنجي سيٺ جي ڌيءَ آهي.

اوهان جو نالو للچو آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ گاڏي کاتي ۾ رهندا هئا!
سيٺ گاگن مل جا پٽ آهيو؟

ها!

مونکي سڃاڻو ٿا؟ مان راجو آهيان! راجو!

للچوءَ جو هٿ ڪرسيءَ کي زور سان دٻائي سور ڪري رهيو هو.
للچوءَ جي چهري تي پسيني جون بوندون اُڀري آيون. للچوءَ پنهنجي کيسي
مان رومال ڪڍيو. منهن تان پگهر اُگهيائين ۽ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.
راجوءَ پاڻيءَ جو گلاس للچوءَ ڏانهن وڌايو. للچو گلاس وٺي هڪ ئي ڍيت ۾
پي ويو. خالي گلاس ميز تي رکي ڇڏيائين. سلسلو وري بہ راجوءَ شروع
ڪيو. توهان کي ڪيترو ڀُولهيو اَٿم! هلو پهريائين گهر هلون، پوءِ ٿا وڌيڪ
ڳالهيون ڪريون. اوهان جي سيٺ جي ڌيءَ کي پٽيوالو ڇڏي ايندو.

للچو، پرنسپال راجوءَ جي پٺيان پٺيان هلڻ لڳو. ٻيئي اچي هڪ آٽو
رڪشا ۾ ويٺا. ٻيئي هڪ ٻئي جي ويجهو هئا، پر ٻنهي جو من ڪٿي دور
الائي ڪيترن سالن جو سفر طئہ ڪري رهيو هو. آٽو هڪ جهٽڪي سان
اچي چيمبور جي هڪ ٽي منزلہ عمارت اڳيان رُڪيو.

راجوءَ چيو، مان هت رهندي آهيان.

للچوءَ تڙ تڪڙ مان پڇيو. اَوهان جو پتي؟

راجوءَ مسڪرائيندي وراڻيو: ڪالهہ تائين الائي ڪٿي هو: پر اَڄ
مونسان ساڻ آهي!

❦ ❦ ❦

اهڙي دوستيءَ جي منزل ڏانهن اَسان جا قدم هميشه اڳتي وڌندا رهيا. هوءَ منهنجي لاءِ سڀ ڪجهه هئي. هن لاءِ منهنجي من ۾ سڪ هئي ۽ هن لاءِ منهنجي دل ۾ عزت هئي. هن کي مون لاءِ پيار ۽ دامن ۾ وشواس هو. اسان هڪئي هال ۾ ويهي B.A. جو امتحان ڏنو. نتيجي نڪرڻ تي هڪ ٻئي کي واڌايون ڏنيون ۽ خوشين ۾ ياڳي پائيو ار ٿياسين. زندگيءَ جي ٻن سالن جي هر شام اَسان گڏ گذاري. پنهنجي آئينده کي چڱي دنيا جي هر مسئلي تي ويچار ونڊياسين. انيڪ دفعا ناريمن پوائنٽ تي ناريل پاڻي پيئندي سورج ديوتا جي ڏينهن جي سفر جي سماپتيءَ جو درشن گڏ ويهي ڏٺوسين. ڪيترائي دفعا دل ۾ خيال آيو هوم تہ ساڻس ڪجهه پاڻ بابت ڳالهه چوريان. هن کي جيون ساٿي بڻائڻ جو سڄهڻ هن اڳيان رکان. بس، زبان چپ رهي. اسان جي دوستي اُن اوچائيءَ تي هئي جتان هيءُ سنساري ٻنڌن تاچ پئي محسوس ٿيا. ڪاش، اَسان ٻنهي مان ڪو ٻڙڪ ٻاهر ڪيي ها!

هڪ ڏينهن مان پنهنجي آفيس ۾ هوس جو رچَنا جو ٽيليفون آيو. چيائين، مان هاڻ جو هاڻ توسان ملڻ ٿي چاهيان. منهنجي آفيس آئي، تہ چڻ زندگيءَ ۾ هڪ زلزلو ڪٽي آئي. ان ڏڪڪي ڪان اَڄ ڏينهن تائين پاڻ سنڀالي نہ سگهيو آهيان. رچَنا منهنجي سامهون ڪرسيءَ تي اَچي ويٺي. چيائين، هڪ مسئلو آهي: حل ٻُڌڻ لاءِ تو وٽ آئي آهيان. بابا منهنجي شادي اَميريڪا ۾ رهندڙ هڪ انجنيئر چوڪري ملاٽيءَ سان طئہ ڪئي آهي. ملاٽي هڪ مهيني لاءِ هت بمبئيءَ آيل آهي. شادي ڪري هن مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ واپس ويندو. مون چيو ”توکي اعتراض آهي ڇا؟“ هن وراڻيو ”اعتراض تہ وڏو آهي. منهنجي صلاح ڪان سواءِ بابي ها ڪيئن ڪئي آهي؟ مان ڪاڳانءِ ياڪري آهيان: جو هڪ ڪلي ڪان ڇوڙي ٻي ڪلي تي ٻڌي وڃان. هاڻ بابو چوي ٿو، سڀ تنهنجي ڀلي لاءِ ڪيو اَٿم. جي نہ ٿي ڪريان تہ بابو خبر نہ آهي ڇا ڪري ويهي. هاڻ تون صلاح ڏئي تہ مان ڇا ڪريان؟“ مون چيو ”رچَنا ليڪ لڪڻ وارو تہ ايشور آهي.“ بس رچنا اُٿي کڙي ٿي. هن لاءِ منهنجي اها هڪ سٽ تہ ليڪ لکڻ وارو تہ ايشور آهي: هڪ يوشيہ واٽي هئي. هڪ فيصلو هو. رچنا جي شادي ملاٽيءَ سان ٿي ويئي. رچنا اَميريڪا هلي ويئي. منهنجي زندگي ويران پريشان ٿي ويئي. بمبئيءَ مان دل کٽي ٿي پيئي. استعفيٰ ڏيئي هت جلگانءُ ۾ اڪيلي زندگي گهاري رهيو آهيان. يلا پنهنجي چُپ جو ڪو ويڄ ڪو

کيس ڏٺو به ڪونه اٿم. هوندي ڪنهن گهر ۾ مهمان. شل نه ڪو محتاج ٿئي. ه
کي ويساکين تي هلڻ سان ڪيڏي نه تڪليف ٿيندي هوندس. ايشور جي ليلا آهي
بس شڪر ڪري گذارجي. آرتي، انند صاحب، وچن ۽ ڪٿاه پرساد ج
ورهائجڻ. سڀ ڪجهه ٿيندو رهيو، پر منهنجو من ان اپاهج عورت ۾ اٽڪي
رهيو. هڪ ڪڻ لاءِ به ان کي پنهنجن ويچارن کان ٻاهر ڪڍي ڪونه سگهيس.

ڪٿاه پرساد وٺي مندر کان ٻاهر نڪري رهيو هوس. هڪ دفعو ٽيڏي اک
سان وري به کيس ڏٺم. هوءَ ويساکين جي سهاري آهستي آهستي اٿڻ جي ڪوشش
ڪري رهي هئي. اوچتو ئي اسانجون نظرون مليون. مون مان اُٿندي وٺڻ جي شڪتي
نڪري ويئي ۽ مان پٿر بڻجي بيهي رهيس. زبان مان فقط هڪ ئي جملو نڪتو
”رَچنا! تون!“

رَچنا سان منهنجي پهرين ملاقات اٽڪل ويه سال اڳ بمبئي جي جئه هن
ڪاليج جي حاطي ۾ ٿي هئي. مان B.A. جي فائينل سال ۾ پڙهندي سان سان هڪ
آفيس ۾ نوڪري به ڪندو هوس. هوءَ منهنجي هم ڪلاسڻ هئي. هميشه پهري
بينچ تي ويهندي هئي. پنهنجن سرتين ۾ اڳري هئي. تيز فهم ۽ روشن دماغ هئي
هميشه پيئي پروفيسر کان سوال پڇندي هئي. ايشور کيس دلڪش روش ۽ بي به
سندرتا عطا ڪئي هئي. ان ڏينهن موسلا ڌار برسات وسي رهي هئي. ڪلاس ڏمي
ٻاجي پورو ٿيو هو. مان آفيس ۾ وقت سر پهچڻ لاءِ تڪڙو تڪڙو ڪاليج جي
ڏاڪڻ تان هيٺ لهي رهيو هوس. برسات کان بچڻ لاءِ ڇٽي کوليم. ڏسان ته رچ
متيئن ڏاڪي تي ڪنڌ وٽ بيٺل هئي. هن جون نظرون آڪاش طرف هيون. شاي
اهو ئي اندازو لڳائي رهي هئي ته هيءَ برسات اَجا ڪيترو وقت هلندي. هن کي
ڏسندي ئي منهنجي منهن مان نڪتو ”رَچنا! ڪيستائين وڃڻو اٿيئي.“ هن وراڻيو
”بس چرچگيٽ اسٽيشن تائين“ ۽ مون سان ساڻ ڇٽيءَ ۾ هلي آئي.

اها هئي اَسان جي دوستيءَ جي شروعات. دوستي هڪ الاهي نوراني
پاڪ رشتو آهي. جنهن ۾ به دليون هڪ ٻئي جي سڪ ۽ پيار جو احساس ماڻي
ٿيون. هيءُ اهو جام آهي جنهنجي خماري، نظرن ۾ ٿئي ٿي ۽ ترپتي دل جي
تڙڪن ۾ محسوس ڪئي وڃي ٿي. هيءُ ايشوري درشن آهي جنهن ۾ زبان چپ
رهي ٿي ۽ من ۾ هڪ ٻئي مٿان سڀ ڪجهه نڇاور ڪرڻ جا ترنگ اُڀرندا رهن ٿ

تمام ڪڙڪ ٿيندي آهي. تنهنجي سامان تي تنهنجو نالو لکيل اَٿيئي. سامان ڪليئر ڪرائي تون ٻاهر اَچ مان تنهنجو انتظار در وٽ ڪندس. مان فقط ڪنڌ لوڏيو ۽ سڀ هن جي حڪم پٽاندڙ ڪيم. جڏهن منهنجي بيگ ڪسٽم آڏيتوارين کولي تہ ان منجهان سٽن ڏاتن جي ٺهيل ڪرشن ڀڳوان ۽ رادا جي سندر مورت نڪتي جا ڀارت جي ڪنهن پراچين مندر مان چورايل هئي. مون کان انيڪ سوال جواب ڪيا ويا. پر مان ڀلا ڪهڙو جواب ڏيان نہ ڪو مون وٽ ملاٽيءَ جو پتو هو ۽ نہ هن ئي منهنجي سار لڌي. پرديس ۾ نہل ناريءَ تي سمگلنگ ۽ چوريءَ جو ڪيس هليو. مون کي ڏه سال جيل جي سزا ڏني ويئي. وشواس جي ڪشتي ٽٽي پيئي ۽ مان اوشواس جي اٿاهہ ساگر ۾ غوطا کائيندي رهيس. ڏهن سالن جي عرصي کان پوءِ آمريڪا جي سرڪار مونکي واپس ڀارت موڪلي ڏنو. ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪري ملاٽيءَ کان طلاق ورتم. منهنجو بابو اهو صدمو سهي ڪو نہ سگهيو. بس مان هن سنسار ۾ اڪيلي رهجي ويس. مان تنهنجي آفيس بہ ويئي هيس. خبر ملي تہ تون نوڪريءَ تان استيفعيٰ ڏيئي بمبئي هلي ويو آهين. تو کي مان ڪٿي ڳوليان! وشواس هوم تہ هڪ ڏينهن تون ضرور ملندين. ان وشواس جي سهاري ئي جي رهي آهيان. هتي هن ڪالونيءَ ۾ منهنجي ماسي رهندي آهي. ان سان ملڻ آئي آهيان. صبح سويل ڀڳت جي ڪيرتن جو پرلاءُ ٻڌي هلي آيس.

پر تنهنجون هيءُ ٽنگون؟

ڪيو هوندم ڪو اڳلي جنم ۾ ڪرم: جنهن جي سزا شايد هتي ڀوڳي رهي آهيان. بابا جي ديهانت کان پوءِ من بر ٽي پيو. هڪ ڏينهن چرچگيٽ وٽ رستو پار ڪري رهي هيس. شايد من ۾ ماضيءَ جو تصويرون ڦري رهيون هيون ۽ هڪ ڪار اچي ٽڪو ڏنو. ممبئي اسپتال ۾ هڪ مهينو هيس. هاڻ هنن ويساکين جي سهاري هلي رهي آهيان. رچنا، هينئر منهن تي مشڪ آڻي چيو. تون ڪيئن آهين؟ تنهنجي ڪنوار ڪٿي آهي؟ مون وراڻيو ”رچنا ليک لکڻ وارو تہ ايشور آهي. هن اَجا منهنجو ليک لکيو ئي ڪو نہ آهي.“

مان پنهنجو هٿ رچنا جي هٿ مٿان رکي ڇڏيو. هن پنهنجون جهڪيل اکيون مٿي کنيون ۽ منهنجي ڇهري ۾ چتائي ڏٺو. آهستي چيائين ”ستگر! تيرا کيتا جاتو ناهين، تيرا کيتا جاتو ناهين!“

❀ ❀ ❀

طبيب.

نظرون ملنديءَ ئي رچنا ويهي رهي. هن جون اکيون پنهنجو پاڻ کي وش
ڏيارڻ لاءِ مونکي گهوري رهيون هيون. اوچتو ئي اوچتو هن جو من چلڪي
رچنا ڦٽڪي روئي ڏنو. رچنا کي پنهنجن ٻانهن جو سهارو ڏيئي مون اُٿاريو.
منهنجي سيني ۾ منهن وجهي اوچنگارون ڏيئي روئي رهي هئي. منهنجون اکيـ
ٻہ نير جهر جهر وهي رهيو هو. ماڻهن کان نظرون بچائڻ لاءِ اسان هڪ ٻئي
سهاري گرڊو اري جي باغ جي ڪنڊ ۾ هڪ بينچ تي وڃي ويٺاسين. رچنا مس
پاڻ تي قابو پاتو. چيائين، توکي ڪيترو ڳوليو اٿم!

پر رچنا تون هت ڪيئن؟ تنهنجا هيءُ حال ڪيئن؟

ڪهڙا تو حال پاڇين! جنهنجي قسمت ۾ ڪاڻ تنهنجو ڪير سا
پر تنهنجي شادي ۽ ملاڻي صاحب؟

تو جو چيو هو تہ ليک لکڻ وارو ايشور آهي. مون سان تہ ايش
ئي ڊوھ ڪيو. مون کي ڪهڙي خبر تہ زندگيءَ جي موڙ تي بدقسم
منهنجو انتظار ڪري رهي هئي. اجا پير اڳتي ڪنيم تہ بدقسمتي منهن
هر سايہ جيان چهٽي پيئي. اسان جي شادي ٿي ويئي. بابو ڏاڍو خوش هو.
مون لاءِ اسان گوئا وياسين. سونهري ريت واري دلڪش پوميءَ تي اسان هڪ ٻئي
پيار ونديو. زندگيءَ ڀر سڪ ۽ محبت ونڊڻ جا قسم کاڌاسين. اُتي بہ تنهنج
منهنجن ڪنن ۾ هر هر تي پڙيا تہ ليک لکڻ وارو تہ ايشور آهي؟ ۽ ان صدا
سهاري پنهنجي زندگي جي پتڻ کي مانجهيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيم. و
بمبئي وياسين ۽ اَئميريڪا اُسرڻ جي تياري ڪرڻ لڳاسين. خريداري ڪ
سامان ٻڌڻ، ويزا تيار ڪرائڻ، ٽڪيٽ وٺڻ، اِهي سڀ جو ابداريون ملاڻيءَ پاڻ
هموار ڪيون هيون. هو انهن ڪمن ۾ هو بہ آزمودگار. آخر اَئميريڪا اُسرڻ
ڏينهن بہ آيو. مان نشاچنت ٿي وڃي هوائي جهاز ۾ ويٺس. مان جيتري ئي نشاچ
هئس، ملاڻي اوترو ئي چنتائن ۾ ٻڏل هو. مان تہ هن سان ڪو بہ سوال جو اب ڪ
ڪيو. سموري سفر ۾ هو چپ چپ هو. جڏهن هوائي جهاز جي. ايف. ڪنـ
هوائي اڏي تي لهڻ جي سوچنا ملي، تڏهن مونکي آهستہ چيائين تہ هوائي جهاز
هيٺ لهي تون مون کان جدا ٿي هلجانءِ. ڪسٽم طرفان هتي سلمان جي چڪ

پاپلين جو ڪُڙتو ۽ سٿڻ، پيرن ۾ مخملي چمپل، چهري تي مايوسيءَ جا ڪارا بادل.

شري رامچنداڻيءَ هن جي واقفيت سيني آشرم واسين سان ڪرائي. سندرداس کي وچ ۾ رکيل ڪُرسيءَ تي ويهاري پوري سنمان سان نيرن ڪرائي ويئي. سندرداس نيرن ڪري، بيگ کڻي اَچي پنهنجي نويڪلي ڪمري ۾ آرامي ٿيو. هن جي نيڻن ۾ ننڊ ته ڪونه هئي پر پئي سوچيائين ته اَٽڪل پنجٽيهه چاليه سال اڳ هو پنهنجي پٽ چندر جو هٿ پڪڙي هن کي اسڪول جي داخلا لاءِ وٺي ويو هو. چندر گهر ڇڏڻ وقت ۽ اسڪول ۾ داخلا وقت ڏاڍو روئي رهيو هو. اَڄ منهنجو پٽ چندر منهنجو هٿ پڪڙي مونکي آشرم ۾ داخلا وٺي ڏيڻ لاءِ هتي آيو ۽ هينئر منهنجو من پنهنجي آشياني کي ڇڏڻ وقت هن اوپري ماحول ۾ اندر ئي اَندر سڏڪا ڀري رهيو آهي.

آشرم ۾ سڀ نيم سان ٿي رهيو هو. صباح جو سوير اُٿڻو آهي. يوگ ساڌنا ڪرڻي آهي. پوءِ نيرن، ڪاجهه پڙهڻ، منڻجهند جو آرام، شام جي چانهه: فروٽ، رانديون، سنڌيا جو پرارٿنا، رات جي ماني. بس، ائين ئي هڪ ڏينهن جي سماپتي. چوڻ لاءِ ته سندرداس پنهنجويه دوستن جي وچ ۾ آهي. گهر جهڙو ڪاٿو هن کي ميسر ٿيل آهي. هن کي رهڻ لاءِ نويلڪو ڪمرو ڏنل آهي. هو آرام جي زندگي گذاري رهيو آهي. پر ڇا اِهو سچ آهي! نه بلڪل نه! سندرداس، آشرم واسين جي وچ ۾ هوندي به هنن کان ڪوهين دور هو. هن جو من ته وسيو ٿي ڪولابا واري پنهنجي گهر ۾. پئي سوچيائين، چندر آفيس ويو هوندو. منهنجو پوٽو ۽ پوٽي مونکي ياد ڪندا هوندا. منهنجي نونهن مونتي ناراض ڇو آهي؟ وغيره وغيره. سندرداس کي آشرم آئي چار ڏينهن ٿيا هئا. هو منڻجهند جي ماني ٽاڻيءَ ۾ پائي کائڻ لاءِ جڏهن پنهنجي مقرر ڪرسيءَ ڏانهن وڌيو ته ڏٺائين ته تلسيداس اڳ ئي اُن ڪرسيءَ تي ديرو دمائي ويٺو هو. سندرداس هڪل ڪيس ”تلسي، تون منهنجي ڪرسيءَ تي ڇو ويٺو آهين. اُٿ ۽ ٻيءَ ڪنهن ڪرسيءَ تي وڃي ويهه. مونکي اتي ويهڻو آهي.“ تلسيداس جو

# روشن منار

ممبئي شهر کان اَٽڪل اَسي ڪلوميٽر دور پهاڙن جي اوچاين
وسيل آهي سندر هِل اسٽيشن لوناولا! ممبئي واسين جو آرام گاهه. هت سن
۾ تي ايلبرس هوم برپا ڪيا آهن. پر 'آدرش ايلبرس هوم' جي ڳالهه
نرالي آهي. هت بزرگن لاءِ آرام، وندر ۽ کاڌي پيتي جون سڀ سهولي
ميسر ڪيل آهن. رهائش لاءِ ڏوڪڙ برابر وڏا ورتا وڃن ٿا. پر سڪ
اَنيڪ آهن. هت پنجويهه وڏڙا رهيل آهن. سڀ جو سڀ مرد. هيءُ گه
ياڳي سڀ اُهي آهن جن جا ٻار وديش ۾ رهن ٿا ۽ گهر ۾ هنن ڪرڙوڻن
ديک ڀال لاءِ ڪوبه موجود نه آهي. آشرم جو اِنچارج اَٽڪل پنجويهه س
جو نوجوان ديپڪ رامچنداڻي آهي. جو پاڻ پي ايچ. ڊي. جي سند
ٿيسز لکي رهيو آهي. هن جي وشيه آهي 'بزرگ ديش جي اَملهه سمپت
ديپڪ، هڪ هڏ ڏوکي، پراون پنهنجو. دک سک ۾ مددگار ۽ ڪل
ائڊمنسٽريٽر آهي. هن جو اُديش آهي ته هر اُداس جيون ۾ اُميد جو ديپ
جڳائي رکڻ ۽ هر بزرگ جو پنهنجن جو ستايل آهي. زندگيءَ کان نراش آه
جيون جي شام جي گهڙيءَ ۾ هاڻ اونداهي محسوس ڪري رهيو آهي. ت
کي پنهنجائپ جو اَحساس ڏيڻ ۽ کيس هر حالت ۾ خوش ڏسڻ.

اَٽڪل ڇهه مهنا اڳ جي ڳالهه آهي. صباح جا سادا نو بجا ٿيا
آشرم واسي هڪ ئي گول ٽيبل تي ويهي نيرن ڪري رهيا هئا. دور در
تان ڏينهن جون مکيه خبرون پيش ٿي رهيون هيون. اُن وقت ڪاڪ
سندرداس ممبئي ڪولابا مان پنهنجي پٽ چندر کي سان ڪري. هٿ
هڪ بيگ لوڏيندو. آشرم ۾ داخلا لاءِ اَچي پهتو. سندرداس جي عمر اَٽ
سٺ پنجهٺ سال. شڪل جو ڪڻڪ رنگو. قد جو اوچو. بدن تي ا

ڇڻ ڇنيءَ جي سادي ست ورهي اَچي ويئي. هر وقت حيران ۽ پريشان. گهر جي واڳ هن جي نونهن سنگيتا جي هٿ اَچي ويئي. هن لاءِ سج چڙهي به هن جي ٻن ٻارن لاءِ ته لهي به ٻارن لاءِ. هن لاءِ سهرو سائين سندرداس ته ڇڻ گهر تي بوجهه هو. راڌا کي گذري اَڃا ٻارهن ڏينهن مس ٿيا، جو سنگيتا جو پنهنجي سهري لاءِ فرمان جاري ٿيو. اَڄ کان هي وڏو ڪمرو منهنجي ٻارن لاءِ آهي. سهرو سائين هن ننڍي ڪمري ۾ رهندو. سندرداس جا ته تاڪ لڳي ويا. اَهڙو ڪُڇجي جهڙي پِٽ. هن لاءِ جند به ٻُڍرو ته پُٽ به ٻُڍرو. ٻارن جي سک لاءِ هو ڀلا نه ڪيئن ٿي ڪري سگهيو؟ سور پي ويو. هن چندر ڏانهن ڏٺو ضرور، پر چندر به اکيون ڦيري ڇڏيون. هاڻ جيئن ٿڌ تيئن وڌ. سنگيتا سندرداس جي اُٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ، گهمڻ گهتڻ ۽ خرچ پکي تي ويئي پابنديون لڳائيندي. نيٺ هڪ ڏينهن سندرداس، چندر کي چيو، ته پٽ! منهنجو هن گهر ۾ رهڻ محال آهي. مان ڇا ڪريان؟ چندر به شايد ان موقعي جي اِنتظار ۾ هو. چيائين، بابا چنتا ڇو ٿا ڪريو. مان توهان جي رهڻ جو بندوبست لوناولا جي آدرش ايلبرس هوم ۾ ڪري ٿو ڇڏيان. توهان اُتي آرام سان رهندا. سندرداس ڀلا ڇا چوي. مِٽي به ماٺ، مُٺي به ماٺ. آگر ڇاٽي، لوهار ڇاٽي. اِئين ئي سندرداس اَچي آشرم پهتو.

هڪ ڏينهن صبح جو آشرم ۾ سندرداس لاءِ چندر جو فون آيو. بابا! اڄ شام جو ڇوڪري وارا توهان جي پوٽي سُڌا کي ڏسڻ لاءِ اَچي رهيا آهن. اُميد ته اهو رشتو جُڙي ويندو. توهان کي خبر ڏيڻ لاءِ سياڻي فون ڪندس. بس فون ڊسڪنيڪٽ ٿي ويو. ڪاڪو ته پريشان ٿي ويو. چي، چندر ۽ سنگيتا ٻيئي اڻ گهڙيا ڪاٺ آهن. هنن کي کهڙي ڄاڻ ته رشتا ڪيئن جُڙندا آهن. ڇوڪري وارن جو کهڙو خاندان آهي. سنڌ ۾ ڪٿي رهندا هئا. هن جي اَبن ڏاڏن جو سنڌ ۾ کهڙو ڌنڌو ڌاڙي هو. هِت ڇا ڪندا آهن. ڇوڪرو ڇا پڙهيل آهي؟ ڇا ڪندو آهي؟ چال چلت ڪيئن اَٿس. اِهو سڀ جاچ جوچ ڪانسواءِ ڇوڪري ڏيکارڻ جو کهڙو مطلب. هنن کي ڪنهن وڏي سڏي سان صلاح ته ڪرڻ گهرجي. هليا آهن ڌيءَ مڱائڻ. مونکي به نظر انداز ڪري ڇڏيائون!

منهن ٽامٽي هٽي ويو. رڙ ڪري چيائين، هيءَ ڪرسي لڪائي ورتي اٿئي
ڇا؟ مٿان پاڻ کي هتي سيٺ سمجهين. مان توکي سُڃاڻان. نوهٽين گهر مان
ڏڪا ڏيئي ڪڍيو اٿيئي. وڃي هُتي ڪنڊ ۾ ويهه.'' سندرداس ته
تلسيداس جي ان وهنوار تي حيران ۽ پريشان ٿي ويو. هن جي ڪنن ۾
تلسيداس جو آواز ٿي گونجيو. نوهٽين گهر مان ڏڪا ڏيئي ڪڍيو اٿيئي.
هن پنهنجي ڪاٽي جي ٿالهي ٽيبل تي رکي. هن جي چهري جو رنگ پيلو
پئجي ويو ۽ هٿ ڇنڊيندي هو پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

رامچنداڻي صاحب جڏهن هن جي ڪمري ۾ رسوئيءَ جي ٿالهي
هٿ ۾ کڻي آيو، تڏهن سندرداس منهن تي سوڙ ويڙهي پٽ ڏي منهن ڪري
سمهيو پيو هو. رامچنداڻيءَ ڏاڍي پاهوه مان کيس سمجهائيندي چيو، سائين!
توهان ٻار ته ڪونه آهيو. ننڍين ننڍين ڳالهين تي توهان کي ناراض ٿيڻ
ڪونه جڳائي. تلسيداس کي توهان معاف ڪري ڇڏيو. توهان جي من کي
سڪون ملندو. مانيءَ سان ڪهڙو وير. ماني ته توهان کي کائڻي پوندي.
سندرداس ماني کائيندي رامچنداڻيءَ کي چيو ته مان ٻه ڏينهن گهر وڃڻ ٿو
چاهيان. مونکي پوٽي ۽ پوٽيءَ جي سڪ لڳي آهي. منهنجي پٽ چندر کي
فون ڪجو. هو ڪار موڪلي ڏيندو. رامچنداڻيءَ فون ڪيو يا نه، پر
ڪاڪي سندرداس جي گهر مان ڪار ڪونه آئي. ويچارو ڪاڪو ته
رات تائين ڪار لاءِ واجهائيندو رهيو. تلسيداس جيڪو مهٽو سندرداس کي
ڏنو هو، سو غلط ڪونه هو. سندرداس جي ممبئيءَ ۾ ڪپڙن ٺاهڻ جي
فيڪٽري هئي. جنهن لاءِ هن پنهنجو رت ست ڏنو هو. چندر جيئن ئي
ڪاليج جي تعليم پوري ڪئي؛ اَچي پيءُ سان ڌنڌي ۾ شامل ٿيو. آهستہ
آهستہ سندرداس پاڻ کي ڌنڌي کان پاسيرو ڪندو ويو. هن جو وشواس هو
ته نئين پيڙهي وڌيڪ هوشيار ۽ سمرٿ آهي. وگيان جو يگ آهي. چندر ان
جي فيڪٽري کي نئين اوُج تي پهچائيندو. جيستائين هن جي زال راڌا
جيئري هئي، سندرداس آرام جي زندگي گهاري رهيو هو. گهر تي راڌا جو
راڄ هو. پٽ هجي يا نونهن، سڀ راڌا جي حڪم اَڏين. گهر جو چاٻيون
راڌا جي مُٺيءَ ۾ هيون. ڇهه مهنا اڳ راڌا جو ديهانت ٿيو، سندرداس تي

هر شبد ڪيس تير جيان چُڀي رهيو هو. هو منهن ڦيري ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو. باغ جي ڪُنڊ ۾ پيل بينچ تي ويهي سڏڪا ڀري روئڻ لڳو.

رامچنداڻيءَ اَڇي هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو. چيائين، توهان جهڙي رڄ مڙس کي ڪو هيئن روئڻ سونهي ٿو. زندگي ته هڪ وهندڙ نديءَ سمان آهي. زندگيءَ ۾ ڪڏهن اُس ته ڪڏهن ڇانوَ. متان مايوس ٿيو. هيءُ دؤر به گذري ويندو. هن آشرم ۾ هرهڪ پنهنجن جو ئي ستايل آهي. هرهڪ جي من ۾ تناءُ آهي. توهان نه گهر کي وساري سگهيا آهيو ۽ نه وري هت پاڻ کي ٺائيڪو ڪري سگهيا آهيو. ننهن کان ماس وڇڙجڻ جو نه آهي. پنهنجن کي پاراتو به ته نه ٿو ڏيئي سگهجي. ماضيءَ جي مهراڻ ۾ غوطا کائڻ بند ڪريو ۽ ورتمان جي حالتن کي سمجهو.

سندرداس جو روئڻ بند ئي نه ٿئي. رامچنداڻيءَ جي ڀاڪر ۾ سمائجي ويو. رامچنداڻيءَ وري ڪيس سنيهه سان سمجهايو. توهان جي صحت سالم آهي. توهان ڪنهن جا محتاج نه آهيو. توهان وٽ آزمودن جو خزانو آهي. 'رٽايرمينٽ' معنيٰ نڪمو ٿيڻ ته نه آهي. ڪالهه تائين توهان پاڻ لاءِ ڪم ڪار ڪري رهيا هئا. هاڻ سماج لاءِ ڪم ڪريو. ٻين لاءِ جيئو. توهانکي خوشي ملندي. توهان جو آزمودو اَنيڪ نوجوانن جي راه روشن ڪندو. توهان ننڊ مان جاڳو. پاڻ کي هيڻو محسوس نه ڪريو.

بس، ٻئي ڏينهن کان سندرداس لوناولا ۾ آديواسي ٻارن لاءِ هلندڙ اسڪول ۾ اڌ ڏينهن ويندو آهي. ٻارن کي پڙهائيءَ ۾ مدد ڪندو آهي. رانديون ڪندو آهي. ٻارن سان ٻار بڻجي ٽهڪ ڏيندو آهي. هنن سان گڏجي ڏياري، هولي ۽ گٽيپتيءَ جا ڏڻ ملهائيندو آهي. هنن جي دک سک ۾ ڀاڱي ڀائيو ار ٿيندو آهي. هت به آشرم و اسي ساٿين کي چوندو آهي: متان سمجهو يارو ته اَسان ٻڍا آهيون. اَسان ته اَڄ جي يُگ جا روشن منار آهيون.

ڪاڪو ٻن ڏينهن جي موڪل وٺي، بس ۾ چڙهي منجهند ٽاٽي
اَچي پنهنجي گهر پهتو. در تي ئي نونهن ڪيس چيو، توهان ڇو آيا آهيو؟
مڱڻي ٿيڻ جي خوشخبري توهان کي اُتي پهچايون ها. ڪاڪي جڏهن
پنهنجا خيال هن اڳيان رکيا، تڏهن سنگيتا ڏمرجي ويئي. چيو، اُهو زمانو
ويو! ڪير ٿو پُڇي سنڌ جون ڳالهيون؟ ڪير ٿو پڇي خاندان؟ اَڄ سڀ
آهي ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي رضامنديءَ تي. پئسو ڏٺو پار لنگهيو. متان
اِهي آسر پو ٽياٽيون ڳالهيون اَڄ شام جو ڇوڪري وارن سان ڪيون اٿو.
توهان هنن جي منهن به نه چڙهجو. پنهنجي ڪمري ۾ بند رهجو يا باغ ۾
هلي وڃجو. توهان جي هن ڪٽ پٽ ۾ متان ڳالهه ئي نه بگڙجي وڃي.

ڪاڪو سندرداس منهن لٽڪائي اُن ڏينهن شام جو ئي آشرم
پهتو. پر هو ڏينهن هو سک سان سمهي نه سگهيو. بس اِهو پئي سوچيائين ته
نه هِت آرام آهي نه هُت منهنجي ضرورت آهي. مان ته پنهنجي گهر جي
پلائي پيو سوچيان، پر گهر وارا آهن جو منهنجو بيٺو پير به نه ٿا سهن. هاڻ
وڃان ته ڪيڏانهن وڃان.

هڪ ڏينهن صبح جو آشرم جي مئنيجر ديپڪ رامچندانيءَ کي
سندرداس جي نونهن سنگيتا وٽان فون آيو. مسٽر ديپڪ! ايندڙ پهرين
تاريخ کان توهان مهرباني ڪري منهنجي سهري سندرداس کي نويڪلي
ڪمري مان ڪيي، ڊارميٽريءَ ۾ جتي چار ٻُڍا هڪ ڪمري ۾ رهندا آهن،
اُتي شفٽ ڪريو. اَسان هن جو خرچ ساهي نه ٿا سگهون. هن کي ته پنهنجو
خيال ڪونهي. پيو عيش ڪري. پر اَسان کي ته ڏيءَ پرٽائٽي آهي. باچت
ڪرڻي آهي. حڪم جي تعميل ٿي. مهيني جي پهرين تاريخ تي
سندرداس جو سامان نويڪلي روم مان ڪيي ڊارميٽري ۾ رکيو ويو. جتي
هن جي ساٿي تلسيداس، سندس آجيان اَنوکي ڍنگ سان ڪئي. چيو، قبلا
جيءُ آيا، نڄ آيا. عرش تان ڪِري فرش تي آيا. هو پلي ڏڪارين توهان کي
پر اَسان ته قرب ڏينداسين. گڏجي ويهي هن جيون جي شام کي رنگين
بڻائينداسين. سندرداس ان آجيان جو مطلب سماجهي نه سگهيو. تلسيداس جو

ھن سھيلين جي ھن ريت ملڻ تي چڻ ڪال چڪر چاليھ سال پٺتي موٽي ويو. مان ماضيءَ جي يادگيرين ۾ ڪجھہ وقت لاءِ گم ٿي ويس. 1955 جو زمانو ھو. اسين اُلھاسنگر ۾ رھندا ھئاسين. شانتيءَ جي وڏوا اَما اَسان جي پاڙي ۾ رھندي ھئي. مان اسڪول ۾ پڙھندي ھيس. شانتي ڪڏھن اسڪول ۾ ڪونہ ويئي پر ماڻس ھندي ۽ گرمکيءَ جو ڪيس ڀرپور گيان ڏنو ھوس. مان ھندي پڙھڻ لاءِ روز شام جو شانتيءَ وٽ ويندي ھيس. بس ائين ئي اسان ٻنھي وچ ۾ ساھيڙپ جو رشتو قائم ٿي ويو. شانتي مون کان ٻہ سال وڏي آھي پر ساھيڙپ ۾ عمر جو ڪھڙو سوال؟ ٻن ٽن سالن ۾ ئي ھوءَ اسان جو گھرُ ۽ اُلھاسنگر ڇڏي، اچي ممبئيءَ رھي. بس ائين ئي مان پنھنجي سکيءَ کان وڇڙي ويس.

اڄ وري منھنجي سکي منھنجي آغوش ۾ آھي. شانتيءَ کي ٻہ ڏُکَ پاٽي پياريم، تڏھن مس مس وڃي ھن جو سڏڪو بند ٿيو. ھن کي زوريءَ مانيءَ لاءِ ھيٺ ھال ۾ وٺي آيس. مان مئنيجر کان شانتيءَ لاءِ ھڪ رات جي موڪل وٺي ڪيس پنھنجي گھر وٺي آيس. رات جو ماني کائي اَچي شانتيءَ جي پاسي ۾ ويٺيس. ھن کي چيم ”ھا سکي! ھاڻ تون پنھنجو داستان ٻڌاءِ. چاليھ سال تون وقت جي طوفان ۾ ڪٿي گم ٿي ويئي ھئينءَ. تون ھيڏا آشرم ۾ ڪيئن پھتي آھين.“ پھريائين تہ ھوءَ چُپ رھي، پر جڏھن صبر جو بند ٽٽو تہ درد ٻوڏان ٻوڏ ڪري ڇڏي. منھنجو تن بدن پنھنجي سکيءَ جي پيڙا ۾ لُڇي رھيو ھو. جگر مان درد جي دانھن ٿي نڪتي. ڇا زندگي اھڙي بہ بي رحم ٿي سگھي ٿي! وقت جو طوفان اھڙو بہ ظالم ٿي سگھي ٿو! ھن جا اکر منھنجي دماغ کي پيڙا وچان ساٽو ڪري رھيا ھئا.

”ڀيڻ! غريبي ھر انسان لاءِ ذلت آھي. منھنجي وڏوا ماءُ منھنجي شاديءَ لاءِ ڏاڍيو پريشان ھئي. اُٿندي ويھندي ھن جي قادر کي اھا ئي التجا ھئي تہ پرور دگار منھنجي نياڻيءَ کي شينھن ڪلھي چاڙھ. مان مري ويندس تہ منھنجي ٻالڪي رلي ويندي. نيٺ قادر ھن جي ٻڌي. ھڪ ڏينھن ھڪ مٽين واري اَما وٽس اَچي ويٺي. چي، تنھنجي ڌيءُ

# زهر جو ڍُڪ

تنهن ڏينهن اُلهاسنگر ۾ هلندڙ هڪ ٻڍا آشرم ۾ سنگيت چؤنڪ
لاءِ ويس. آشرم ۾ رهندڙ سڀ ٻڍا ۽ ٻڍيون پنهنجن جائي ستايل آهن.
ته ڪير ٿو پنهنجي گهر جو سک ۽ آرام ڇڏي، اَچي هت آشرم ۾ رهي
هنن کي پنهنجائپ جو احساس ڏيارڻ مان پنهنجو فرض پائيندي آهيان
تنهن ڪري وقت به وقت هنن کي رام نام جپائڻ لاءِ هنن وٽ هلي ايند
آهيان. ستسنگ هال ۾ سيني کي پنهنجن ڪمرن مان سڏايو ويو. پرو
رام شروع ٿيڻ کان اڳ هڪ سيوا اداريءَ چيو ”سڀ ته اچي ويا آهن. پ
شانتي ڪونه آئي آهي. اچي ويندي، توهان ستسنگ شروع ڪريو.“

هڪ ڪلاڪ ۾ ستسنگ ته پورو ٿي ويو، پر شانتي ستسنگ
شامل ڪونه ٿي. مئنيجر مونکي چيو ”اَدي، مانيءَ جي ويل ٿي آهي
توهان سيني آشرم واسين سان گڏ ويهي ماني کائو“ مان نه ڪونه ڪر
سگهيس. سيني جي اڳيان ٿالهي رکي ويئي. شانتيءَ کي سڏ ڪرڻ لا
هڪ سيوا اداريءَ کي موڪليو ويو. سيوا اداريءَ اطلاع ڏنو ته شانتيءَ ک
مٿي ۾ سور آهي. هوءَ ماني ڪونه کائيندي. مان شانتيءَ جو حال احوا
وٺڻ لاءِ اُٿي کڙي ٿيس. سيوا اداريءَ کي ساڻ ڪري اچي شانتيءَ ج
ڪمري ۾ پهتس. هوءَ ڪمبل ويڙهي پٽ ڏانهن منهن ڪري سمهي رهي
هئي. مان هن جي کٽ تي ويٺيس. هن جي مٿي تي پيار سان هٿ ڦيريم
شانتيءَ ڪنڌ ڦيريو. هن جون اکيون مون سان مليون. ٻئي دنگ رهجي
ويونسين. شانتي منهنجي آغوش ۾ سمائجي ويئي. ٻنهي جي اکين ما
نير ڇلڪي پيو. شانتي منهنجي اسڪول جي ڏينهن جي سهيلي آهي

ڪريان. ايشور منهنجي پٽي، منهنجي گود سائي ٿي. شاديءَ جي هڪ سال اندر ئي مونکي پٽ ڄائو. ڇٽيءَ ڏينهن ڪيس نالو ڏنو ويو 'چندر'. مون سمجهيو تہ منهنجا لايا سجايا ٿيا. منهنجي گود ڀري آهي. مان سيٺ رامچند کي وارث ڏنو آهي. هن جي گهر جو چراغ روشن ڪيو اَٿم. هاڻ منهنجو ڏٽي ۽ وينا خوش ٿي مونکي گهر جو ڀاتي ڪري ڀانئيندا. مان بہ سرتين ساڻ سونهنديس. پر ائين ٿيو ڪونہ. چندر تہ سچو ڏينهن وينا وٽ هوندو هو. فقط ٿاڃ ڏارائڻ لاءِ آيا مون وٽ ڪٽي ايندي هيس. سيٺ صاحب بہ آمريڪا ۾ پيڍي کولي هئي ان سببان هو بہ آمريڪا ۾ رهيل هو. نو مهنا گذري ويا. چندر هاڻ پير پير ڪٽندو هو. توتلو ڳالهائيندو هو. مان چاهيندي هيس تہ چندر کي هميشہ پنهنجي سيني سان لڳائي رکان. هڪ ڪن لاءِ بہ هن کي پنهنجو پاڻ کان جدا نہ ڪريان. پر اهو ممڪن ڪونہ هو. چندر تہ سچو ڏينهن وينا وٽ هوندو هو. نوڪر کي چندر کي آڻڻ لاءِ چوندي هيس تہ جواب ملندو هو ''چندر سمهيو پيو آهي. چندر ميم صاحب سان ٻاهر گهمڻ ويو آهي وغيره وغيره'' چندر رات جو بہ وينا جي ڪمري ۾ سمهندو هو.

مونکي اُهو ڏينهن بہ ياد آهي. مان چندر کان سواءِ ويڳاڻي ٿي پيئي هيس. همٿ ڪري وينا جي ڪمري ۾ لنگهي ويس. وينا ڪئنواس تي پينٽنگ ڪري رهي هئي. ڪنهن جهنگل جو درشيہ هو. هڪ خونخوار شينهن نيل ٻڪريءَ مٿان جهپ هٽي رهيو هو. شينهن جا خوفناڪ چنبا ڪليل هئا ۽ نماڻي ٻڪري ڪنڌ جهڪائي بيٺي هئي. سموري درشيہ ۾ ڏمڪائيندر دهشت هئي. مون کي در تي بيٺو ڏسي وينا برش هيٺ رکيو. ڪپڙي سان هٿ اُگهندي مونکي ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اِشارو ڪيو. مان ڪرسيءَ تي ويهندي آهستي چيو ''وينا، مان چندر لاءِ هت آئي آهيان. چندر ڪٿي آهي.'' وينا بيٺي ئي حاڪماڻي نوع ۾ چيو ''چندر سان تنهنجو ڪهڙو واسطو؟ چندر تہ هن گهر جو وارث آهي. توکي خبر ڪونہ آهي ڇا تہ هيءُ گهر، ڌنڌو ۽ سموري ملڪيت منهنجي آهي. هيءُ سڀ ڪاڄهہ مونکي پيڪن طرفان ڏنو ويو آهي.

جو ياڳ کليو اَٽيئي. سيٺ رامچند کي ممبئيءَ ۾ اِمپورٽ ايڪسپورٽ
جي پيڍي آهي. عاليشان مڪان اَٿس. پنهنجي موٽر ڪار اٿس. پنه
سال اڳ شادي ڪئي اَٽائين پر سنتان ڪونہ ٿيو اَٿس. سنتان جي ڏاڍ
سڪ اَٿس. ڊاڪٽر هن کي چيو آهي تہ سندس زال مان ٻار ڪونہ ٿيندس
هاڻ ٻار لاءِ ٻي شادي ڪرڻ ٿو چاهي. پهرينءَ زال کي طلاق نہ ڏيندو. ٻي
شادي مندر ۾ ڪندو. شادي تہ مڙيو ئي شادي آهي! تنهنجي ڌيءُ وڃي
سکي ٿيندي. بس تون ها ڪر! نہ اَٽيئي شاديءَ جو خرچ ۽ نہ اَٽيئي
ڏيتي ليتيءَ جو جهنجهٽ. اهڙو موقعو هٿن مان نہ وڃاءِ. تون ها ڪر
تہ مان ايندڙ آرتوار ئي سيٺ کي مندر ۾ شاديءَ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ
چوان. اما ڇا سوچي! مان ڇا سوچيان! اَسان وٽ نہ هو پيسو ۽ نہ هو
ڪنهنجو آسرو. مان بہ نہ ڪونہ ڪري سگهيس. مون وٽ نہ هئي ڪ
خاص شڪل صورت ۽ نہ هئي ڪا اوچ تعليم. اَما پر تي ٻوتو. سوچيم
زندگيءَ کي جيئڻ جو سهارو ملي ويندو. بس ائين ئي منهنجي شادي ٿي
ويئي. در تي هئا نہ ڇاجي، نہ ماجي. نہ هئا ڏُهل دماما نہ هئا ساٿ سڳڻ
بس سهاڳ جي نشاني هئي ڳلي ۾ فقط منگل سوتر. سيٺ رامچند جي ٻي
زال ۽ هن جي پهرين پتني وينا جي ڀاڄ تي هنن جي عاليشان گهر ۾
داخل ٿيس. گهر ۾ راڄ وينا جو هو. هن جي حڪم جا سڀ تعبيدار هئا.
وشال گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ منهنجي رهڻ لاءِ هڪ ڪمرو مقرر ڪيو
ويو. گهر ۾ نوڪر چاڪر هئا، مونکي ٿالهي هٿ ۾ ملندي هئي. هفتي
۾ هڪ رات سيٺ رامچند مون سان گهاريندو هو. گهر جي ٻئي حصي ۾
وڃڻ جي مونکي منع ٿيل هئي. هر مهيني اَما وٽ ويندي هيس. پر ٽن
مهينن ۾ اما بہ راه رباني وٺي ويئي. سوچيم، جي رب کي اهو ئي منظور
آهي تہ اهو ئي سهين. مان هاڻ سيٺ جي پتني آهيان، عاليشان مڪان
آهي. پوءِ ڀل منهنجي لاءِ هڪ ڪمرو ئي سهين. سڀ سک آهن. پتيءَ
جو پيار آهي. ٻيو زندگيءَ ۾ ڇا گهرجي! ها! من جي هڪ ڪنڊ ۾ اِها وس
وس ضرور هئي تہ مُٺي! جي توکي بہ ٻار نہ ٿيو تہ پوءِ تون ڪيڏانهن
وينديءَ. اندر مان آواز آيو. تہ اسين سڀ تہ قادر جي هٿ ۾ ڪٺپتليون
آهيون. جيڪي اُن کي وڻندو سو ضرور ٿيندو. مان ڇو ويٺي چنتا

پيبدر روڊ تي ٽن ڪمرن جو گهر خريد ڪيو اٿم. تون سياڻي ئي اُتي شفٽ ڪجانءِ. مان تو وٽ ايندو رهندس. منيب هر مهيني توکي پنج هزار رپيا ڏيئي ويندو. تون آرام سان رهجانءِ“. اُهو چئي هو اُٿي هليو ويو. مونکي محسوس ٿيو ته طوفان زور پڪڙي رهيو آهي. خبر نه آهي هن نرآڌار زندگيءَ کي ڪٿي ڪٿي ڦٽو ڪندو. ٻئي ڏينهن اَچي پيبدر روڊ واري فليٽ ۾ پهتس. در تي لڳل تختيءَ تي لکيل هو ”سيٺ رامچند“ من ۾ هڪ ويچار اُڀري آيو. ”سچ ته تون اَڄ پنهنجي پتيءَ جي گهر ۾ داخل ٿي رهين آهين. خاوند ڏيساور تي ويل آهي. هڪ ڏينهن ضرور پنهنجي ماڳ واپس ورندو. منهنجو اوسيئڙو ثاب پوندو.“ حالتن سان سمجهوتو ڪري چائنٽ اندر پير رکيم. گهر جي پتين کي هٿ جوڙي عرض ڪيم، ته مون سان پنهنجو ساٿ نڀائجو. جيستائين منهنجو ڏٽي ۽ منهنجو لال واپس اَچن. منيب هر مهني پنج هزار رپيا ڏيئي ويندو هو ۽ رسيد وٺي ويندو هو. ٽيه سال گذري ويا. ڪنهن به گهر ۾ لنگهي ليئو ڪونه پاتو. سوين دفعا منيب کان ڏٽيءَ جو پتو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم پر وريو ڪجهه به ڪونه. ٽي مهنا اڳ سومر جو ڏينهن هو. در تي گهنٽي وڳي. در کوليم ته در تي هڪ نوجوان بيٺو هو. سڊول بدن، شڪل جو سهڻو، گول منهن، ڪڪا وار، سينڌ وچ مان نڪتل، بدن تي هلڪي بلو رنگ جي قميض ۽ بلو رنگ جي جينس. پنهنجو ئي جوانيءَ جو عڪس مرداڻي لباس ۾ پنهنجن اکين سان پسي رهي هيس. منهنجي در تي منهنجو چندر هو. اندر مان پيار جو هڪ جذبو اُٿيو. دل چاهيو ته هن کي پنهنجي آغوش ۾ سمائي ڇڏيان؛ پر الائي ڇو مان ائين ڪري ڪونه سگهيس. منهنجي نظر ته هن جي چهري تي اٽڪيل هئي. چندر جي پٺيان بيٺل منيب چيو ”هيءُ اسان جو سيٺ چندر آهي. ڪالهه آمريڪا مان آيو آهي. اوهان سان ڳالهائڻ ٿو چاهي. مان در تان هٽيس. هو اندر آيو، ڪرسيءَ تي ويٺو. مان هن جي سامهون بيٺي رهيس. هن پنهنجي کيسي مان هڪ لفافو ڪڍيو ۽ مونکي ڏيندي چيائين ”مميءَ هيءُ ڏهن لکن رپين جو چيڪ تو لاءِ ڏنو آهي. مان توکان هڪ سوال پڇڻ ٿو چاهيان. منهنجي ممي تو تي ايتري مهربان

تون بہ منهنجي ئي گهر ۾ رهي پيئي آهين.''

مون چيو ''چندر تہ منهنجو پٽ آهي، مان هن کي ڇٽيو آه
وينا جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. تيز آواز ۾ چيائين ''بيوقوف! مندر
شادي بہ ڪا شادي آهي. ڪهڙو آهي توکي شاديءَ لاءِ سرڪاري ثبو
اها تہ منهنجي چال هئي. تنهنجو گرڀ مان پاڙي تي ورتو هو. تون
ٻار ڄڻڻ لاءِ فقط هڪ مشين هئين. تنهنجو ڪم پورو ٿيو. چندر منهن
آهي، ٿتان هن کي پنهنجو پائنين! ڪير ڪندو تو تي وشواس
سرڪاري دفتر ۾ بہ چندر جي ماءُ جي جڳهہ تي منهنجو نالو لک
آهي. توکي نہ شاديءَ جو ثبوت آهي ۽ نہ ٻار ڄڻڻ جو. چپ ڪري وڃ
پنهنجي ڪمري ۾ ويهہ.'' مان روئندي اچي پنهنجي ڪمري ۾ پهتس
منهنجي من ۾ هاهاڪار هو. پونجي پتي وارن جي شطرنج جي چ
هاڻ مونکي سمجهہ ۾ آئي. سڀ جو سڀ دوکو! ڪنهن کي دانهن ڏيا
ڪنهن کي فرياد ڪريان؟ من مان آواز آيو، ’ڳهيلي! اهو تہ ٿيڻو ئ
هو. هاڻ واڪن ڪرڻ مان ڇا ورندو؟ چندر جو آئينده ڇو ٿي خرا
ڪرين! ڇا تون هن کي سڀ ڪاجهہ ڏيئي سگهندينءَ! هن گهر کان ٻا
تنهنجي ڪهڙي شخصيت آهي. تنهنجي ٻار جي ڪهڙي شخصي
آهي! سڀ وقت تي ڇڏي ڏي. طوفان آيو آهي تہ ٿمجي بہ ويند
ڪرشن، ديوڪيءَ جي گود ۾ نہ پليو تہ ڇا! هن جي پرورش لاءِ يشو
تہ آهي. وقت ايندو، ڪرشن ديوڪيءَ کي ضرور ڀُولي رهندو.

چندر جي پهرين جنم ڏينهن تي منهنجو ڏٽي آمريڪا مان آي
ممبئيءَ جي فاءِ اِسٽار هوٽل ۾ چندر جي جنم ڏينهن جي پارٽي ڏنائي
پر مان پنهنجي ڪمري جي چئن ديوارين اندر ئي بند هيس. ان را
منهنجو ڏٽي منهنجي ڪمري ۾ آيو. منهنجي سامهون ڪرسيءَ ت
ويٺو. چيائين ''شانتي! تو مونکي هن خاندان جو وارث ڏنو آهي.
وارث لاءِ ئي مان ماندو هوس. تو منهنجو پاند خوشين سان ڀري ڇڏ
آهي. تو پنهنجو فرض نڀايو آهي، مان ممبئيءَ مان پنهنجو ڪارو
سميٽي آمريڪا وڃي رهيو آهيان. هيءُ گهر بہ وڪيو اٿم. تنهنجي

# چاڱو

هيءَ پنهنجاه جي ڏهاڪي جي ڳالهه آهي. اسين چيمبور ڪئمپ ۾ رهندا هئاسين. پاسي پاسي ۾ هيون چار بئرڪون. اهو ئي هو اَسان جو اوڙو پاڙو. پاڙيسرين جي پاڻ ۾ سڪ محبت هئي. سڀ هڪ ٻئي ڪي سڏ ۾ سڏ ڏيندا هئا. شادي مراديءَ ۾ ڄڻ هڪ ڪٽنب جي ڀاتين جيان اَچي سڀ ويهندا هئا. اُن زماني ۾ ڪنهن به گهر ۾ فل ٽائيم نوڪر ڪونه هوندا هئا. اَسان جي پاڙي ۾ ڇُٽي ڪم ڪار لاءِ هو چاڱو. ڪنهن جي ڪٽڪ پيسائي ايندو. ڪنهن جو راشن وٺي ايندو. ڪنهن جون بازار مان ڀاڄيون وٺي ايندو. هر ڪم لاءِ وٺي به آنا. پيسو ڏنو پار نڪتو. سيني جو چاڱي ڪي سڏ پيو پوندو هو. چاڱو به پيسي لاءِ ڪڏهن به ڪٽ پٽ ڪونه ڪندو هو. ها اَمي! ها دادي! ها سائين منهنجا! بس اِنهن لفظن کان سواءِ ٻي ڪا ٻولي نه ٻوليندو. سڀ ڪي پيو ڪيڪاريندو. چاڱو اَسان جي پاڙي ۾ ڪڏهن آيو، ڪٿان آيو؛ ڪنهن کي کهڙي خبر. ڪنهن کي وقت رکيو آهي جو چاڱي بابت سوچي. سنڌي ڀاءُ آهي. ڪم ڪري ٿو ۽ اَسان جو ڪم نڪري ٿو.

جي ڪو چويس ته چاڱا هي ڇُٽو ڪم ڇو ٿو ڪرين. اَسان جي گهر فل ٽائيم نوڪر ٿي رهه؛ ته هو نماڻو ٿي چوندو: دادي! نوڪري ته مان ڪنهن جي ڪونه ڪندس. مان نوڪر آهيان هڪ مالڪ جو. اوهان جي سيوا ڪريان ٿو، پيٽ ٽڪر نڪري ٿو. مونکي پيو چاڱهر جي. چاڱو ڪو ڊيو ڊورو نه هو. هوندو چاليهن پنجتاليهن سالن جو. قد جو ڊگهو جهڙو ڪاڄيءَ جو وڻ، سانورو، ٻُل اَندر پيٺل، وڏيون اکيون، بدن تي هميشه ساڳيو پر صاف ڌوتل وڳو. ڪاري نڪر، ڀوري رنگ جي قميض، مٿي تي سائي رنگ جو ڪپڙو پٽڪي جيان ويڙهيل. هلندو ته تمام ٽڪڙو ڄڻ ڪيس ٽرين پڪڙڻي آهي. ويهندو ته زمين تي اوڪڙون ويهندو. ساڄي هٿ جي وچئين ۽ ڏسٽيءَ واڱرين آڱرين جي وچ ۾ ٻيڙي دکائي پيو سوٽا هڻندو هو. ڪن چيو پئي ته هو گانجو به ڇڪيندو

چو آهي؟ ڪهڙو رشتو آهي تنهنجو هن سان؟ مفت ۾ هيترا سال ه
هر ۾ توکي ڇو رکيو ويو آهي. هر مهني پنج هزار ڇٺرٽي ڏني وي
آهي. اهو سڀ ڇو!" منهنجي منهن مان ڪجهه اُکلي تنهنکان اڳ
هن چيو ”توکي هاڻ هيءُ مڪان خالي ڪرڻو پوندو. مان هن قسم
ڇٺرٽيءَ جي خلاف آهيان." مان ڏيرج سان کيس چيو ”پُٽ! هيءُ ڇي
تہ مان ڪونہ وٺنديس. تنهنجي ماءُ جو مونسان ڪهڙو رشتو آهي
بابت تو ڪڏهن هن کان پڇيو آهي؟ جواب ڏنائين ”مميءَ کان گهڻا
دفعا پڇيو اَٿم. پر هن وٽان ڪوبہ پورو جواب ڪونہ مليو اَٿم.
سببان ئي توکان پڇي رهيو آهيان." مون چيو ”ٺيڪ آهي تنهنجو ڪ
خالي ڪري ڇڏينديس ۽ اڄ کان پوءِ توهان کان پيسا بہ ڪونہ وٺنديس
پر آمريڪا وڃي پنهنجي پيءُ کان ضرور پڇج تہ ان جو
منهنجو.منهنجو ۽ تنهنجو ڪهڙو رشتو آهي!" چندر وراڻيو ”آنٽ
توکي خبر نہ آهي! پپا تہ هن جهان ۾ نہ آهي. ٻارهن مهنا اڳ هڪ ڪ
درگهٽنا ۾ ان جو موت ٿي ويو هو."

”ڪار درگهٽنا ۾ موت" اهو ٻڌي مان تہ بيهوش ٿي ڪري پيس
جڏهن اک کوليم تڏهن چندر هلي ويو هو. منهنجي ديک ڀال لاءِ منب
کي ڇڏي ويو هو. منيب مونکي پاڻي پياري هوش ۾ آندو. ترس کائين
هن چيو ”دادي، توهان ڪوبہ خيال نہ ڪيو. مان اوهان کي اُلهاسنگر
هڪ ٻڍا آشرم ۾ داخل ٿو ڪرايان. اُتي اوهانجو پورو خيال رکيو وين
اوهان کي ڪابہ تڪليف ڪونہ ٿيندي." بس ائين ئي ٻڍا آشرم ۾ پهچ
ويس. سکي، ڪنهنکي ڏوراپو ڏيان! ڪڏهن ڪڏهن زندگي زهر
ڍڪ ٻڻجي ٿي پوي. مان تہ ست ست ڪري اهو زهر جو ڍڪ پيتو اَ
زندگيءَ جي هن طوفان سڀ ڪجهہ اُجڙ ڪري ڇڏيو آهي. ڪٿان
ڪٿي آڻي اڇلايو اَٿس. هڪ پل لاءِ بہ آرام نصيب ڪونہ ٿيو آهي.
ڪر سکي شل موت جي گود ۾ ڪو آرام ملي."

منهنجي سکي تہ ساڻي ٿي سمهي پيئي، پر مان ڪيتري
راتيون سک سان سمهي ڪونہ سگهيس.

ڏنا. هن وراڻيو، سائين، مان پوليس کي ڏسي هوش حواس وڃائي ويهندو آهيان. بس تنهن رات کان ئي چاڳيءَ جي سمهڻ جو بندوبست ڳروڊو اريءَ ۾ ڪيو ويو.

پيو به هڪ واقعو ياد اٿم. هڪ ڏينهن ڳوميءَ چاڳيءَ کي سوءُ روپين جو نوٽ مٽائڻ لاءِ ڏنو. چاڳو هو ويسورو. هن سؤ روپئي جو نوٽ کيسي ۾ رکي ڇڏيو. شام جو جڏهن چاڳو وڃي رهيو هو تڏهن ڳوميءَ سڏ ڪيس. مئا چاڳا، صباح جو سؤ جو نوٽ مٽائڻ لاءِ ڏنو هيومانءِ. رپيا ڪيڏانهن ڪيئه. هاڻ چوريءَ تي سندرو ٻڌو اٿيئي ڇا؟ رپيا واپس ڏي. چاڳيءَ چپ چاپ کيسي مان نوٽ ڪڍي ڳوميءَ کي ڏنو. هن جا هٿ پير ڏڪي رهيا هئا. پئي ٻٽڪيائين: دادي مان چور نه آهيان. مان چور نه آهيان. بس زمين تي ليٽي پيو. ڪجهه وقت لاءِ بيهوش پيو رهيو. ويچاري ڳومي ته پريشان ٿي ويئي. پاڙي جون ڪي زالون به اَچي پهتيون. ڪن ڳوميءَ کي ڏوه ڏنو. ڪن چاڳيءَ کي بيمار قرار ڏنو. پر ڪنهن به چاڳيءَ کي چور ڪونه مڃيو.

اَسان جي سيتا ماءُ جي گهر ڏوراهين مائٽياڻي پوپٽي، پوني جي پمپري ڪالوني مان ڪجهه ڏينهن لاءِ گهمڻ آئي هئي. منجهند جي ويل هئي. سڀ پنهنجي گهر ۾ آرامي هئا. سيني جي گهرن جا دروازا بند هئا. چاڳو پنهنجا ڪم ڪار پورا ڪري ٻڙ جي وڻ هيٺيان منجهند جي ماني کائڻ لاءِ اَچي ويٺو هو. پوپٽيءَ کي بند ڪمري ۾ ٻوسٽ محسوس ٿي رهي هئي. در کولي ٻاهر نڪري آئي. سوچيائين ٻڙ جي وڻ هيٺيان ڇانوَ به آهي ته هوا به آهي. ڇو نه وڻ هيٺيان ٿوري دير آرام ڪريان! هن جي نظر وڃي وڻ هيٺيان ويٺل چاڳيءَ تي پيئي. پوپٽي دنگ رهجي ويئي. هيءُ اَسان جو پاڙيسري موٽومل هت ڪيئن ويٺو آهي! آهي ته موٽو. منهنجي نظر دوکو ته نه ٿي کائي! پير پير ۾ پائي اَچي چاڳيءَ جي پٺيان بيٺي. ڪجهه ڪڻ هن کي ٽڪٽڪي لڳائي ڏسندي رهي. چاڳو ته پنهنجي کاڌي ۾ مشغول هو. پوپٽيءَ کان رهيو نه ويو. چيائين، ادا! موٽو آهين؟ هت ڪيئن ويٺو آهين؟ چاڳيءَ کان ڇرڪ نڪري ويو. هن جي هٿ وارو گره هيٺ ڪري پيو. هن ڪنڌ مٿي ڪري پوپٽيءَ کي ڏٺو. ٻنهي جون اکيون مليون. ٻنهي هڪ ٻئي کي سڃاتو. چاڳو ٽپ ڏيئي اُٿي ڪڙو ٿيو. ائين ڀڳو جيئن ڪاريءَ هيٺيان ڪانءُ. پوپٽيءَ جي نظر کان اوجهل ٿي ويو. پوپٽي چلائڻ لڳي. موٽوءَ کي پڪڙيو، موٽوءَ کي پڪڙيو. پوپٽيءَ جي واڪن سيني جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي. سڀ اکيون مهٽيندا اُٿي کڙا ٿيا. پاڙي جا سڀ دروازا کلي ويا. سيني ڏٺو ته پوپٽي ٻڙ جي وڻ هيٺان اڪيلي بيٺي واڪا ڪري رهي آهي. موٽوءَ کي پڪڙيو، موٽوءَ کي پڪڙيو. ڪير موٽوءَ بابت سمجهي ته

آهي. پر ائين هو نه! هو هميشه پنهنجي تن ۾ رهندو هو. ڪاڇه ٻڌندو ڪاڇ
ڪن لاتار ڪري ڇڏيندو هو. چاڳو ڪنهن ڪان به ٻاچيل سچيل مانيءَ ٽڪ
وٺي ڪونه ڪائيندو. جي ڪو ماني ٽڪر ڏيندس ته نه ڪڏهن ڪونه ڪند
ان ڪان وٺي پريان وڃي ڪتن کي ڪارائي ايندو.

هو صباح جو ڪم تي ايندو هو. اَئين ٻجي اچڻ ڪان اَڳ ويندو سڌ
چانهه واري جي دڪان تي. ٻه آنا ڏيندو. چانهه ۽ ڊبل روٽي وٺندو. چانهه ۾ ڊ
روٽيءَ جو ٽڪرو ٽڪرو ٻوڙي ڪائيندو. وري سائي رنگ واري انگوڇي س
پنهنجو ٻوٽ پيو اُگهندو. اهانيرن ڪري، مٿي تي انگوڇو ويڙهي اَچي ڪ
تي چڙهندو. بس، پوءِ هن لاءِ هتان سڌ ۽ هُتان سڌ.

منانجهند جو هڪ ٻجي اَچي، سيتا ماءُ جي در ٻاهران ٻڙ جي وڻ هيٺ
ديرو دمائيندو. پنهنجي ٿيلهيءَ مان چار مانيون، بصر ۽ هڪ سائو مرچ ڪيندو
هڪ هڪ گره کي آهستي آهستي چٻاڙيندو. اَهڙو ته اطمينان سان ويهي ڪائيند
چڻ هن لاءِ هيءَ زندگيءَ جو آخرين ويلو آهي. پوءِ نل تان پاڻي پي وري اَچي
جي وڻ هيٺان هڪ ڪلاڪ لاءِ سمهي رهندو. شام جو ڇهين ٻجي ڪان پو
چاڳو ڪنهن جو به ڪم ڪونه ڪندو. گم ٿي ويندو. ڪٿي به اوهان ڪ
نظر ڪونه ايندو. ڪٿي آهي سندس گهر. هن جي گهر ۾ پيو ڪير رهندو آهي
خبر الله کي. جي ڪير پڇندس ته چاڳا تون رهندو ڪٿي آهين، ته جو ا
ڏيندو. اَمي غريبن جا ڪهڙا گهر! رات گذارڻ لاءِ مڙيوئي جڳهه ملي ويندي آهي
بس، رب جو آسرو آهي.

هڪ ڏينهن پوليس اسٽيشن تان رات جو ڏهين ٻجي گهر ۾ فون آيو
چيائين مان چيمبور پوليس اسٽيشن تان سب انسپيڪٽر پونسلي ٿو ڳالهايان
اَسان هڪ ماڻهوءَ کي ميونسپل باغ ۾ بنا اجازت رات جو سمهڻ جي ڏوهه ۾ گرفت
ڪيو آهي. اهو ماڻهو شايد گونگو ۽ ٻوڙو آهي. هن وٽ توهان جو فون نمبر لکي
آهي. هن جي شناخت ڪرڻ لاءِ توهان پوليس اسٽيشن تي اچي سگهندا؟ م
حيران ۽ پريشان ته اَسان جو ڄاتل سڃاتل گونگو ۽ ٻوڙو ڪير ٿي سگهي ٿو
جو پوليس وٽ قاتل آهي. پوليس اسٽيشن تي پهچي ڏٺم ته چاڳو هڪ ڪ
۾ اوڪڙون ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺو آهي. پونسلي صاحب چاڳي ڪان اَنيڪ
سوال منهنجي سامهون پڇيا، پر چاڳو چپ جهڙي گونگي ڳاڻ. جڏهن گه
پهتاسين ته مون چاڳي ڪان سوال پڇيو: چاڳا، تو پوليس اَڳيان گونگي ٻوڙ
جي ائڪٽنگ ڇو ٿي ڪئي. پوليس جي سوالن جا تو جواب ڇو ڪين ڏ

رُڪمڻي. هن ڇا ڇا نہ سٺو. سيٺ سندرداس جون گاريون، پوليس جي اڏي پيچا ۽ سپ ڪان وڌيڪ غنبن جي مارڪٽ.

موٽوءَ جي ڳولا ۾ هن رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيو. مندر مسجد ۽ مساڻن ۾ موٽوءَ کي ڳولهيائين. پر هن جو پتو ڪٿي نہ مليو. ڪن چيو، ’موٽو هريدوار ۾ ساڌو ٿي ويو آهي. ڪن چيو تہ موٽوءَ آپگهات ڪيو آهي. پر رُڪمڻيءَ کي وشواس آهي تہ هن جو سهاڳ زنده آهي. هوءَ هر سومر تي شو ڀڳوان جو ورت رکندي آهي ۽ پنهنجي خاوند جي لنبي عمر جي دعا گهرندي آهي. پاڻ ڪشٽ ڪشالا سهندي آهي. ڪن گهرن جو ليپو پهاري ڪندي آهي، پر پنهنجي ٻارن کي بکيو نہ سمهاريندي آهي. هنُ جا ٻار اسڪول ويندا آهن. موٽوءَ جي ڀڄي وڃڻ کان هڪ مهينو پوءِ پوليس چور کي پڪڙيو. هن وٽان ويهہ هزار رپيا هٿ ڪيا. سيٺ سندرداس جو بہ منهن پيت سان لڳو، پر ڏڌو ڪير ٿٽين واپس ڪونہ ويندو. ويچاري رُڪمڻي در ڏانهن اکيون وڇائي ويٺي آهي تہ ڪڏهن ٿو هن جو ساجن گهر پيهي اَچي. هن جي ٻارن جو هڪ ئي سوال آهي، تہ بابا ڪيڏانهن ويو! مان تہ هت ٻڙ جي وڻ هيٺيان موٽوءَ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيس. سوچيم، سائينءَ رُڪمڻيءَ جي ٻڌي آهي، خبر نہ آهي موٽو مون کي ڏسي هيئن پر ڪري ڇو اُڏامي ويو!

سيتا ماءُ جي اکين ۾ پاڻي هو. هڪ سڏڪو ڀري چيائين، پوپٽي دادي، تو ڏاڍي تڪڙ ڪئي. ڇاڱي جي سامهون وڃڻ جي توکي ضرورت ڪهڙي هئي. اَسان سان حال اورين ها! اَسان هن کي سمجهائي گهر واپس موڪليون ها! سچ پڇين تہ ڇاڱو بہ هت ڇڻ ڪو بنواس ڪاٽي رهيو هو. پنهنجي ڪئي جو پل پل پراشچت ڪري رهيو هو. خبر نہ آهي تہ هن جي تقدير ۾ ڇا لکيل آهي!

ڏُکي نہ! ڪن سمجھيو تہ پوپٽيءَ کو منجھند جو پوت ڏنو آهي. ڪ
سمجھيو تہ پوپٽي اڌ ننڊ مان اُٿي آهي. نيٺ سيتا ماءُ ڪيس گلاس پاڻي
جو پيئاري پوپٽيءَ کي سامت ۾ آندو. هن کان پڇيائون تہ اَمڙ ڪهڙ
موٽوءَ کي پڪڙٺو آهي. تڏهن پوپٽيءَ ڌيرج سان سيني کي ٻڌايو
موٽو هٿ وڻ هيٺيان ويٺو هو. هو ماني کائي رهيو هو. ڏسو. هن جو
مانيون، بصر ۽ مرچ. هن جو سائو بوچڻ اَجا هٿ پيو آهي. مان هن ک
سڃاڻان. هو پمپري ڪيمپ ۾ اَسان جو پاڙيسري آهي. ٻن سالن کان گھ
مان پاڇي نڪتو آهي. مون کي ڏسي هو پاڇي ويو. پوپٽيءَ جي ان بيا
مان سيني سمجھيو تہ هوءَ چاڳي بابت ڳالهائي رهي آهي. سيتا ماءُ پوپٽي
کي گھٽو ئي سمجھايو. اَما! توکان غلطي ٿي آهي. هو موٽو نہ. چاڳ
آهي. اَسان سڀ هن کي سڃاڻون ٿا. پر پوپٽي پنهنجي ئي ضد تي. خي
چاڳي جو موقعي و اردات تان پاڇي وڃڻ، وري ڪم تي و اپس نہ ورڻ
پوپٽيءَ جو پنهنجي بيان تي قائم رهڻ؛ ماڻهن کي پڪ ٿي ويئي
چاڳو ئي موٽومل آهي. ماڻهن جون تہ ڏنديون آڱريون لڳي ويون. ڪيت
ڏينهن چاڳو گھر گھر جو چؤپول ٿي پيو.

دادي پوپٽيءَ موٽومل جو داستان سيني کي ٻڌايو تہ موٽو پون
جي پمپري ڪالونيءَ ۾ هن جو پاڙيسري آهي. هن جي گھر ۾ هن جي زا
رُڪمڻي ۽ هن جو هڪ پُٽ ۽ هڪ ڌيءَ آهي. هن جا ٻيئي ٻار اسڪول ۾ پڙهن
آهن. ٻہ سال اڳ موٽو سيٺ سندرداس جي ڪپڙي جي دڪان تي منيب هو
هڪ ڏينهن سيٺ هن کي بينڪ ۾ ويهہ هزار جمع ڪرائڻ لاءِ ڏنا. موٽو ويهہ هز
رپيا ٿيلهيءَ ۾ وجھي هليو بينڪ ڏانهن. ڪنهن شاهينگ هن کي تاڙي ورتو هو
سائيڪل تي سوار هڪ ماڻهو موٽوءَ جي پٺيان آيو. هن جي هٿن مان ٿيله
کسي ڇڙ پر ڪري اُڏامي ويو. موٽوءَ واڪا تہ ڪيا پر ڪو بہ هن جي مدد
ڪو نہ آيو. سيٺ سندرداس پوليس ۾ رپورٽ ڪئي تہ موٽو چور آهي. پ
ئي پڪ هن پيسا هڙپ ڪيا آهن. سيٺ موٽوءَ کي نوڪريءَ مان ڪيي ڇڏيو
موٽوءَ گھٽو ئي سيٺ اڳيان ٻاڏايو. پنهنجي ٻارن جا قسم کنيا، پر سيٺ هڪ
ٻڌس. پوليس پنهنجي جاچ شروع ڪري ڇڏي، پر سيٺ ويهہ هزارن ج
وصوليءَ لاءِ موٽوءَ پٺيان غنده ڇيڙي ڇڏيا. جي نہ فقط موٽوءَ کي پريشان ڪر
رهيا هئا، پر هن جي زال ۽ ٻارن کي بہ حيران ڪري رهيا هئا. موٽو تہ تنگ ٿ
هڪ رات جھنگ منهن ڪري گم ٿي ويو. پر مصيبت ۾ اَچي ويئي ويچار

يچا تہ سالي جي قسمت آهي يار! هن جي ڇوڪري بہ چاهئي جهڙي اَنارڪلي!
ڙي بابا! هن تي ڪنٽرول رکيس نہ تہ ڪير ڪيس اُڏائي ويندءِ. تون ڏسندي ئي
رهاجي ويندينءَ. خيال ڪر. فون ڊسڪنيڪٽ ٿي ويو.

سياڻن سچ چيو آهي، تہ ڪن ٻڌيءَ تي ويساه نہ ڪجي. اکين ڏٺي
جي تپاس ڪجي. مونکي ڪُڙي ڪٿي پوندي. اَندر مان آواز آيو. منهنجو ستيش
اَهڙو نہ آهي. اَسان جي نئين نئين شادي آهي. مونکي ستيش تي شڪ ڪرڻ نہ
جڳائي. هن ڪان سڀ پاڇي وٺنديس. ڇا هو جواب ڏيندو! هو مرد ماڻهو آهي.
پنهنجي عياشي مون سان ڇو سليندو. مونکي وقت وڃائڻ نہ گهرجي.

وقت ڪري واڪا تہ گهوڙو ڇوي گڏه کي ڪاڪا. سڏ ڪيم پنهنجي
ڊرائيور سيتارام کي. سوَ رپين جو نوٽ هٿ ۾ رکيومانس. هو تہ طوطي جيان
هولڻ لڳو. ڇي صاحب جو ڪيترن سالن کان ريٽا ميم صاحبہ سان رستو آهي.
هوءَ پهريائين صاحب جي آفيس ۾ ڪلارڪ هئي. پر هاڻ نوڪري ڪانہ ڪندي
آهي.هن جو ماهيم ۾ گهر آهي. صاحب روز هن جي گهر شام جو ويندو آهي.
ميدم! اِها تہ صاحب جي آفيس ۾ سيني کي خبر آهي.

هٿ جي ڪنگڻ کي هاڻ آرسيءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي. مونکي
هنن ٻنهي کي سڳ سوڌو پڪڙڻو هو. مان شام جو سيتارام کي ساڻ ڪري
وڃي پهتس ماهيم ريٽا جي گهر. دروازو ريٽا ئي کوليو. مان تہ هڪ ڪڻ هن کي
ڏسندي ئي رهيس. منهنجي عمر جي هئي. پر هن جو رک رکاءُ سٺو هو. سچ تہ
ڀهڪي پيئي. شڪل جي گوري، قد جي ڊگهي، اکيون وڏيون پوريون هيس.
اکين ۾ ڪاجل هوس. سندس سرير مان هڪ خاص قسم جي عطر جي خوشبوءِ
پئي آئي. منهنجي ساهيڙيءَ سنيتا هن کي برابر نالو ڏنو هو اَنارڪلي.

ريٽا ڪيڪاري مونکي اَندر وٺي هلي. سامهون صوفا تي ليٽيل هو
منهنجو خاوند ستيش. مونکي عجب لڳو تہ ٺڪي ستيش شور ڪيو ۽ نہ ئي
ريٽا واڪا ڪيا. سچ تہ مونکي ڪمري ۾ ڇانيل خاموشي پريشان ڪري رهي
هئي. مان خالي صوفا تي وڃي ويٺس. ريٽا شربت جو گلاس آڻي منهنجي
سامهون رکيو. ڪمري جي خاموشيءَ کي ٽوڙيندي ستيش چيو، ”سونو، هتي
چو آئي آهين. مان تہ توکي سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ وارو هوس. ريٽا سان منهنجو
چئن سالن کان رستو آهي. اَسان جو ٽن سالن جو هڪ پٽ بہ آهي نيل. هو

# مضبوط ڏور

مان بي. اي. ڪان پوءِ بزنيس مئنيجمينٽ ڪورس لاءِ پڙهائي ڪري رهي هئس. هڪ ڏينهن ڪاليج مان گهر موٽيس تہ بابا چيو، پٽ سونو! اَڄ شام جو بئنگلور ۾ رهندڙ منهنجو دوست ڪشنداس پنهنجي ترمپتني ۽ پٽ سان توکي ڏسڻ لاءِ اَچي رهيو آهي. هن جو پٽ ستيش، هت ممبئيءَ ۾ ڪنهن ملٽي نئشنل ڪمپنيءَ ۾ مئنيجر آهي. ورليءَ ۾ هنن جو عاليشان بنگلو آهي. ڪار آهي نوڪر چاڪر آهن. ڪشنداس پنهنجي پتنيءَ سان بئنگلور ۾ رهندو آهي. هت ستيش اڪيلو رهندو آهي. پٽ! سٺو گهر آهي. ماڻهو چاتل سچاتل آهن. ٻيو ڇا گهرجي! تون ڇوڪرو ڏس ۽ پاڻ فيصلو ڪر.

ستيش شڪل جو سهڻو، قد جو ڊگهو، ٺاهوڪو سرير، پر وان پنهنجو هو. اَسان سيني جي اکين ۾ پئجي ويو. بس اَسان ٻنهي جو مڱڻو ڪيو ويو. هڪ مهيني اندر شادي بہ ٿي ويئي. مان بابا جي سڪيلڌي ڌيءَ ۽ ڀيريون ٻار. بابا ڏاڍو خوش هو. ڌام ڌوم سان منهنجي شادي ڪيائين. دل کولي خرچ ڪيائين. هني مون لاءِ پندرهن ڏينهن لاءِ اسين ٻئي سنگاپور جي سير تي وياسين. مان تہ ممبئي پهچي گهر ڌياڻي ٿي ويس ۽ ستيش پنهنجي ڪم تي. هو صبح جو ڏهين بجي گهر مان نڪرندو هو ۽ رات جو يارهين بجي واپس ورندو هو. اَسان کي گهمڻ ڦرڻ لاءِ هئي تہ فقط آرتوار جي شام. هن کان پڇ تہ جواب ملندو. رت ڪٽورو ڏبو تہ پت ڪٽورو ملندو. منهنجي بہ حالت هئي ڪُڪڙان تہ مُسان، نہ ڪڪڙان تہ اَندر ويٺي لُڇان.

منهنجي شاديءَ کي ڇهہ مهينا گذري ويا. هڪ ڏينهن منجهند ڌاري منهنجي ساهيڙي سنيتا جو فون آيو. کلندي کلندي چيائين، اڙي سونو! تنهنجو گهوٽ راجا ستيش تہ نٽور لال آهي. شاديءَ کان پوءِ بہ ٻيو ڇوڪريون گهمائي!

ڪڏهن بہ مون ڏانهن لاپرواهي ڪونہ ڪئي آهي. هن مونکي بہ پيار ڏنو آهي ۽ ٻنهي ٻارن کي پتا جي ڇانوَ ڏني آهي.

پنڄ سال اڳ جي ڳالهہ آهي. مون ڏٺو تہ ستيش جو سڀ ڪجهہ چڙ چڙيو ٿي پيو هو. شايد هو پريشان هو. هن کي پريشاني آفيس جي هئي يا ريتا جي طرفان هئي؛ خبر ايشور کي! هو ڪڏهن بہ پنهنجو ڀيد ڪنهن کي ڪونہ ڏيندو هو. ان دؤر ۾ هو چڱو پيئڻ بہ لڳو هو. هڪ رات هو ماهيم ڪان ورليءَ ڪار ۾ اَچي رهيو هو. شايد گهڻو پيتو هئائين. هڪ ٽرڪ سان وڃي ٽڪرايو ۽ بس. اُن رات ئي سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو. هيءُ ڪاپاري ٽڪ فقط مون لاءِ نہ پر ريتا لاءِ بہ هو. هڪ ئي وقت ٻنهي جو سنڌور متجي ويو. ٻنهي کي ڏهاڳ جو ڏک مليو. پر ٻنهي مان ڪو بہ هڪ ٻئي جاڳوڙها اُگهڻ لاءِ اڳيان ڪونہ وڌيو. ستيش جي جدائي ۾ هيءُ پنڄ سال مون ۽ منهنجي ٻارن ڪيئن ڪاٽيا آهن، اهو فقط مان ٿي ڄاڻان.

گذريل هفتي جي ڳالهہ آهي. مان شام جو بنگلي جي باغ ۾ ويٺي هئس. شايد ماضيءَ جي تصويرن ۾ کوهيل هئس. منهنجي سامهون هڪ نؤجوان اَچي بيٺو. هٿ جوڙيائين ۽ پيرين پيو. مان هڪ کڻ لاءِ ڇرڪ ضرور پريو. منهنجو ستيش ڪيئن اچي سامهون بيٺو آهي! اُهي ئي روش، اُهو ئي قد بت ۽ ڳالهائڻ جو ڍنگ. ساڳيو روپ و رنگ. مون پاڻ سنڀاليو تڏهن جڏهن هن پنهنجي واقفيت ڏني.

"ممي، مان نيل آهيان. ستيش بابا ۽ ريتا جو پُٽ."

"تون هتي ڇو آيو آهين؟ ڪهڙو ڪم اٿيئي؟" مون سخت آواز سان سوال ڪيو.

"مونکي اوهان سان ڪجهہ ڳالهائڻو آهي."

"مونکي ڪجهہ بہ ڳالهائڻو نہ آهي. منهنجو تو سان ڪو بہ رشتو ڪونہ آهي."

"ممي! رشتو ڪيئن نہ آهي. هيءُ بہ منهنجي پيءُ جو گهر آهي."

"نہ نہ! نہ اڳ رشتو هو ۽ نہ هاڻ رشتو آهي. پر بہ تو کي گهر جي ڇا؟"

"اَما دل جي مريض آهي. هن جو آپريشن ڪرائڻو آهي. پنڄ لک رپيين جو خرچ آهي."

"تہ تون مون وٽان خيرات پنڻ آيو آهين."

منهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ آهي. مون تہ شادي ئي ڪرڻ نٿي چاهي. سچ
منهنجو شاديءَ جهڙي ٻنڌڻ ۾ وشواس ئي نہ آهي. مان آزاد رشتي سان جيئڻ
چاهيان. ماءُ پيءُ جي زور سببان مون تو سان شادي ڪئي آهي. خير جيڪ
ٿيو سو ٿيو. پر هڪ ڳالهہ جي پڪ آهي تہ زندگيءَ جي اَنتم ساهہ تائين م
توهان ٻنهي کي پيار ڏيندو رهندس. اوهان ٻنهي جي گهر گرهستي، سک ۽ آرا
سان هلي: اِها منهنجي جوابداري آهي. توهان ٻنهي مان ڪو بہ هڪ ٻئي ج
زندگيءَ ۾ دخل نہ ڏئي. اِها تہ توهان ٻنهي جي جوابداري آهي. ريٽا کي هي
سڀ منظور آهي. اُميد تہ توکي بہ ڪو اعتراض نہ هوندو. ٻيءَ حالت ۾ تو لا
ڪورٽ جو دروازو کليل آهي.'' اِهو سڀ چئي ستيش تہ چپ ٿي ويو. ري
ساڄو وقت ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺي رهي. مان بہ بنا ڪنهن ٻڙڪ ٻاهر ڪي
جي اُٿي پنهنجي گهر هلي آيس.

ساڄي رات پاسا ورائيندي گذري. ستيش جا اکر تہ ٻيءَ حالت ۾ تو لا
ڪورٽ جو دروازو کليل آهي: منهنجي ذهن ۾ نغارن جيان وڄي رهيا هئا. هي
دوکو نہ آهي تہ ڇا آهي! ڪورٽ ڇا ڪندي! وڌ ۾ وڌ مونکي طلاق ملي ويند
۽ ساڻ ساڻ ستيش وٽان ڪجهہ رقم! هيءُ سوال فقط منهنجي زندگيءَ جو
آهي. هن سوال سان بہ پريوار جڙيل آهن. ڇا منهنجو بابا هن عمر ۾ هيءُ سڀ
جهيلي سگهندو؟ ڇا ستيش جي ماءُ پنهنجي پٽ جا ڪرتوت سهي سگهندي

شايد نہ! سڀني وقت منهنجي اَندر ۾ اُميد جو ترورو جاڳيو تہ مان ت
ستيش جي وواهت پتني آهيان ۽ ريٽا فقط رکيل. منهنجا کي اڌيڪار آهن
منهنجو گهر ۽ سماج ۾ ڪو درجو آهي. جنهن کان ستيش ناڪار نہ ٿو ڪر
سگهي. اِڄ نہ تہ سڀان هن کي سچائيءَ جي اڳيان جهڪڻو پوندو. مونکي ه
وقت ڪا بہ جلدبازي ڪرڻ نہ گهرجي.

بس هڪ اُميد جي تروري سهاري وواهت زندگيءَ جا پندرهن سا
گذري ويا. نہ ريٽا سان ڪڏهن ستيش جو رشتو ٽٽو ۽ نہ ڪڏهن مان سک س
سمهي سگهي آهيان. مونکي ٻارهن سالن جي ڌيءَ ۽ نوسالن جو پٽ آهي. هن
پندرهن سالن ۾ مان ڪڏهن ريٽا جي منهن نہ چڙهي آهيان ۽ نہ ئي ستيش جي ري
سان ناجائز رشتي جي بانس منهنجي مائٽن يا ستيش جي مائٽن تائين پهت
آهي. هڪ ڳالهہ ٻي بہ چوان. تہ ستيش پنهنجي واعدي تي قائم رهيو آهي. ه

"نہ ، مان ڪو فقير ڪونہ آهيان. مان بہ هن گهر جو ڀاتي آهيا
پنهنجي حق سان ڪجهہ گُهران ٿو."

"مِنا! تون سچائي تسليم ڇو نہ ٿو ڪرين تہ تنهنجي ماءُ ريتا منهنج
پتيءَ جي رکيل هئي. منهنجي شادي ستيش سان ٿي هئي ۽ تون هڪ ناجا
اولاد آهين. تنهنجو هن گهر تي ڪو بہ حق نہ آهي."

نيل کي منهنجي لفظن ڌڌڪو ضرور ڏنو. هو پاڻ سنڀالي منهنج
پاسي ۾ بينچ تي ويهي رهيو. منهنجي منهن ۾ ڪجهہ پل نهاريندو رهيو
ڪومل آواز ۾ چيائين، ممي! سوال شادي ۽ رکيل جو نہ آهي. ٻنهي حالتن
تفاوت فقط سماجڪ مڃتا جو آهي. شاديءَ جو ٻنڌن جن کي مڃتو آهي، س
سدائين مڃين: پر منهنجي ڊيڊيءَ جو هن رسم ۾ وشواس نہ هو.

مون چيو، نيل تون سياڻو ٿي ويو آهين. سچ کي ڪوڙ ۽ ڪوڙ ک
سچ ثابت ڪرڻ ڪٿان سکيو آهين؟ هن جواب ڏنو. ممي! اوهان پنهنج
نقطہ نظر سان ٿا سوچيو. ڊيڊي توهان ٻنهي کي برابر ۽ ڀرپور پيار ڏنو. ه
جيون ڀر اوهان ٻنهي سان نڀايو. هن نہ توهان کي پاڻ کان جدا ڪيو ۽
منهنجي ماءُ کي پاڻ کان پري ڪيو. هن لاءِ اوهان ٻيئي هن جو پيار هئا. نہ ڪ
گهٽ نہ ڪا وڌ. هو نہ منهنجي ماءُ کان سواءِ رهي سگهيو ۽ نہ توهان کان سو
جي سگهيو. اوهان ٻنهي کان سواءِ هن جي جيون اڌوري هئي. هن جي پيار
محبت صدقي اوهان ٻنهي هڪ ٻئي کي پنئي جهيليو. توهان ٻيئي هڪ ئ
وقت هن جي رضا تي راضي هيون ۽ هن جي خوشيءَ لاءِ سڀ ڪري رهيو
هيون. اوهان ٻنهي جي وچ ۾ مضبوط ڏور هيو ڊيڊي. هن جي موت جيترو ا
کي ستايو آهي اوترو اوهان کي رلايو آهي. ٻنهي هڪ ئي ساجن لاءِ راتيو
رُنو آهي. اَسان ٻار بہ پڪ ئي پڪ بابا کي اوترو ئي ياد ڪري رهيا آهيو
هن بن ويڳاڻا آهيون.

اِهو چئي نيل سڏڪن ۾ اڇي ڇتڪيو. روئڻ بس ئي نہ ڪري. م
بہ پاڻ جهلي ڪونہ سگهيس. منهنجا ٻيئي ٻار جڏهن جماخانا مان گهر موٽيا
تڏهن هنن اَسان ٻنهي کي باغ جي بينچ تي هڪ ٻئي جي ڀاڪر ۾ زار زا
روئندو ڏٺو. هنن ٻنهي جي اَبوجهہ نظرن ۾ هئا تہ فقط انيڪ سوال، حيران
۽ پريشاني.



**RAAT GUZRI VENDI !**
**(Collection of Short Stories)**

**MANOHAR CHUGH**

Dexterously weaving tales with universal themes, ordinary characters and every day incidents from his own unique perspective, this story teller reveals the truth of existence with sincerity and sensitivity.